# ٺهڪن ۾ ٺاڪوڙا

(سماجي ۽ اصلاحي ڪالم)

**سيد غلام حيدر شاهه قلندري**

**انجمن غلامانِ قلندر (ويلفيئر) سنڌ**



ڪتاب: 21

**ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ**

ڪتاب جو نالو: ٺهڪن ۾ ٺاڪوڙا

ليکڪ: سيد غلام حيدر شاهه قلندري

معاون ڪار: الطاف ملڪاٽي.

مرتب ڪندڙ: شيرخان پنهور

ڇاپو پهريون: مارچ 2022

ڇپائيندڙ: انجمن غلامانِ قلندر (ويلفيئر) سنڌ انفارميشن شعبو

ڪمپوزنگ ۽ سهڙيندڙ: شيرخان پنهور

ٽائيٽل ڊيزائن: مهراڻ سهتو

تعداد: 500

**قيمت : 400**

**All Rights are Reserved at Publisher**

**TEHKAN MAI TAKORA**

1ST EDITION: MARCH 2022©

PUBLISHED BY: A.G.Q.W SINDH INFORMATION DEPARTMENT.

COMPOSING : Sher Khan Panhwar

Contact: 0300-3483688, 0313-3738040

Email: sherkhan.itian@gmail.com

# ارپنا

ايڪويهين صديءَ جي انهن انسانن جي نالي جيڪي چوويهن ڪلاڪن ۾ متواتر سراسري پنج ڪان ڇهہ ڪلاڪ موبائل کي ڏيڻ باوجود ڪتاب پڙهن ٿا انهن قدردانن جي نالي.

**سيد غلام حيدر شاهہ قلندري.**



## فهرست


- قلم جي خوشبو ______ 7
- جيڪو بہ پڙهندو، اهو پرائيندو! ______ 8
- بابا حيدر جون حبداريون ______ 10
- طنز مزاح نگاري ۾ سماج جي عڪاسي ______ 13
- ”ٿهڪن ۾ ٽاڪوڙا“، سماجي براين خلاف بغاوت ______ 15
- ٻہ اکر، ڊاڪٽر علي حسن قمبراڻي ______ 18
- ٻہ اکر، ڊاڪٽر ممتاز قريشي ______ 18
- مصنف پاران ٻہ اکر ______ 19
- پيو ڦاٽي ڦوڪٽو ڦوڪن جو ______ 20
- اوجهري جا ڪم ڏسو گوشت پئي سڏائي ______ 22
- هيراڦيري ۾ بہ هيراڦيري ______ 24
- مينٽل پارٽي ______ 26
- مرشد آهي پر گهوڙو گاهہ مان ٻاهر ڪڍي ______ 28
- ڏاڍو دانگيءَ تي بہ نہ ڏاڍجي ______ 30
- ڪشڪش وارو ڪردار ______ 32
- ٻرڙي ڪٽي ٻارن سان، يارن ڪٽي يارن سان ______ 34
- ڏوهہ ويچاري ڏري (ٻال) جو ______ 35
- خوشيون، خودڪشيون، غميون ۽ غم خواريون ______ 37
- ڪيلي جي ڪل تان ڪريو ڪنڊ پر ڪنڌار ______ 39
- معاشراتي ڀونچال، ڀونءِ مٿي انسانيت جو ______ 41
- وحشي ڍٽو ______ 43
- محبت ۾ مندي ٻيڙائي ______ 45

- نه کُهڻ نه ڌُهڻ پوءِ ڇا جو روئڻ؟ ________ 47
- سٽيا، اٽيا، ڪارا، منا، ڪتا سڀ هڙپ ________ 49
- جمع، جملا ۽ جمالا ________ 51
- واقعا، وهنوار، ورچون ۽ واسطا ________ 58
- چريا ڪريا آهيون پر سمجهون سڀ پيا ________ 55
- چريون ڏئي چار، واڇان ورتيسين هڪڙي، ان جا ٻه اهڙا ئي پار ________ 57
- اخوت مروت تلاش گمشدگي ________ 59
- ٽانڪيون ٽانڪا ۽ ٽوٽڪا ________ 61
- گهٽڪا سٽڪا، مٽڪا ٽري جا ________ 63
- ڪتو ڪروزر ۾ يا ڪوهه ۾، پر پينو پنندي ئي سوگهو ________ 65
- عشق ٿيو فشق ٽڪان ولان ڏي ________ 67
- واٽون ويهه ٿيون، نقل جي نخرن ۾ ________ 69
- لڪئي جا ليک، ٽڙيا ويچارا ٽڙجيو وڃن ٽا ________ 71
- ماڻهو هو پلو پر ڪريو خوامخواهه جو ________ 73
- رولو لڏو، وڪاڻو وڃي ونگاري تي ________ 74
- هڇڪيون جهڙپون ۽ جهمريون ________ 76
- ساڍا چار وارن جو سٿ تي ڪانٽو ________ 78
- پيڪيون ۽ ڦڙڪيون هوا ۾ اڏريون ________ 80
- چنڊن ۾ هٿ، هڏو ويو نڪري، لوڏ لڙهيو چسڪو ________ 81
- رُسڻا روئيندا رهيا، کِلَڻن کَٽيون بازيون ________ 83
- لالچي لومڙي، ٻگهڙن جي ڳوٺ ۾ ________ 85
- ڪوڙن ۽ ڪرن جي پوي خبر هار جيت سان ________ 87
- پيڪنگ جي پڪنڪ ۾ گم اسان جا غم ________ 89
- ماسڪ ۾ ٽاسڪ آهي ________ 91
- جنوني الست شخص ________ 93
- جيڏانهن رخ، تيڏانهن مخ ________ 95
- لائبريرين ۽ لاپرواهيون ________ 96
- ڪاٺ ڪنو ۽ طوطو ________ 98
- لکن جا هيرا، ٽکن ۾ وڪاڻا ________ 100
- ڪُتا آهيون، تڏهن ٻه خان آهيون ________ 102
- ڪارڙو ڪمارڙو ان پاڻي ڏي، ته مينهن وسي ________ 104
- ڏيڏر ٽپ جوّار، ڪوئي ڪوئي ٽڏا واڙ ________ 106
- تڏي آئي ۽ پُٽ ڄائي ٻه ڪو آرهو ٿئي؟ ________ 108
- اڇو ته چنڊ ڪي چورايون ________ 110
- دائي کان پيٽُ ۽ ڪُڙميءَ کان ڪيٺُ ڳجهو ڪونهي ________ 112
- سڀ رئيس گهوڙو ڪير ٻڌي؟ ________ 114
- گنجو چوي، سڀ مون جهڙا ٿين ________ 116
- عادت مٿي، نه عادتي، علت مور نه جاءِ، اُٺ پوي ڪٽڪ ۾ ته به ڪنڊا چوندي کائي 118
- قلم گونگي جي زبان آهي ________ 120
- نئون ڏڳو نار ۾، وَهي ٿو واپار ۾ ________ 122
- هڪڙو انڌو، پيو گُهمي ڪيڙيءَ ۾ ________ 124
- روز روز نئين کوهه جو پاڻي نه ڇڪجي ________ 126
- سيد غلام حيدر شاهه قلندريءَ جا ڇپيل ۽ ايندڙ ڪتابن جي فهرست ________ 128

# قلم جي خوشبو

هن  ڪائنات جي رنگ منچ تي حضرت انسان ئي اُها مخلوق آهي جيڪو زندگيءَ جي چمن کي رنگ ۽ خوشبو عطا ڪري ٿو پر ڏنو وڃي ته هڪ پاسي اهڙا ماڻهو آهن جن جي وجود مان گلن جهڙي مهڪ اچي ٿي ۽ آس پاس جي ماحول کي رونق بخشي ٿي ۽ ڪجهه اهڙا ماڻهو به آهن جن جي دلين ۾ ڪوڙ، ڪلفت، نفرت ۽ ڏيڪاءُ ۽ تخير جهڙا زهريلا ٿوهر ڦٽل آهن اُهي زندگيءَ جي چمن ۾ ٽڙندڙ خوبصورت گلن کي ايذائيندا رهن ٿا ۽ اهڙن ئي ايذائيندڙ ماڻهن جي ڦهلايل گند کي صاف ڪرڻ لاءِ هن زندگيءَ جي رنگ منچ تي صاف دل صوفي مالهيءَ وارو ڪردار ادا ڪن ٿا جيڪي پنهنجي علم، قلم، ڪردار ۽ گفتگو ذريعي نفرتن کي محبتن ۾ تبديل ڪن ٿا جيڪي ذهنن مان زهر ڪڍي دلين ۾  محبتن جي ماکي وجهن ٿا ۽ سائين سيد غلام حيدر شاهه ڪاظمي قلندري جن جو قلم هر زهر کي ماکي ڪري ماڻهن ۾ محبتن جي خوشبو ڦهلائيندو رهي ٿو جنهن جو ثبوت هيءَ ڪتان ٽهڪن ۾ ٽاڪوڙا آهي.

**الطاف ملڪاڻي.**



# جيڪو به پڙهندو، اهو پرائيندو!

اڄڪلهه جا اڪثر ماڻهو چوڻ ته ٽڙ ٽڪڙ جي اهڙي ڪنهن جهانُ جا واسي آهن، جنهن ۾ ماڻهن وٽ وقت ئي وقت هوندي به، وقت نه آهي! جنهن کي ڏس، موبائيل ۾ مصروف آهي! اهڙي ماحول ۾ ماڻهن وٽ مطالعي جو ته بلڪل به وقت ڪونهي، پر جيڪڏهن ڪير به، چند گهڙيون مطالعي لاءِ ڪڍي به ٿو ته اها غنيمت پنهنجي جاءِ تي، پر سچ اهو آهي ته اڄڪلهه سنجيده موضوع ۽ ڊگهيون تحريرون پڙهڻ، چوڻ ته ڪنهن لاءِ به ممڪن ئي نه رهيو آهي. جڏهن ته عالمي ڳوٺڙو بڻجي پيل هي دنيا، انهن ماڻهن جي دنيا آهي، جيڪي وقت ۽ ان جي تقاضا کي سمجهڻ جي سرت، سمجهه ۽ ساڃاهه رکن ٿا.

منهنجي ذاتي خيال مطابق، جيڪڏهن گهڻ رخو ۽ حقيقت تي مبني جائزو وٺبو ته پنهنجو جيڪو عام ماحول آهي، ان تي صرف ڳڻتي ئي ڪري سگهجي ٿي! ان ڳڻتي جي ازالي جي ڪوشش ڪري سگهجي ٿي.

سائين غلام حيدر شاهه ڪاظمي قلندري جو شمار انهن ماڻهن ۾ ٿئي ٿو جن کي حاضر دور ۾ پنهنجي ماحول ۽ ان ماحول ۾ رهندڙن جو فڪر آهي.

سائين غلام حيدر شاهه ڪاظمي قلندري لاءِ آئون اهو لکڻ لازمي ٿو سمجهان، ته سائينءَ! پنهنجي علم ۽ حلم جي روشنيءَ ۾

ماڻهن جي سوچڻ جو انداز ڏسي، پنهنجي زبان ۽ قلم کي اهڙي طرح استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن جي نتيجي ۾، جنهن وٽ تمام ٿورڙو بہ وقت آهي، اهو سائين غلام حيدر شاهہ ڪاظمي قلندري جون ڳالهيون ٻُڌي ٿو ۽ تحريرون پڙهي ٿو.

جيتوڻيڪ "تهڪن ۾ ٽاڪوڙا" سائين جو گهڻو ڪري ايڪيهون ڪتاب آهي، پر آئون سمجهان ٿو تہ سندس هي ڪتاب، گذريل سمورن ڪتابن کان وڌيڪ پڙهيو ويندو. ڇو تہ هن ڪتاب جو نالو تہ پرڪشش آهي ئي آهي، پر هن ڪتاب ۾ شامل اڪثر تحريرن جا عنوان بہ توجهہ ڇڪائيندڙ آهن. جڏهن انهن عنوانن ۾ موجود مواد پڙهجي ٿو تہ پڙهندڙ ڪتاب جي نالي ۽ تحرير جي عنوان مان مانوس ٿيڻ وانگر، مڪمل تحرير بہ ساڳي دلچسپي سان پڙهي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. ڇو تہ سائين غلام حيدر شاهہ ڪاظمي قلندري جي هن ڪتاب "تهڪن ۾ ٽاڪوڙا" ۾ اهو سڀ ڪجهہ آهي، جيڪو اڄ ڪلهہ جي تڙ تڪڙ واري جهان جي موبائيل ۾ مصروف اڪثر ماڻهن کي پڙهائڻ جي شديد ضرورت آهي. هن ڪتاب ۾ اهڙو مواد آهي، جيڪو ماڻهن وٽ وقت ئي وقت هوندي بہ، وقت نہ آهي، پر جيڪو بہ ماڻهو هي ڪتاب ڏسندو اهو ڪتاب کي اٿلائيندو پٿلائيندو ۽ جيڪو بہ ڪتاب کي اٿلائيندو پٿلائيندو، اهو ڪتاب پڙهندو ۽ هي ڪتاب جيڪو بہ پڙهندو، اهو پرائيندو!

**منل جسڪاڻي.**



# بابا حيدر جون حبداريون

پهرين تہ آئون ناچيز ايترو لهان ئي ڪونہ جو بابا سائين غلام حيدر شاهہ قلندري لاءِ انهن لفظن جي چونڊ ڪري سگهان جيڪي بابا سائين جي علمي ادبي قد ڪاٺ ۽ سندن شخصيت لاءِ بلڪل ايترو وزن رکندا هجن جيترو بابا سائين جي ذات جي اڏام تائين پهچي سگهن، بابا سائين کي ۽ سندن لکڻين کي ذات جي ڏيهہ ۾ هيرن جي اڻ کٽندڙ کاڻ سان پيٽا ڏيان يا ارپيان فطرت جون اُهي سحر انگيزيون جيڪي جن کي محسوس ڪرڻ يا پرکڻ سان انساني سوچ سِڪ، سونهن ۽ سچائي جي حقيقي رنگن تائين رسائي حاصل ڪري ٿي، ڇونہ سوپيان بابا سائين کي جهان جا سمورا جلترنگ، چنڊ جي چاهت ۾ پرواني جي عشق جي اوچائي، يا پيٽيان ڪنهن مست ملنگ جي اندر جو احساس جيڪو دُنيا جي هر ان خواهش کان بي خبر آهي جيڪا وقت حاضر ۾ انسان جي پتڪڻ جو سامان آهي. بابا سائين غلام حيدر شاهہ صاحب جو ديدار سال 1988ع ۾ نصيب ٿيو جڏهن جڳ جا ماڻهو بابا سائين کي غلام حيدر شاهہ ٻُستاني جي نالي سان سڃاڻيندا هئا تڏهن کان اڄ ڏينهن تائين سائين بابا سان پريت جا پيچ ڳنڍيل آهن ۽ انشاالله جيون جوڳ ۾ ساڻ سلامت رهندو. آئون سمجهان ٿو سائين بابا

کي ڏات جا انمول خزانا ڪنهن اهڙي ورهاست ۾ ولايت جي نگري مان مليل آهن جيڪي هر ڪنهن کي نصيب ناهن ٿيندا.

بابا سائين سيد غلام حيدر شاھ قلندري روحاني صوفياڻي سلسلي (انجمن غلامانِ قلندر ويلفيئر) ۾ سڀاجهڙي سنڌ سميت پوري پاڪستان ۾ سلسلي جي اصل مقصدن ۾ ڪمن سان گڏ ان ئي ڪم جي هڪ ڪڙي ڪالم لکڻ ۾ انهن کي سلسلي سان ڳانڍاپيل توڙي خلق خدا لاءِ سبق آميز مواد پهچائڻ جو هڪ سگهارو ذريعو پڻ ٿاهيو. سائين جن لکيل ڪالم پرنٽ ميڊيا جي دنيا ۾ مُختلف اخبارن ۾ رسالن جي زينت بڻيا جن مان مون فقير (راقم القلم) سميت اڻ ڳڻيا سلسلي جا ساٿي ۽ خلق خدا مستفيد ٿئي پئي. وقت جي مُختلف مونجهارن ۾ معاشري جي سرسري مشاهدي مان اها ڳالھ پڻ عالم آشڪار نظر اچي ٿي تہ هن پونءِ مٿان پٽڪندڙ انسان روحاني سڪون جي ڳولا ۾ پنهنجا پير پٿون ڪندي نظر اچي ٿو درد دل جي دوا لاءِ ڪنهن دارون دوا جو متلاش آهي پر انهي ڪوشش ۾ هلندي رهنمائي نہ هئڻ ڪري انسان انهي چوواٽي تي پهچي وڃي ٿو جتي ڪيس سڀ رستا وسري وڃن ٿا. سندس حواس ڪنهن بد مست گهوڙي جيان واڳون ٽوڙي سندس قبضي مان نڪريو وڃن، نتيجو اهو ٿو نڪري تہ انسان راھ راست کي ڇڏي ڪنهن اڻ ڏٺي واٽ ڏانهن نڪريو پوي پوءِ ڪٿي اهو پٽڪيل ماڻهو ڪنهن اڻٿيهين اونداهي ۾ گُم ٿيو وڃي تہ ڪٿي پنهنجو پاڻ وڃائي حق ۽ باطل جو فرق وساري انهن ڪُڌن ڪمن ۾ لڳيو وڃي جيڪي سندس بدنامي جو سبب ۽ نيڪ انسانن لاءِ اذيت ۽ مصيبت جو باعث بڻجن ٿا. اهڙين حالتن ۾ اها هڪ حق سچ حقيقت آهي تہ بابا سائين غلام حيدر شاھ قلندري جي لفظن جو



مضبوط سهارو ۽ دور انديشي اهڙن پٽڪيل ماڻهن کي روشني ڏيکاري واپسي جو دڳ پسائي پُرسڪون طرز حيات ڏانهن وٺيو اچي. اها پڻ هڪ تلخ حقيقت آهي تہ وقت حاضر ۾ سوشل ميڊيا جي شور ۾ جتي لکڻ ۽ پڙهڻ جو رحجان تمام گهٽو گهٽجي ويو آهي اتي حالتن جي نزاڪت کي ڏسندي بابا سائين غلام حيدر شاھ قلندري پنهنجا ڪالم اصلاح، مذاح ۽ پڙهندڙن جي سوچ کي نظر ۾ رکندي 'تهڪن ۾ ٽاڪوڙا' جي سري هيٺ لکي اهڙو تہ وزنائتو سلسلو شروع ڪيو آهي جو پڙهندڙ سائين بابا جو لکيل ڪالم آخري لفظ تائين پڙهڻ تي مجبور ٿيو پوي، نہ رڳو ايترو پر ڪالم پڙهڻ کان پوءِ ان ڪالم جي سبق آميز ڳالھ جنهن کي سينٽرل آئيڊيا يا ONE LINE ڪٽي چئجي مان گهٽو ڪجھ پرائي پنهنجي اصلاح ڪري ٿو، وجود يا ڪردار مان ڪا ڪُٽل شيءَ پوري ڪري ٿو ٻين لفظن ۾ مڻ ميراڻ ڏوئي ٿو ۽ ڪردار جي ڳري وجود کي هلڪو محسوس ڪرڻ لڳي ٿو.

**دلشاد خاصخيلي.**

# طنزمزاح نگاري ۾ سماج جي عڪاسي

سائين غلام حيدر شاهه قلندري جا مختلف وقتن تي نون نون موضوعن تي ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيندا رهن ٿا. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته هي مسلسل لکندڙ ليکاري آهي جيڪو پنهنجي لکڻين ذريعي سماج ۾ تبديلي جو منتظر آهي، اڄ سندس هي ڪتاب (ٺهڪن ۾ ٺاڪوڙا) جيڪو طنز مزاح نگاري واري ادب کي زنده رکڻ جي هڪ ننڍڙي پر سٺي ڪوشش ڪئي آهي.

جڏهن هڪ نظر عالمي ادب تي وجهي ڏسبي پوءِ هي ڄاڻ ملي ٿي ته هر ملڪ جي سرزمين جي ليکارين طنز مزاح جي ادب کي اپنايو آهي، انهي ڪري ته هن ادب ۾ سماج جي برائين تي آساني سان ڳالهائي سگهجي ٿو،سنڌ جي اديبن به طنز مزاح نگاري ادب کي جيئندان بخش لاءِ ڪم ڪيو آهي پر اهڙي ڪم جا ڪجهه متخلف دور ملن ٿا. مسلسل مزاح واري ادب تي اسان ڌيان نه ڏنو آهي. دنيا جي عالمن جو مزاح بابت چوڻ آهي ته،

"طنز هڪ اهڙي تحرير آهي جنهن سان انفرادي عيبن ۽ معشاري جي اوڻاين کي تنقيد جو نشانو بنائي سگهجي ٿو".

سنڌي ادب ۾ اسان جي ليکڪن پنهنجي نظم ۽ نثر ۾ طنز مزاح ۾ ادب جي آبياري لاءِ ڪم ڪيو آهي، جيڪو ٿيو گهٽ آهي پر سٺو ۽ اصلاحي ٿيو آهي، شمير الحيدريءَ جو مضمون (سنڌي ادب ۾ مزح نگاري) هجي يا ايس ضياءُ الدين بلبل جو مقالو کي ڏسجي انهن مزاح جي ادب کي اڳتي آڻڻ لاءِ ڪوششون ورتيون آهن، ته شمس الدين "بلبل"، امام الدين "ضامن" ۽ غلام رسول "سومري سودائي" جي طنز مزاح ۾ شاعري به ملي ٿي.



هن ڏيهه ۾ سچ ڳالهائڻ لاءِ يا ته چريو ٿيڻو پوي ٿو يا کل ڀوڳ ۾ ئي سچ ڳالهائي سگهجي ٿو ٻي صورت هي سماج سچ کي قبول ڪرڻ بدران سچ ڳالهائڻ واري جو مخالف ٿي بيهي ٿو. جڏهن عزت ماب غلام حيدر شاهه قلندريءَ جي مزاحيه پر اصلاحي ڪالمن جي ڪتاب (ٺهڪن ۾ ٺاڪوڙا) تي مان پنهنجي پاران ٻه اکر لکي رهيو آهيان ته الاهي خوشي محسوس پئي ٿئي ته طنز مزاح ۾ ڪالم نگاري واري فن کي زنده رکڻ لاءِ سائين غلام حيدر شاهه قلندريءَ به پنهنجي حصي جو ڪم تمام ايمانداري ۽ سچائي سان ڪيو آهي، جي ڏٺو وڃي ته اسان وٽ حليم بروهي، نور گهلو مزاحيه ڪالم لکندا رهيا آهن ۽ عزيز ٽالپور اڄ به لکندو رهي ٿو، پنهنجي لکڻي ۾ طنز مزاح جو روح ڦوڪڻ به هڪ ڪماليت آهي ۽ اهڙي هنر مندي جو فن سائين غلام حيدر شاهه قلندريءَ جي هنن ڪالمن ۾ نظر اچي ٿو.

هن ڪتاب ۾ شامل ڪالمن ۾ فڪري، اصلاحي سونهن ملي ٿي جنهن سان سماج جي عبين ۽ اوڻاين تي سائين غلام حيدر شاهه قلندريءَ ٽوڪ ڪندي نظر اچي ٿو. مضمونن ۾ استعمال آندل ٻولي سادي، سولي ملي ٿي جنهن کي هر پڙهندڙ سمجهي سگهي ٿو.

جي ڏٺو وڃي ته ڪالمن جا عنوان ۾ معنيٰ خيز آهن، جيئن "اوجهري جا ڪم ڏسو گوشت پئي سڏائي"، "هيرا ڦيري ۾ به هيرا ڦيري"، "ٻرڙي ڪئي ٻارن سان يارن ڪئي يارن سان"، يا "ڪيلي جي کل تان ڪريو ڪنڌ ڀر ڪنڌار"، ڏسون هي ڪيڏا ته اصلاحي سماجي جي ڀرپور اوڻاين جي عڪاسي ڪندڙ عنوان آهن جنهن کي پڙهڻ سان محسوس ٿئي ٿو ته سائين غلام حيدر شاهه قلندريءَ بلڪل صحيح انداز ۾ سماجي برائين تان پردو کيو آهي، ۽ اميد رکان ٿو ته هي ڪتاب (ٺهڪن ۾ ٺوڪوڙا) سنڌي ادب ۾ سٺو وڌارو آهي.

**محبوب سنڌي**

# “ٿهڪن ۾ ٿاڪوڙا” ۽ سماجي برائين خلاف بغاوت

سنڌ ۾ هڪ اهڙي جماعت پروان چڙهي آهي، جنهن پنهنجي نرالي انداز سان سنڌ ۾ نه صرف حقيقي صوفي ازم جي پرچار ڪئي آهي، پر خاص طور تي نوجوانن کي سماجي برائين کان پري ڪري انهن کي جسماني، روحاني ۽ خيالي پاڪيزگي طرف مائل ڪيو آهي. دنيا ۾ اهڙيون جماعتون يا شخصيتون آڱرين تي ڳڻڻ جيتريون هونديون، جيڪي فرسودگي، خيالي ذائقي ۽ گنيل پينيل روايتن سان مقابلو ڪري، نوجوانن کي ترقي پسند سوچ، سڌريل ۽ صحتمند سرگرمين ڏانهن مائل ڪرڻ لاءِ شخصيت ساز ڪردار ادا ڪنديون هجن. انجمن غلامان قلندر هڪ اهڙي جماعت آهي، جنهن صوفي ازم جي شاندار روايتن کي هٿي ڏني آهي. جيڪا پيري مريدي، شخصيت پرستي ۽ آسائشي انداز کي رد ڪري ٿي پر ان جماعت جو مڪمل توجهه پلائي ۽ ماڻهن جي اخلاقي، سماجي ۽ معاشي ترقي جي پرچار طرف آهي.

منهنجو خيال آهي ته انجمن غلامان قلندر (ويلفيئر) سنڌ، علم ۽ ادب جي اوسر ۾ به وڏو ڪردار ادا ڪري رهي آهي، هي جماعت هڪ طرف عشق رسول ﷺ ۽ انسان سان پيار جي درس سان گڏ، سينه به سينه درود پاڪ جي تبليغ ڪري رهي آهي ته ٻئي طرف سماجي رابطن واري نظام ۽ قلم ذريعي بزرگن ۽ صوفياءِ ڪرام جو پيغام



رسائي جو ڪم ڪيو پيو وڃي، انتهائي ڪمال جي ڳالهه اها آهي ته انجمن غلامان قلندر جا سرواڻ سائين محمد علي قلندر ۽ موجوده سرپرست سائين غلام حيدر شاهه بادشاهه پنهنجي علمي، عملي ۽ ڪڏيل ڪشالن کي لفظن ۾ اتاري ڪيترائي ڪتاب ترتيب ڏنا آهن، جنهن ۾ لاتعداد ماڻهو مستفيد ٿي رهيا آهن.

جنهن سماج ۾ پاڻ هاڻي ساهه کڻي رهيا آهيون، ان دور ۾ خاص طور اصلاحي تنقيد ڪرڻ ۽ تنقيد جي سهپ هجڻ وارو رجحان نه هجڻ جي برابر آهي، هن دور ۾ سهپ، سڃاڻپ، اخلاق ۽ تعميري سوچ جو جڻ ڪال پئجي ويو آهي، ماڻهن وٽ سهپ نالي ڪا به شيءِ ناهي رهي، لالچ، حوس ۽ خودغرضي سبب سماج ۾ رشتن، واسطن ۽ دوستين جو معيار ئي بدلجي ويو آهي، ۽ انهن سڀني شين ۾ لالچ ڪاهي پئي آهي، ۽ هاڻي سڄڻ ۽ دشمن جي پرک ڪرڻ به مشڪل ٿي ويو آهي، اهڙي معاشري ۾ پنهنجي ڪمزوري، خامين ۽ اخلاقي ڏيوالپڻي، برائين ۽ ٻين جي حقن جي لتاڙ بابت سچ چوڻ يا ان خلاف آواز اٿارڻ پنهنجي سر جو سانگو لاهڻ جي برابر آهي.

سيد غلام حيدر شاهه قلندري جي لکڻ جو هنر انتهائي ڪمال آهي، جن پراڻي پهاڪن ۽ نئين سماجي اٿل پٿل جو امتزاج جوڙي انتهائي شاندار ۽ دلچسپ انداز ڪالم تحرير ڪيا آهن، سائين جن جي ڪتاب “ٿهڪن ۾ ٿاڪوڙا” ۾ شامل سڀ ڪالم سماجي مسئلن بابت لکيل آهن، سائين جن آسان عوامي ٻولي ۾ ماڻهن جي مزاج، ڪردار، سماجي برائين، اخلاقي، ذميواري روئيي، سماج ۾ موجود خامين ۽ انسان جي عادتن کي بهترين نموني سان وائکو ڪري پنهنجي قلم وسيلي، ان تي نوڪ جهوڪ ۽ گهرائي سان هاڪاري تنقيد ڪري

ماڻهن کي ان طرف متوجهه ڪرڻ جو ڪمال انداز اپنايو آهي، خاص طور تي "تولو مولو" جا خيالي ڪردار تخليق ڪري، ڪنهن جي بہ دل آزاري ڪرڻ بجاءِ هن سماج جي هر ماڻهو جي ڪردار کي ڪالم ۾ اڪثر هنڌن تي ڪالم کهاڻي واري انداز ۾ لکيو آهي، جيڪو هر ليکڪ جي  وس جي ڳالهہ ناهي.

سيد غلام حيدر شاهہ قلندري، هڪ طرف درود پاڪ جو پيغام ڪٺي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ سميت ملڪ ۾ ملڪ کان ٻاهر بہ تبليغ جي سرواڻي ڪري رهيا آهن، تہ ساڳي وقت، اهڙي مصروفيتن باوجود مجازي ۾ اصلاحي شاعري ۾ ڪالم ذريعي معاشري ۾ موجود اوڻائين کي نشاندهي ڪن ٿا ۾ سماج جي هر فرد ۾ مڪتبہ فڪر سان سلهاڙيل ماڻهن جي شخصيت سازي جو ڪم سرانجام ڏئي رهيا آهن.

"ٿهڪن ۾ ٽاڪوڙا" ۾ شامل سڀ ڪالم پنهنجو مَٽُ پاڻ آهن، انهن کي هنياءَ ۾ هنڊائڻ سان، اهڙيون تحريرون،خاص طور تي اسان جي نوجوانن، شاگردن ۾ سنڌ واسين جي ذهني، علمي، اخلاقي ۾ سائنسي اوسر ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون، ڪتابن سان صحبت واري ختم ٿيندڙ ماحول ۾ سائين غلام حيدر شاهہ قلندري جو مسلسل لکڻ ۾ مصروف رهڻ، ڪتاب شايع ڪرائڻ ۾ بنا ٿڪاوٽ جي پنهنجو قلم پورهيو جاري رکڻ تي، ڪين سلام پيش ڪريان ٿو اميد تہ سائين جا ڪالم سنڌ جي سماجي سائنس سان سلهاڙيل ماڻهن کي بهترين چاڻ ميسر ڪندا رهندا.

## گل شيرلوچي (ٽنڊوڄام)



پلا پاڳ پائيندس جو سائين سيد غلام حيدر شاهہ قلندري جهڙي عظيم هستيءَ جي قلمي پورهئي تي لکڻ جو موقعو مليو سائين پنهنجي هن ڪتاب ۾ معاشري ۾ موجود انهن سيني ناسور ٻڻجي ويل ڪردارن، برائين ۾ بڇڙائين کي اهڙي طريقي سان وائکو ڪيو آهي جيڪو هر ليکڪ جي وس جي ڳالهہ ناهي. سنڌن جي عظمت ۾ محنت کي منهنجو سلام آهي.

## ڊاڪٽرعلي حسن قمبراڻي.

ڀيرين تہ آئون پنهنجو پاڻ کي ان قابل ئي نٿو سمجهان تہ سائين سيد غلام حيدر شاهہ قلندري جهڙي عظيم هستيءَ جي محنتن کي پنهنجي لفظن ۾ سمائي سگهان، هڪ طرف تہ سائين سيد غلام حيدر شاهہ قلندري پنهنجي خطابت ذريعي عشق مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم کي عام ڪري رهيا تہ ٻي طرف پنهنجي تحريرن ذريعي موجوده دور جي سماج ۾ موجود اوڻائين جي بهترين نموني عڪاسي ڪري رهيا آهن. سنڌن ڪاوشن کي سلام پيش ڪيان ٿو.

## ڊاڪٽرممتاز قريشي.

# ٻه اکر

اصل ۾ ڪتاب ٿڪن ۾ ٽاڪوڙو هڪ ڪالمن جي صورت ۾ حالاتِ حاضره جي انهن سينِي اوٽائين جي نشاندهي تي مشتمل آهي جيڪي وقتن بہ وقتن اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. موجوده وقت جي تقاضا ۽ هن ايڪويهين صديءَ جي انساني مزاج کي ڏسجي تہ هي اهڙو ٻڌجي چڪو آهي، جتي هڪ ديني مبلغ ۽ مذهبي واعظ بہ ڪل مسخري ڪندي شوق سان ٻڌو ٿو وڃي. اهڙي سماج ۾ وري اصلاح ۽ حق واري دشوار واٽ ۽ ان تي آڻڻ لاءِ اصلاحي لٽريچر سمجهائڻ آسان ڳالهہ ناهي، جيئن ڳالهين ڳالهين ۾ سواءِ ڪنهن دل آزاريءَ جي ڳالهہ دل تي اثر انداز ٿئي، اها بہ هڪ وڏي ڪاميابي آهي، الحمد الله دوستن جي مهربانين ۽ پرنٽ ميڊيا بہ مڪمل ساٿ ڏنو آهي هن ڪتاب ۾ موجود سڀ ئي ڪالم اڳ ۾ بہ ڇپيا آهن انهن جو وڏو ڪريڊٽ پٽ شيرخان پنهور کي آهي، جيڪو انهن کي ڪمپوز ڪري رياض عالماڻي ۽ شهزاد ملاح جي سهڪار سان اخبارن ۾ موڪلڻ ۽ شايع ڪرائيندو آهي ۽ پوءِ ڪتاب جي صورت ۾ آڻڻ لاءِ انهن سينِي سڄڻن جن مالي سهڪار ڪيو ۽ سائين الطاف ملڪاڻي جي معاونت سان شير جي محنت رنگ لاٿو جيڪو هن وقت اوهان جي هٿن ۾ آهي، اميد آهي تہ نوجوان طبقو توڙي تمام ماڻهو هن مان سٺو لاڀ پرائيندا.

**سيد غلام حيدر شاهہ قلندري**



## پيو ڦاٽي ڦوڪٽو ڦوڪن جو

اسان جي ڏيهہ ۾ ڏهيسرن جو قحط ڪونهي، ڪاٽن ۽ ڪلف وارا ڏهيسر، مڇن کي ٽتليون ڪري مٿي چاڙهي چوٽائڻ وارا ۽ وڏي نڪ وارا ڏهيسر، هوٽلن تي هل هنگاما، هينگون، پبجي گيم کيڏڻ وارا ۽ واتن ۾ ورتل گٽڪا چوسڻ وارا ڏهيسر، خيسا خالي جيبن ۾ لنڊيون بلائون اڏار تي نڪتل شوقين ڏهيسر، ڪڪڙن جي ملاڪڙي تي حصي پتي مان مليل رقمن تي شراب جي چسڪن ۾ مست ڏهيسر، ڏسڻا وائسڻا هر فوٽو تي سواءِ ڏسڻ جي ماشاءالله لکڻ وارا پلي ڪو ڪنهن جو مائٽ فوت ٿيو هجي پر لکڻو وري بہ ماشاءالله اهڙا دانا ۽ دلبر ڏهيسر، فقط فوٽون سيشن لاءِ پهتل نالي وارا رانديگر سواءِ انعام جي موٽندڙ ڏهيسر، ٽڳي جي ٽڪائن تي نڪتل لٽيرن لوٽن جا ٽولا ٽولين ۾ ڏهيسر، واٽا واپاري وفا جي نعرن جي گونج ۾ نرڙ تي لڪيرون لچڻن وارا ڏهيسر، مطلب تہ گهران جيڪو بہ دال ماني تي ويچاري امڙ کان کاوڙجي اهو بہ مڙس ڏهيسر، اهي سڀ اسان جا ڏهيسر فقط سوشل ميڊيا تي، ڪي پرنس، ڪي لاڏلا، ڪي جوڏا جوان. اصل ۾ ڏسجي تہ

مڙس وياجن جي ڪنيل قرضن ۾ جڪڙيا پيا آهن، عجب تماشو ۽ روش آهي.

هڪ دفعي، تولو مولو ڪي پرواري وڏيري چيو اڄ هلو تہ اسان ڪرڪيٽ ميچ جا مهمانِ خصوصي آهيون. ڳالهہ خيرن جي ۽ ويگو جون اندريون سيٽون بہ خالي هيون پر تولو مولو ڪي وري پروٽوڪول لاءِ ڊالي ۾ ويهڻو پيو. وچي پهتا گلن جي ورڪا ۾. ٽنگ ٽنگ تي چڙهي پئي وڏيري جي شهپرن ڪي سٽڪا، تيستائين شوروم وارو پڇائون ڪندو ڪندو ميدان ۾ پهچي ويو. وڏي چڪ چڪان ڪانپوءِ ويگو شوروم وارو ڪاهي ويو. ڪجهہ ڪپڙا بہ ڦاٽا، هاڻي همراهہ آهستي آهستي کسڪڻ جي ڪئي. تولوءِ مولو خالو هوٽل وارو جنهن ڪرڪيٽ جي ميدان ۾ چڻن جو گاڏو لڳرايو هو اتي بيٺل هئا. بس وڏيرو اچي اتي پهتو شاباش هجي خالو ڪي پوءِ بہ ڳوٺ جو هو جنهن گاڏي جي هيٺيان ٻوري ٻڌل ۾ لڪائي ويهاري هڪ چڻن جي پليٽ هٿ ۾ ڏنائين، چيائين بک ٿو مرين ماٺ ڪري کاءُ. ائين وچي گهر پيڙو ڪيائين ۽ سمجهائيندو ويس، آئون بہ فنڪاريون سکيو هئس سرمائي سائينءَ کان، ڏاڍا پادر ڪاڏاسين، بس توبهہ ڪئي سون. آئون چڻا پيو ڪپايان ۽ سائين سرمائي شام جي وقت پڪوڙا پيو ٺاهي، بس اهڙي ڦوڪٽي تي اعتبار ڪهڙو جيڪو گهٽي هوا پرجڻ سان ڦاٽي پوي.



# اوجهري جا ڪم ڏسو گوشت پئي سڏائي

معاشي شرارت ۽ جاگرافيائي چنبا پٽ دنياوي لاڙها چاڙها، ڪڏهن مٿ ماٿي تي ڪڏهن ماٿي مٿ تي، ڪڏهن دال چلهہ تي، ڪڏهن چلهہ سيني ۾، ڪڏهن سينو سرت ۾ ڪڏهن سرت ساجاهہ جي اٽاٽ ۾، ڪڏهن اوٽايون اوچائي اشارن تي، ڪڏهن اشارا فردن جي فرمائشن تي، ڪڏهن لفظن ۾ تال ميل، ڪڏهن تال ميل ۾ لفظن جون لذتون، ڪڏهن لذتن ۾ لالچون ڪڏهن لالچن ۾ ٺوڳي پٽ اوپائي جو جيڪو جهڙو تهڙو ماري پر وقت نہ وڃائي پنهنجو. جڏهن دنيا جي نقشن تي نهاربو ٿورڙو پويان تاريخ مٿي وجبو اڳي ويڙهون سرحدن جي حصول تي هونديون هيون، سرحدون پار ڪبيون تہ سڀ ٺيڪ ٿيندو، پر هاڻي جنگ رڳو روٽي ڪپڙي تي آهي، سڄو زور خوراڪ ۽ اناج جي پورائي يعني معاشي شرارتون ڪڏهن ڪهڙي روپ ۾ ڪڏهن ڪنهن نئين اينٽم ۾، ڪڏهن ايندهن جي کوٽ تہ ڪڏهن فقدان پاڻي جو ڪڏهن حصولِ روزگار جو فڪر تہ، هڪ طرف اشياء جي قلت، پر قلت ناهي، قيمتون مٿي ٿي ويون آهن، جنهن شيءِ ڪي هٿ لاهجي ٿو تہ ناٽو ڊبل ٿيو وڃي، افراتفري جو اهڙو عالم جنهن جو مڪمل نقشو رمضان ۾ ظاهر ٿيڻ جو اوسيئڙو رهي ٿو ڪٽڪ آبادگارن کان نڪري واپارين جي پاندن ۾ پهچي چڪي آهي، ائين روزمره جي واپرائڻ جون

شيون ويون وڏن مڇين جي منهن ۾. بس هر طرف معاشي شرارت چوٽ چڙهي وئي آهي، ٻئي پاسي انٽرنيٽ جا مزا ۽ وات منو ڪرڻ لاءِ سڀ لهي پيا آهن دين ڌرم جي طرف. هرڪو ڪنهن نہ ڪنهن کي چڪيو بيٺو آهي، جڏهن قلم ۽ عقل علم واندن جي ور چڙهندو. جيڪي ڪمرن ۾ آرام سان ٽيڪ ڏئي پيا فيسبڪ تي ڦٽڪندا تہ پوءِ سماج ۾ انتشار ۽ حرام پايون جنم وٺنديون. ڪي تہ واقعي حقيقن تان پردا ڪڻڻ وارا هوندا. ڪافي وري شهرت جا بکيا رات ۾ مشهوري ماڻڻ لاءِ ميدان ۾ لهي ايندا. نقصان وري بہ اوجهري جو ٿيندو ڇو تہ ويچاري اوجهري آهي تہ گڏ گوشت سان، پر گوشت تسليم نٿي ٿئي، ان کي بہ ڪينچل ٿئي پئي تہ آئون گوشت ٿيان پر متان ڦوڪجي ڦوڪجي ڦاٽي واجهہ نہ ڇڏي، اهڙن ننڍڙي ذهنيت وارن کي اوجهري وڏي رکڻ گهرجي خوامخواه ڪنهن جي بہ دين ۽ ڌرم، عقيدي ۽ نظرئي ۾ خوامخواه وچ ۾ اچي فارم نہ پرائجي، الله سائين جي ذات کي هر ڪو ڪنهن نہ ڪنهن طرح تسليم ڪري ٿو. انتها پسندي ڪنهن لاءِ بہ چڱي ناهي پلي اها معاشي هجي يا ذهني هجي، واپاري هجي يا فزيڪلي هجي، يا ڪٿي جاگرافيائي صورتحال هجي، امن سڻي واٽ آهي ۽ ڀائيچارو بهترين هٿيار آهي، هڪ ٻئي کي هضم ڪجي پر اوجهري کي گوشت سمجهي هضم ڪو نہ ڪبو.



# هيرا ڦيري ۾ بہ هيراڦيري

ڳالهہ مان ڳالهڙو ٻڌبو هو ۽ سيري مان دال، پٽ سان رب ٿهڻ جو بہ هنر ٻڌندا هئاسين، جيئن جيئن ويچارڙي دنيا ترقي ڪندي وئي، تہ ڳئين جاهل ڄٽ جڙتو جمالا پڙهندين بہ ڏٺاسين، جڏهن جڏهن جمالن ۾ گهوٽالا اچي گهڙيا ڄڻ جمال گهوٽا ٻڻجي ويا ٽاڏل وارا ٽڏرڙا ذهينڙا، چست چابڪ ڇهرا اجهاٽيل ڏيا ڄڻ صدين کان صدا جي صفت وڃائي ويٺل پريشان بي حالڙا ادبن ۽ اخلاقن جي بار هيٺ ڇيپاٽيل پوڙها، جنوني بيمار بي آرامي جا مريض، مردا روح جڏهن وري معاشري ۾ موٺ ڪائين تہ ڪاٻاڙو ڪريو ڇڏين، سڄي فطرت جي حسناڪين کي ڇيڙي ڇيڙي ستياناس ٻڻايو وجهن، فقط هڪ ننڍڙي سوچ سان لامحدود کي محدود ڪرڻ مذاقيا حرڪتن سان، يقينن اها شرارت فقط هڪ سوچ جي دل وچان تہ ٿي سگهي ٿي، پر عقل ۽ شعور جي لتاڙ جي باوجود شرمساريءَ ڪانسواءِ فقط احساس محروميءَ ۽ ڪم ظرفي پريشان حال ذهنيت جي عڪاسي ڪرڻ ڪانسواءِ ڪجھ بہ ناهي، فطرتِ ڪائنات سان ۽ ان جي تخليق ڪار تي بي اعتماديءَ ان جو ڇتو اهڃاڻ آهي تہ سواءِ ورڇن مان وانجهيل ننڍڙي قد ڪاٺ جا ذهني زهريلا شخص خوبصورتي ۽ رنگينين جا قائل وقت جي وهڪرن ۾ وهي وهي سڀ ڪجهہ لٽائي ڪائي ڪپائيل جسم ۽ جوانين

جي جنازه نماز ڪرائي، صورتحال صورتن ۾ شعوري سگهه جي هيراڦيري ۾ ڪڏهن حيرانگي جي حد ڪراس ڪري ڪري ابتا جملا وڦلڻ ۾ وڃائين ٿا يا ذهنيت مدي خارج کي متعارف ڪرائين ٿا، پر ممڪن کي ڪيئن ناممڪن چئجي، هميشہ موجود کي ناموجود تسليم ڪرڻ وارن جو گمان ڇپرن جهڙو آهي، جنهن کي سج جي روشني بہ بي نور بڻائي ٿي، اهڙا نادان ستائيل ۽ پاڙ کي ڏاها دانا ڪوٺائيل ڪونڌر انب ڪائڻ لاءِ نڪريو پون، اڪن جي تلاش ۾، جڏهن اتي پهچي ڏسن پر ۾ ٻيٽل ٿوهن کي وڃيو پاڪر وجهن، پوءِ ٻہرن ڪان ٻير گهرڻ جي ڪوشش ڪن، وات ڪارا ۽ لوٽائيا ٿاهيو اونڌو منجو ڪريو سمهيو پون، بس اهڙيون هيراڦيريون وقت ناڪام بنائيندو آهي.



# مينٽل پارٽي

تولو مولو جيئن ئي مزدوريءَ تان موٽيا وات تي شودائي شاعر وچ ۾ گڏجي وَين، هڪل ڪري چيائين ڪيڏانهن پيا وڃو؟ چيائون گهر ڏانهن، بيهو بيهو منهنجي چانهہ پي وڃو دل ۾ ٻئي خوش بہ ٿيا وري سوچيو يار مٺو تہ ڪائيندو ضرور، پر هل پوءِ بہ چانهہ پي ٿا وٺون، بس پوءِ شاعري مٿان شاعري هئي، نہ ڪن نہ پڇ، اسان پاڻ ۾ نهاريندا وياسين ۽ واهہ واهہ سان گڏ چانهہ جا ڍڪ بہ ڀريندا وياسين، تيستائين جولو پڪوڙائي آيو شودائي شاعر کي هٿ ملائي چيائين يار اڄ اوهان جي ڪمپئرنگ گهرجي، بس اها ڳالهہ ڪرڻ جي دير هئي شودائي شاعر کي بہ تازي ڪا پگهار ملي هئي، بس پوءِ تہ جالو پڪوڙائي لاءِ ڪيڪ اچي ويا چانهہ اچي وئي، بس ان وقت شودائي فون ڪڍي دعوتون ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيائين، سڄي شهر جي ڇٽل ڪارتوسن کي سڏڻ لڳو پر اڃان پڇيائين ڪو نہ جالو پڪوڙائي کان تہ ڪنهن جي دعوت آهي ۽ ڇا جو پروگرام آهي؟ بس رڳو ڪمپئرنگ جي نشي ۾ همراهہ تولو مولو کي پاڪر پيو پائي چوي پيو هي ڏس فون ڦوٽو ڪڍڻ لاءِ ورتو اٿم، صبح جو مهرباني سان منهنجيون تصويرون ضرور ڏسجان، جيستائين فالتو فولادي پنهنجي گاڏي ۾ سائين سرمائي ۽ لڪاني سميت اچي لٿو پوءِ تہ بس ڇا ڏسون هڪ ٻئي کي چميون هٿن تي بس ڪهڙي ڳالهہ ڪجي، ڪجه ڏوڪڙ جالو جي تري تي رکي تياري ڪرڻ جو چيو ويو، وري تولو مولو کي رڪشي جو ڀاڙو ڏئي چيو ويو ڪجهہ همراهہ ضرور آڻجو، اسان کي اڄ طاقت جو مظاهرو ڪرڻو آهي، تولو مولو اڳي ئي سڄو راڄ ڪايو ويٺا هجن چيائون تہ اسان کي ٻن رڪشن جو ڀاڙو ڏيو، شودائي شاعر دير ئي ڪو نہ ڪئين ڏئي ڇڏيائين، وري سٺي برياني جو آرڊر بڪ ڪرايائون، شام ٿي تہ تولو مولو

ٻاڙو سجايو ڪرڻ لاءِ ٻئي اڇي ڪانچا ڪٽي پھتا. ڏسن تہ اسٽيج تي اُھي ئي پنج چار يارڙا چڙھيو ويٺا آھن ۽ اسٽيج جي ھيٺ جالو پڪوڙائي پڪوڙن جي ٿال ۾ گل جھليو ويٺو آھي، شودائي شاعر جون گگون پيون وھن، شعر پڙھي ٻيو ٿيو سڀ خير جيستائين تولو مولو تي نظر پئي ھمراھن پاڻ ڏانھن سڏيو پر ھُنن ويجھي وڃڻ کان نٽايو ڇو جو اڳي ئي ھوٽل تي گگن پيري چڙھيو ھئن، پري کان ادب سان ٻيھي چيائون ھڪ رڪشو وچ ۾ خراب ٿي ويو ۽ ٻئي جو ٽائر برسٽ ٿي ويو آھي، ڪافي ماڻھو اسان آندا آھن ھاڻي ماني ڏيو يا انھن جا پئسا ڏيو، انھن کي ڪارائي وٺي اچون دير ٿي ويندي، تيستائين شودائي شاعر چيو تہ ھي فون وٺ ٻئي پوز ھڻ تي فيس بڪ تي رکون، اڄڪلھ اھڙا جنوني جوان اسان جي معاشري جي زينت بڻيا ويٺا آھن، جنھن جي ڪري ڪجھ ڇھچتا لڳا پيا آھن، جتي ڪٿي لھيو پون مرڻا پرڻا خيراتون بس رڳو خبرون پوڻ جي دير آھي، زال مان مڙس ۽ مڙس مان زال ٿاھيو ڇڏين، اڳيون تڏي توري وارو ڦڪائي جي وچان رڳو ڪنڌ ڏوڙڻ جي پيو ڪري، ويچارو ڇا ڪري شرم اچڻ وارن کي ڪونھي ھو پوءِ بہ حيا ۾ ٻڏيو وڃي، وري ڪو ڇوڪر ڏسن جلدي ڪر ٻچا ھي يادگيرو آھي ٻئي پوز ھڻي وٺ، صبح جو خبر پوي تہ سڄي مينٽل پارٽي وڏو ميدان ماري اچي لٿي، جڏھن ھيڙا ھيرا ڪڙا ھلي پوندي ڏسو پوءِ ڇو نہ نسلن جا نقصان ٿيندا، ڄڻن جا بہ وٿاڻ پريا پيا ھجن پوءِ جالو پڪوڙائي لاء بہ عيدون نت نيون روز ٿينديون، لکاني جي ٽوپي جالو گھري ڪنھن شادي ۾ پائڻ لاءِ پر لکاني چيو اھا تحفي ۾ مليل آھي ۽ آھي بہ ننيڍڙي، مٿي ۾ بہ ڪو نہ ٿي اچي، نرڙ تي نڪريو بيٺي آھي، پر وقت جي ضرورت آھي پاڻي پوي ٿي، سائين سرمائي جي ٽوپي تي وري شودائي جي اک ھئي ڇو جو مٿي تي فيشل ٿيو پيو ھو، ڄڻ ڪا ٽڪ ۾ تصويرون پيون نظر اچن، پر اھو بہ ڪامياب نہ ٿيو ائين مينٽل پارٽي ٽڙ پکڙ ٿي ۽ تولو مولو واپس ڪون پھتا.



# مرشد آھي پر گھوڙو گاہ مان ٻاھر ڪڍي

تولو مولو ڪو وقت ھو سائين سرمائي کي مرشد ڪري مڃيندا ھئا، پر ڇون ٿا وقت ھميشہ ساڳيو ناھي رھندو، ڏسو اڄڪلھ ڪڏھن يارڙا ھڪ ھنڌ تہ وري رات جي پيٽ ۾ ٻئي ھنڌ ٻڌيا ويٺا ھجن، خبرون ئي نراليون، جھڙوڪر تعلقات اصل ۾ ھئا ئي ڪو نہ، دنيا جي مفادن ماڻھن جي پاڪ رشتن ۾ سڀ کان پھريائين ڇمڪ ڏمڪ پري پوءِ وري انھن ۾ نقل پٽي سان ربين ذريعي سينگاري مارڪيٽ ۾ آندو پوءِ ڇوندا آھن تہ جھڙو وڪر ۽ سودو تہ گراھڪ بہ اوھڙائي ايندا، ائين ھن ھٽا ھڻ جي زماني ۾ ھر فيلڊ ۽ شعبي ۾ ڄندا پٽ لڳي پئي آھي، ھوٽل وارو ھوٽل واري کي ٻنھ برداشت نٿو ڪري، ڪوشش ۾ آھي تہ ڪاري ڪامڻ ذريعي بہ ھن کي ھتان تڙجي جيئن آئون اڪيلو ٿي ھوٽل ھلايان، ائين ماندلي واري کان وٺي سياستدان ۽ پاڙي جا وڏيرا آفيسر، پٽي پائي، پنگ پائي مطلب تہ ھر واپار ۽ ڪاروبار کان وٺي نيڪي وارن ڪمن ۾ بہ ھيراڦيريون لڳيون پيون آھن، ھڪ ٻئي جا اصل ترا ڪيڻ ۾ پورا، ڪو نہ ڪو الزام ۽ بھتانن وسيلي ٻئي جو ڪاروبار بند ڪري پاڻ کي معتبر ظاھر ڪري پيش ڪرڻ جي چڪر ۾ آھي، جھڙوڪر پاڻ سئو ٻليون ڪائي بہ نيڪ ۽ ڪامل بڻيو ويٺو ھجي، زندگي جي روزمره ڪمن ۾ انسانن کي منجھائي ڇڏيو اٿن تہ ويچارا ڪھڙا گس وٺن، جيڏانھن وڃن اڳيان سڀ ٻھروپيا پنھنجي پنھنجي

ڏنڏي ۾ پي ايڇ ڊي هولڊر لڳا پيا آهن، ڪميشن تي، بس متان ٿئي نہ اونداه پيير نہ لهين پرينءَ جو بس گڏ ڪري ونجي جائيدادون ۽ ملڪيتون، ڪو فڪر نہ ڊپ ڪو خدا جو خوف ڪونهي، توڪل سڀ ختم. ڳالهيو وڏيون پر ڏوڪٽرن جي معاملي تي ڪير نہ ڪنهن جو عجب ستم ظريفي آهي، عيبن ڪيڻ جا اهڙا ماهر چڻ ڪي وڏيون فلٽر مشينون گڏ ڪٽيو پيا هلن، هڪدم ٻئي تي تنقيد ڪري سڄي لسٽ جاري ڪري ڇڏيندا، وري ڇاڙتا اهڙا رڪيل جو ڪوڙيون دعوائون ۽ ڪهاڻيون اهڙيون تہ جوڙيندا جو پاڻ پيا شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪندا، عجب فسانا، وڃي جي پيير ڪٽبا ڳالهہ وڃي ڏوڪٽرن تي ختم ٿيندي، هڪ ٻئي جي گراهڪن تي اک، ائين تولو مولو ان وقت ٻن مرشدن کي هڪ وقت سائين سائين ڪندا هئا، هڪ لڪانو ۽ ٻيو سرمائي سائين، بس خالو واري هوٽل تي چانهہ جا چشڪا لڳا پيا هوندا هئا اهڙيون ڪوڙيون ڏنگيون جو سائين ويچارڙا ان غلط فهمي ۾ بس هي ڪٽي ڪائڻ وارا نہ خون ڏيڻ وارا مريد آهن، ٿيو وري ائين جو اڌ تي ٻنهي همراهن تولو مولو گاهہ ڪارو لوسڻ پوڪيو هو، سائين لڪاني جي گهوڙي سائينءَ سرمئي وٽ ترسيل هئي، ٻئي گاهہ لاءِ نڪتا هنن جي اڌڙ مان گاهہ ڪرڻ، بس ڇا تولو هڪ نديڙي قد وارو وري ڪاوڙ ايڏي آئيس جهڙو ڦوڪٽو تي ڦاٽي نہ پوي، لڪانو اڳئي ڊڄڻو هو رڙ ڪري چيائين تنهنجي مرشد سرمائي سائينءَ جي گهوڙي آهي! تولو چيو مرشد آهي پر گهوڙي گاهہ مان ٻاهر ڪڍ.



# ڏاڳو دانگيءَ تي بہ نہ ڏاڳجي

انساني فطرت جي حوالي سان ۽ انهن جي معيارن موجب يا ڪردارن تحت، ٻي صورت ۾ ڪٽي چئجي روئين ۽ روشن جي حوالي سان تعارف بہ مختلف ليکجن ٿا، انسان ويچارو مختصر زندگيءَ جي وهنوار ۾ ڪيترن ئي نالن ۽ واسطن سان ڇاتو سڃاتو وڃي ٿو ان کي اوهان احسن ۽ سولن الفاظن ۾ رشتا لاڳاپا يا واسطا ڪوٺي سگهو ٿا، رشتا يا واسطا ڪاروبار جا بہ ٿي سگهن ٿا جتي توهان جو واسطو فقط ڏندو داري ۽ روزمره زندگيءَ جي آمدن ۾ نفعي ۽ نقصان تحت قائم ٿيل تجارت آهي، جنهن کي گذر سفر پيٽ پالڻ جا لقب بہ ڏئي سگهجن ٿا، هڪ ٻيو رشتو محبت ۽ خلوص جو هوندو آهي، جنهن ۾ خود اعتمادي ۽ اعتباري قوت وڏي سگهہ سمجهي ويندي آهي پوءِ اهو ازدواجي زندگيءَ کان وٺي ڪاروبار ۽ دوستي جي روپ ۾ ڇو نہ هجي، پر ان جي پويان وڏو ڪارڻ خلوص جو عمل هوندو ۽ هميشہ خلوص دل انسان گهاٽن ۽ فائدن کان وڌيڪ زور خلوص ۽ واسطي تي ڏيندو آهي، اهڙيءَ ريت روح جو رشتو جنهن جي جوڙجڪ هڪ روح جي رابطي ۾ قيد هوندي آهي، يعني ڪنهن معتبر فلسفي مذهب ڌرم سان عقيدي جي آڌار سان رغبت روحاني، ائين ڪنهن خاص ڪرشماتي شخصيت سان سواءِ ميل جول جي محبتن جو اظهار ڪرڻ فقط ان جي ڪردارن کان وٺي ان جي ڪشش واري حيثيت کي دل ڏئي ڇڏڻ مطلب تہ ائين چانهہ جي ڪپ تي تبصراتي ۽ ٽائيم پاس ڪرڻ وارا واسطا، جيئن

رٽائر ٿيڻ جي صورت ۾ گھر مان بيزاري ۽ فالتو ڪم چور جي علامت سمجھي ويندڙ اهو انساني ڍانچو جيڪو هڪ اليڪٽرانڪ مشين تحت پنهنجي جوڀن ۾ ڪم ڪار ڪري آخرڪار مشين جي پرزن جي ناڪاري ٿيڻ بعد گھر ۾ عزت وڃائي ويٺل پوءِ پاڻ جھڙن ڪي هٿ ڪري ڪڏهن معاشرتي، ڪڏهن سياسي، ڪڏهن جواني، ڪڏهن مذهبي مطلب بحث ۽ مباحثا ڪري وقت کي ڌڪو ڏيڻ ۾ مصروف عمل رهندڙ هڪ طبقو ائين هڪ رشتو رت جو بہ هوندو آهي، پر رت ۾ جراثيم پنهنجائپ وارن جي بدران جراثيم حسد، هوڏ، حوص ۽ حرص نمودار ٿي وڃن، تہ دل بيمار لالچي ۽ لوڀي ٿي ويندي آهي، پوءِ اهو انسان سيئي فطري لاڳاپا واسطا وساري ان مفادن جي جنگ ۾ لهي پوندو آهي جتي پڄاڻيءَ جي ڪھاڻيءَ عبرتناڪ هوندي آهي، اتي وري روحاني رشتو پائيدار ثابت ٿيندو آهي چو تہ ان ۾ لالچ وارو عنصر ختم ٿيل هوندو آهي.

هاڻي ڳالھ دانگي يعني ماني پچائڻ وارو ٿانوَ جي جنهن تي وڏڙا چوندا هئا تہ رت کي اتي بہ ڇڪ اچي ويندي آهي، پر ان نفيس ۽ نازڪ ناتي کي بہ وڏيڪ محبت جون ڳنڍون ڏيڻ بدران جيڪڏهن حسد ۽ ساڙ ۾ ساڙيو وڃي، نتيجن ڌاڳو ڌاڳجي يا سڙي ويندو هي اهو وقت هلي رهيو آهي، انتهائي احتياط لازمي آهي جتي سيني رشتن کي مفادن ختم ڪري ڇڏيو آهي، ان معاشري مان موٽ ملڻ ٻيرن ڪان ٻير گھرڻ جي برابر آهي.



# ڪشڪش وارو ڪردار

فرد ۽ افرادن ۾ فرق هوندو آهي، اُهو اسان جي سماج جي گھرجن تحت تاريخي مذهبي ڪرداري هلندڙ آهي، افرادن مان ڪنهن هڪ کي اڳواٽي ڪرٽي هوندي آهي، اُها ڪنهن آفيس کان وٺي وڃي پيش امامي جي فريضي تائين چو نہ هجي ان ۾ سياسي پارٽيون هجن يا گاديون ۽ درس گاهون ڇو نہ هجن، هاڻي ڳالھ رهي شخصيت جي صاف ظاهر آهي ڪي شخصيتون سحر انگيز هونديون آهن، ان کان انڪار نٿو ڪري سگھجي باقي اهو سحر ڪيستائين هلندو، ڪنهن جو هڪ ڪچھري تائين، ڪنهن جو ڪنهن پروگرام يا فنڪشن تائين، ڪنهن شخصيت جو سحر صدين تائين هلندو رهي ٿو، اهو ان جي ڪردار جو هجي يا اخلاقي هجي يا قلمي ڇو نہ هجي، اهو تعين تاريخ ڪندي، نہ ئي ڪو هڪ فرد ڪري ٿو سگھي، نہ ئي اها شخصيت پاڻ پنهنجي لاءِ ڪو اهڙو فيصلو ڪندي آهي تہ منهنجي شخصيت کي سحر انگيز ڪوٺيو وڃي، پر ائين ٿي ويندو آهي اهو قدرتي فعل آهي، پوءِ ان فرد جي دنيا ڇڏي وڃڻ بعد ان جي جڳھ تي اچڻ واري تي بہ لازمي ٿي ويندو آهي، مجبوري تحت تہ گاڏو هلائڻ لاءِ ان جي سحر انگيز شخصيت جو سهارو ورتو وڃي پوءِ اهو تقرير ۾ جملن ۽ اقوالن جي صورت ۾ پر ائين ڪرڻ وقت جي تقاضا

تي ويندي آهي، اهو بحث الڳ موضوع آهي تہ حسد ۽ ساڙ وارن کي اها ڳالھ نہ کٽي وٽي پر نہ چاهيندي بہ ان سحر انگيز شخصيت جو نالو ڳٽائڻو پئجيو وڃي، ڏسو سياسي جماعتون ۽ مذهبي جماعتون ۽ گاديون اڄان تائين ان سحر انگيز شخصيت جون محتاج ٿي هلي رهيون آهن. چوڻ وارن کي پنهنجي گريبان ۾ ڏسڻ کپي، تنقيد ڪرڻ کان اڳ ۾ اصلاح ۽ ان سوچ تي سوچڻ گهرجي تہ ڪڏهن بہ ڪو اهڙو انسان نہ چاهيندو آهي تہ مون کي ڪجھ سمجهيو وڃي پر تاريخ ان کي انمول ڪردار ۽ شخصيت ناهي ڇڏيندي آهي. باقي ضرور دنيا تہ فنا جي دائري ۾ اچي ٿي اها ڳالھ الڳ آهي. دنيا کي ڇڏڻو هر ڪنهن کي پوندو آهي بقا الله سائين جي ذات کي آهي، ٻي هر ڪا شيءِ فنا آهي. پوءِ اهو ئي بقا وارو جنهن کي چاهي ان کي ياد ڪرائي ڪنهن بہ نموني سان. اڄ بہ ڏسو شاه صاحب ڀٽائي جي شاعريءَ کان وٺي روميءَ جي مثنوي يا اهڙن عظيم ڪردارن جي تعريف ۽ تعليم ياد ڪئي پئي وڃي، اها ان جي لفظن ۽ ڪردارن کي مليل سحر انگيزي ۽ ڇڪمڪي ڪشمڪش واري ڪيفيت آهي. باقي مڃجي ٿو تہ حسد ۽ ساڙ ضرور ڪنڊ ڪڻندو آهي ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي، چوڻ وارن کي شل ڪو ڪٿان موقعو ملي، شخيصت پرستي بگاڙ نہ سنواريندڙ ڪردا آهي، ان جي تعليم ۽ درس سان. باقي هاڻي افرادن جي مرضي تہ ان کي ڪهڙو رنگ ٿو ڏنو وڃي.



## ٻرڙي ڪئي ٻارن سان، يارن ڪئي يارن سان

دنيا جا ڇهڇٽا ئي آهن. جيڪي دنيا جي طرف سڏي وري ڏڪاريو ڪڍن، ويهاريو ويجهو وريو اڇلايو ڇڏين. پوءِ بہ دوکن ۽ فريبن جي هوندي بہ دنيا قائم آهي. پنهنجي سڀ رنگينن سان ڇو تہ وٺ وڪڙ ئي تہ زندگيءَ جو نالو آهي، ڪڏهن سوڀ ڪڏهن هار. اڇا ڪارا ڦڪا پيلا ضرور حياتيءَ ۾ هلن ٿا. پر وفائون ويچارڙيون ڳوليندين شام ٿيو وڃي، رات ڪاري جي ڇانئجي وڃڻ ڪانپوءِ صبح جي انتظار ۾ ڏاڙهي جا وار سفيديءَ ۾ ڍڪجيو وڃن. سڃاڻڻ بہ مشڪل ٿيو وڃي جنهن لاءِ ڪارن مان اڇا ٿيا. ڪٿي راهون تڪيندي راهگير ڀٽڪيو وڃي، ڪٿي وري ڀٽڪيل راھ تي رسيو وڃي، ڪٿي جلوا جواني ۽ مستيون اهڙيون جو مليل ڏک درد ٿڪن جي ٽاڪوڙن ۾ ڪجھ دير لاءِ وسريو وڃن. پر جڏهن اڪيلائيپ ياڪرن ۾ پري تہ ستل سور وريو جاڳيو سامهون ٿيو بيهو رهن. ڪٿي عقل علم تي حاوي ڪٿي وري علم عقل تي حاوي بس ائين نشا نينهن جا سيني تي حاوي وري رونشان ۽ رمزون  اميرن لاءِ راند روند ڪٿي غريبن لاءِ ڳجهارتون پيٽ بکئي پريل جون. ڪٿي ٽيجوڙين جا دروازا ڪليل ڪرسي جي مزي لاءِ، ڪٿي ڪرسي ڪلهي تي ۽ ڪلها ڪمزور ٻڏيل، ڪٿي اقتدار اٽيو سٽيو سڄو ۽ منڊو نہ جانچي ڪٿي وري نوڪرون ڪنڌ مان سريا لوھ وارا ڪڍيو ڇڏين. ڪٿي سمجھ کان ٻاهر ٻوليون پروڙڻ ڏکيون، ڪٿي ڏکيون ٻروليون ڪم لاهيو وڃهن. بس دنيا تنهنجي مرضي ڪنهن کي روئاڙي ڇڏي ڪنهن کي کلائي وڃهين. بس ٻرڙي واري ڳالھ ٻارن واري سکيو وڃون. ٻرڙو ويچارو دل پڪي ڪري ويهي ڪون رهندؤ ضرور چوندو مون سمجهيو ڪو نہ جيڪڏهن سمجهيم تہ سوچيم ڪو نہ. جڏهن سوچيم تڏهن ٻرڙو ٻارن وٽ ڦهچي ويو جڏهن ٻارڙا ٻرڙي جي ور چڙهي ويا پوءِ لاهڻ وس ۾ نہ رهيو بس وري انتظار ڪرڻو پيو ۽ يارن جي ياري ڇڏبي نہ.

# ڏوھ ويچاري ڏري(بال) جو

ڳوٺ جي ڳوناٽي ماحول وارن کي کنهن کپڙي وارو ڏرو (بال) ٺاهي ڏنو. ڇوڪرن اڇي ويچاري ڏري کي دڪين(هٽرادو بيٽ) سان اڇي اهڙو تہ ڪٽيو ويچارو ڏرو اڳڙيون اڳڙيون (ڪپڙن جا ٽڪر) ٿي ويو. وري اڇي ٻين سندا ڏئي جوڙي وري ساڳيو اڇي حشر ڪيو. ويچارڙو بال ٽڏن جي وچ ۾ ڪڏهن هيڏانهن ڪڏهن هوڏانهن موچڙا بہ ڊئو تي، نہ ٻجي جان ڇٽي نہ ٽٽي جان ڇٽي، چؤطرف افراتفري متل آهي، ساڳئيون بال رانديگرن جي هٿن ۾ آهي، ڪافي جهونا بازيگر وڏا شهہ سوار ڪي وري الڙ نوان ڪلاڙي ميلو متو پيو آهي، هر طرف چمڪا پاليش جا. ڪير ٿو ڪيتري چمڪ چمڪائي، دڪانن تي بہ رش ڏسڻ وٽان آهي، گراهڪن جي ڪا بہ ڪمي ڪانهي، ڪلين واش، هنيڊ واش، واشنگ مشينون واش ڪرڻ جا سانپاها ڪري ڇڏيا اٿن، جيڪو مٿي ۾ پربو تنهن کي بہ صاف ڪبو جيڪو اڏ پربو ان لاءِ بہ پڪيج آهي، جيڪو ڪليئر ٿي ويندو ان لاءِ وري فيشل جو بہ بندوبست آهي، وڏي ڊوڙ ڊوڙا آهي، ڪڏهن بال نڪريو وڃي. جيئن ڪله تولو مولو هڪ دعوت کائڻ لاءِ ويا تہ اوچتو رڙو رڙ لڳي وئي، وڏيون هڪلون متان ڇڏيو هيڏانهن بينو آهي هو ڏس پريان بينو آهي، پوءِ تہ رڳو ڪوڪريا هئا. ڪنهن تماشو پئي ڏنو ڪو وري تماشو پئي ٿيو ڪنهن کي وري رونشو لڳو پوءِ تہ هڻ هٽان هئي، ڪنهن جا چمچن جي بدران پليٽن ۾ هٿ هئا ڪنهن جا وري ڏونگهن ۾ هٿ هئا. ڪنهن



جون گگون ڳڙيون پئي، ڪنهن کي الٽيون پئي آيون پيٽ پريل جون بس ڇهڇٽو متل هو ڪي ويچارڙا جهونا شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيا ڪي جوان تڪڙا نڪرڻ جي پويان هئا نئيڊ واري بيگ تائين پهچڻ جي وڏي ڪوشش هئي، گهوٽ هڪ جي جڳهہ تي ٻئي اڇي گڏ پهتا. نڪاح پڙهائڻ وارو مولوي ويچارو پريشان، ڪنوار ويچارڙي هڪڙي هر ڪو نصيب جي جنگ وڙهڻ ۾ لاٿي چارج ۾ شروع ٿي ويو ميڪپ ۾ بيوٽي پارلر وارو خرچو اٽڪي پيو ڪنهن جا هٿ ڦٽيا ڪنهن جا چهرا ڦٽيا ڪي وري نڪ جا ڏاڍا. ڪن جا نڪي هئا. نڪو ڪو خوف ۾ ڊپ. بس تولو مولو سڄو لقاءُ ڏسڻ بعد هيڏي وڏي ڪاج مان سواءِ ڪاڏي پيتي جي خالي پليٽون جيئن هٿن ۾ کنيون ائين اڇي بس اسٽاپ تي لٿا. خالو هوٽل واري کي منٿون ڪرڻ لڳا بہ تي پاروٽا پاپا ۾ هڪ چانه هاف هاف ڪري ڏي، بس ٿڌا ساهہ ۾ نڪ تي گيسيون ۾ توبهائون ئي توبهائون هنيون هميشہ لاءِ بي دعوتي دعوت کائڻ کان پاسو ڪرڻ جو عهد ڪيائون، بس سمجهي وٺو اهو اٿئو هن دنيا جو رونشو جيڪو اٽڪيو ان جو اهڙو ئي حشر ٿيٺو آهي.

# خوشيون، خودڪشيون، غميون ۽ غم خواريون

جڏهن معاشري مان غم خواريون موڪلائي وڃن، آٿتون، ڏڍ، اعتباريون، ڀروسا، پنهنجائپون ڏسڻ ۾ نہ اچن، جتي رڳو مفادن جا جاوا ساوا ڀيلا ڦڪا ڏيپ جلن، اتي جيئڻ لاءِ عدم دلچسپيون ٿيڻ لازم ملزم ٿيو وڃن، جتي پري پري ڪان ڪا اميد زندگيءَ نہ بچي، جتي سودا، سوداگر سودائي نڳ نڳين جي وسيلي ڪن، جتي ظاهريت پسندي پنهنجي عروج تي هجي، جتي عزتون ڏوڪڙن جي ور چڙهي وڃن، جتي اخلاص ۽ خلوص جي ماپ طور فقط ڪوڪلن ٻاڪرن ۽ وڏن نقلي ٺهڪڙن جي گونج ۾ گونجن، اتي غم خوارن کي ڪهڙن روپن ۾ تلاش ڪجي؟ جتي تمنائون چوٽ چڙهي وڃن، فرمائشون فڪري الميا جنم ڏين، محبتن جي جڳهہ تي خوراڪ ۽ طعام کي ڏيکاءَ واريون سيلفيون ناهي مارڪيٽنگ ايجنسي جي روپ ۾ سوشل ميڊيا جي زينت بڻائي خوش ٿيندي ۽ بکايلن ۽ ڪمزورن کي خوابي پلائن جي تصويري جهلڪيون ڏيکاري مايوسيءَ ۾ ڌڪجي، جتي اسلام ڪنهن فروٽ جي کل خالي گهر جي اڳيان اڇلڻ کان منع فرمائي، ڪاڏي جي خوشبوءِ بہ ٻاهر نہ نڪري اتي هي رونقون شادين ۽ فوتگين ۾ پوليس ۽ باڊيءَ گارڊن جي نگراني ۾ ٿين متان ڪو غريب ڪپڙن ڦاٽل ڪو چشڪو اوپارو ڪٽي ۽ ڪائي نہ وڃي، جتي صفائي جي وقت ڪڪڙن جا پڪل ٽڪرا ٻاهر اڇلايا وڃن، بکئي پيٽ وارا ٻارڙا حسرت جون نظرون ٻوڙائيندا ڏسندا رهن، انهيءَ خوف کان ويجهو نہ وڃن متان ڪٽي چوڪيدار ڪاوڙجي نہ پوي، پوءِ ڀلا معاشري ۾ استحڪامِ زندگيءَ خواب يا خيال؟ جتي مشورا بہ مفادن ۽ رقم تحت ڏنا وڃن، سواءِ ڏيڻ ونڻ جي ڪو ڪم سوچڻ گناه سمجهيو وڃي، اتي فيصلائتي فيصلا چورن جي چؤگرد ڦرن، پوءِ خوشيون ۽ خودڪشين تي ڇا چئي سگهجي؟ جتي دين ۽ مذهب جي پاڪيزه ٿيوري ويڪائو وڻجارن جي بغلن ۾ قيد ٿي رهجي وڃي، جتي هڪ طعام جي جڳهہ گهٽن ڪان گهٽن طعامن جو مقابلو اهڙي تيزي سان پڪڙجي پوي، پوءِ اتي هڪ عام ويچارڙو انسان دعوت قرب جو ڪٿان سوچيندو؟ پوءِ ڪمزور دلين وارا هنيا لاٽ ٿي نااميديءَ جي نجهري ۾ وڃي سڀ آسرا ۽ توقعاتون دفن ڪري زندگيءَ جو انت ئي سرمايو سمجهن، تہ ان تي سياڻن کي سوچڻ گهرجي، گهٽ ۾ گهٽ ڪو اهڙو فورم هجي جتي ذهني اميد پيدا ڪري سگهجي، اهو ذهن نشين ڪرائي سگهجي تہ اجان ڪا ٻي هستي آهي جنهن جهان کي پيدا ڪيو آهي، عزت ۽ ذلت جي رکوالي ڪندڙ اها ذات آهي، ڪجه بہ ٿئي پر روزي وري بہ اهو ئي ڏيڻ وارو آهي، فقط جدوجهد وارو جهاد ڪرڻ لازم آهي، مايوسي جو علاج افلاطون وٽ ناهي پر رحمت العالمين جي تعليمات ۾ ملي پيو بس غور ۽ فڪر جي ضرورت آهي، جيڪي ان جي در سان وابستہ آهن، اوڏانهن منهن ڪجي ۽ رابطو ڪري حوصلو حاصل ڪجي، ڪڏهن بہ پسپائي نہ ٿيندي.

# ڪيلي جي ڪل تان ڪريو ڪنڌ پر ڪنڌار

همراهہ جي ٻانهن جي لکن واري لوڏ، ائين پيو هلي بازار ۾ جيئن تولو مولو تڪ ٽاڪ ٿاهيندي ٿاهيندي ٽيڪم داس جي ڳئون جي ٻڳچيءَ ۾ وڃي لڳو ڇو جو ٽيڪم داس جون ڍڳيون بازار ۾ کليون گهمنديون رهنديون آهن. هڪ دفعا سائين سرمي وارو خدن جي ٻنيءَ تان مفت واري ڀاڄي کنيو پئي آيو جيڪا گٽر جي پاٽيءَ تي سڻي اپت ڏئي ٿي، خدن بس گٽر جي نيڪي ڪٽڻ لاءِ ائين اوٻاسيون ڏيندو وتندو آهي جيئن مٺن موالي گهٽڪن جي ٻاڙ ۾. مٿان وري پابندي جي آڙ ۾ ٽاٽي واري سرڪار جو قانون حرڪت ڪندو هجي، سو سائين سرمي واري ٽماٽن جي بہ ٿيلهي کنئي جيڪا ان کي مفت ۾ ملي هئي، بس خالو واري هوٽل تي چانهہ جي چسڪي لاءِ جيئن اچي بيٺو. بس ٽيڪم جي ڳئون دير ئي ڪون ڪئي، ٻئي ٿيلهيون چٽ ڪري ڇڏيائين. اصل ۾ سائين سرمي واري کي ٽماٽن جو تہ فڪر ڪو نہ ٿيو پر پالڪ جو ڏاڍو شوقين هو. مٿان وري حڪيم بہ چيو هئس تہ گٽر واري ڀاڄي ۾ وڏا وٽامن اٿئي، جيئن فش فارمن ۾ ڪڪڙن جي صفائي ٿيل پاڻ ڇنڇي ٿو ائين وري ڪڪڙين جي فارم ۾ مڇين جون هڏيون وغيره. بس هاڻي سڄي طاقت جا سرچشما اچي اتي بيٺا آهن. جيئن ڪاڪي ڄامن جي چوٽي آهي بابا جيستائين حرام جو هڏو ۾ سونگهٽي نہ سونهگجي تہ سمجهہ ڏينهن سڄو ٿلهو گذريو.



هوڏانهن وري نٿ ڇوڪرن وارو ٽولو مخصوص ٽائيم موڪل واري تي ڏاڍا فيشل ڪري نڪتل هو. موٽر سائيڪل تان لهي تڪ ٽاڪ ٿاهڻ جي ڪوشش ۾ هئا. ڪاڪي اوپائي مير ڇتن جي مليل ڪيلي واري سوکڙي مان ڪيلو کائي ڪو پڪي روڊ تي ڦٽو ڪيو هو. بس ڇا تہ منظر هو همراهہ تڪ ٽاڪ واري جو پير ان ڪل جي مٿان اچي لڳو. پوءِ اهو همراهہ ائين اچي زمين تي ڪريو جيئن وڏيرو اليڪشن ۾ هارجي اچي لٿو هجي، بس پوءِ چؤطرف ٽهڪڙا گونججي ويا. هڪ سڻي تڪ ٽاڪ اپ لوڊ ٿي وئي، بس سڄي دنيا ئي تڪ ٽاڪ اٿئو خيال ڪريو. جيڪڏهن ڪيلي جهڙي خواهش تي ڪرڻ لڳا تہ شايد ڪا ٽنگ ٻانهن ڀڃائي نہ ويهو. دنيا هلندي پئي پر اوهان جو هلڻ ممنوع ٿي ويندو. بس قدم سنڀالي کڻو. احتياط لازمي آهي، نہ تہ سائين سرمي واري جيئن نہ ڀاڄي بچندي نہ وري ٽنگ ٻانهن. ڇو تہ بازارن ۾ بکين ڳئُون جي ڪمي ناهي، وري مفت خور ڪاڪي اوپائي وانگر روڊ ۽ رستن تي گند ڇڏڻ وارا بہ گهٽائي ۾ اٿئو.

# معاشرتي ڀونچال، ڀونءِ مٿي انسانيت جو

جڏهن ڪوڙ ڪپت ڪپتان تي اڳواٽي ڪري، مرجهايل معاشري جي، جنهن ۾ سواءِ دوکن ۽ فريبن جي ڪو بہ چڱو مڙس ٿيڻ جيڪڏهن چاهي بہ صحيح ناممڪن آهي، انهيءَ لاءِ جو هاڻي اسان جي تربيت ۽ پالنا ٿي ئي ان بنياد تي رهي آهي، جنهن ۾ اسان کي سمجهايو ٿو وڃي تہ نقل ڪيئن ڪرڻي آهي، ملاوٽ ڪيئن ڪجي، ٺڳي ۽ دوکو فريب نون روپن ۾ ايجاد ڪري اسان کي سيکاريا وڃن ٿا، ڪو بہ شعبو هجي، هر طرف اهڙا ڪلور ۽ ڪرتوت واضع ملندا، ڪو بہ ڪم ميرٽ جي بدران چاپلوسي ٿولو ڪجھ ڏيو ۽ وٺو جي بنيادن تي ڪرائي وڃهي، جتي عزتون ويس وڳن ۽ ڊريسنگ کي وڌيڪ ملڻ لڳن، اتي شريف نفس انسان جي پوشاڪ، شرافت، سواءِ ندامت جي ڪجھ بہ نہ لهي، جتي ٺيڪيدار معاشرتي وڏن ناھ ٺوڪن سان مفادن ۽ ذاتيات جي بنيادن تي سڀ فيصلا ڪندا رهن، جتي نقل اصليت تي هر طرفان حاوي نظر اچي، ڏسڻ واسڻ باوجود ڪير چوڻ جي پوزيشن ۾ نہ رهي، ڌرم مذهب فقط رواج ۽ رسم تحت هلايا وڃن، انسان کي مختلف قسمن ۾ قسطن جي صورت ۾ تقسيم ڪيو وڃي، پوءِ هڪ ڪمپيوٽر تحت ان کي ائين هلايو وڃي جيئن والدين پنهنجي ٻارڙن کي موبائيل فون هٿن ۾ ڏئي ٻيجي گيم ڊائون لوڊ ڪري ڏئي ائين سمجهن تہ هاڻي اسان تان هٿ هلڪو ٿيو ائين وري ٻهراڙين جا مائٽ پنهنجي معصوم ٻچڙن کي پنهنجي هٿن سان گهٽڪا پنهنجي ئي



ڪيبن تان ڪٽي ڪارائين تہ جيئن ٻار هاڻي صبر ۾ رهندو، جتي وڏيون وڏيون مهانگيون گاڏيون وياجن تي خريد ڪري عام عوام تي روب ۽ دٻدٻو قائم رکڻ جو رواج عام هجي، گهر ۾ ڪنهن برتن تي لڪيل نالو نہ هجي ۽ ٻاهر اڏار واري ڊٻل ڪيبن تي بہ ٽي ٻي روزگار ٻاڊي گارڊ ويهارڻ وارو طريقو رائج هجي، جتي حق جي روزيءَ کي ناقص سمجهي حرام کي حلال ۽ وڌندڙ ڏنڊو قرار ڏئي ان مان ڪمايل ملڪيت تي مذهبي فريضہ ادا ڪرڻ نيڪي سمجهيو وڃي، جتي معصوم ٻچڙن جي معصوميت سان جنسي حيوانيت سرِ عام ظاهر ٿيڻ لڳي، هم جنسيات کي شغل طور رواجن ۾ شامل ڪيو وڃي، حلال وارن ريتن نڪاحن کي انهن ناسور فرمائشن يعني ڏيج، گهر وغيره جي ڪري ڇڏيو وڃي، پوءِ گٽرن ۽ نالن تي انساني نسل جانورن جي خوراڪ ٿيندي ڏسڻ باوجود نہ ڪو خوف، نہ ڪو غم، نہ ئي ڪا غمگيني ٿئي، انسان جتي ڪيڪن تي خوشين جي نالن تي سڪون حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي زندگي جون دعائون گهرجن، والدين ويچارڙا ناڪاره ٻڻجي ڪنهن ڪنڊ پاسي رٽائرڊ آفيسر وانگر حياتيءَ جا ڏينهن ڳٽيندي ملن، زمانا مستين ۽ جوانين جا داستان ياد ڪندي اتي ڀونءِ مٿي ڀونچال انسانيت ۾ تہ ايندو تہ ٻيو ڇا ٿيندو؟

# وحشي پٽو

جڏهن انسانيت ۾ حيوانيت داخل ٿي ويندي آهي ته، سڀ کان پهرين اُها ذهن کي متاثر ڪرڻ لڳندي آهي، جڏهن ان جو مقدار جمع ٿيندي وڌڻ لڳندو آهي پوءِ اها حيوانيت ڏي منقل ٿيڻ لاءِ ايڪشن يعني عمل ۾ ۽ حرڪت ۾ اچي ويندي آهي، جڏهن اُهي حرڪتون فردن مان نڪري افرادن ۽ انفراديت مان نڪري اجتماعيت ۾ اچڻ شروع ٿين ته سمجهي وٺو ڪو وڏو الميو جنم وٺي رهيو آهي، شايد انسانيت ختم ٿي رهي آهي يا ڪا وڏو قحط برپا ٿيڻ وارو آهي، انسانيت جي تاريخ ۾ اهڙا وڏا وڏا سبق آميز داستان ملن ٿا، خون ريزيون، تباهه ڪاريون، هٺ ڌرميون ظلم ۽ انتها پسنديون، پر وحشي پٽي جا ڪئين قسم سامهون اچن ٿا، انهن ۾ عورتن جي تذليل، عزيزن ۽ والدين جي بي ادبي، پيون گهٽيون ئي ڪهاڻيون ٻڌجن ٿيون، انهن ۾ جنسي حملا حوص جي مريضن جا سمجهي سگهجن ٿا، ائين ڌاڙيلن ۽ ڦورن جون ڳالهيون هميشه ٻڌندا اچون ٿا، پر انهن ۾ به ڪجهه قائدا ۽ قانون ڏسبا هئا عجب روش دورانِ حال ۽ هلندڙ دنيا جي وحشي پٽي ۾ ڏٺي سون. ڪجهه سالن کان معصوم گلن جهڙيون ٻچڙيون نياڻيون جن کي مختلف مذهبن به عزتون بخشيون آهن، اسان جي رهبر سائين خاتم النبي صلي الله عليه وسلم جن ته هڪ بيوه عورت کان وٺي هڪ معصوم نياڻي کي ايترا ته حق ڏياريا آهن جن انسانيت جو قد ڪاٺ بلند ڪري ڇڏيو آهي، وڏي افسوس جي ڳالهه آهي اهڙا لفظ چپن يا



قلمن تي آڻيندي به شرم ٿو اچي ته انسان سڏائڻ کان بهتر آهي حيوان سڏائيجي، ڳالهه کي اتي ڦٽو ڪرڻو ناهي، رڳو هاءِ گهوڙا مقصد ناهي، هي سڀ هن جديد دؤر ۾ جڏهن انسان ترقيءَ جو دعويدار سڏائي ٿو، حقوق انسان جو هر وقت علمبردار ڪوٺائي پيو پوءِ ڪٿي فالٽ آهي؟ جو اهڙا اذيت ناڪ واقعا روز به روز ٻڌڻا پون پيا، ڇا ڪٿي ڪنهن تربيت جي ضرورت آهي؟ يا تعليم ۾ اها اصليت نه رهي آهي جيڪا اسان جي معاشري جي معصوميت کي سڪون ڏياري؟ ايندڙ وقت ۾ والدين درسگاهن ۾ تعليم ڏيارڻ کان وٺي راند روند پر ڪهڙن ڪهڙن مقامن تي اولاد جي نظرداري ڪندا، يا انهن جي پيٽ پالڻ لاءِ مزدوري ۽ نوڪري ڪندا، هاڻي ته انساني چهرن مان وحشت پئي اچي، اسان ڇو نه پنهنجي معاشري ۾ موجود انهن انساني فقدان جو اصل حل ڳولي ڪڍون، اها تعليم ۽ تربيت جيڪا اسان کي ان رهبر انسانيت کان ورثي ۾ ملي آهي ان کان عملن دؤري ته ناهي، خالي ڳالهيون ته ڪو نه بچيون آهن، الله سائين اسان کي سگهه ڏئي انسان کي انسان ٿيڻ جي.

# محبت ۾ مندي ٻيڙائي

اڄڪلهہ جي هن نفسانفسي دور ۾ ڪاڏي پيتي جي شين جي کوٽ سان گڏوگڏ محبتن جو بہ هڪ وڏو فقدان آهي، هر طرف معاشري ۾ ذخيره اندوز ۽ نفرتون ڦهلائيندڙ عنصر پنهنجي جڳهہ والاري چڪا آهن، جيڏانهن نظر ڊوڙائبي تيڏانهن ٻهروپين جو راڄ رائج ملندو، حوس ۽ حرس پرستي پنهنجيون سڀ حدون اورانگهي چڪي آهي، معاشرو انتها درجي تائين پهچي چڪو آهي، انسان، انسان کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، پوءِ ڀلي اهو ڪٽي ڪنهن رت جي رشتي ۾ ئي ڇو نہ ٻڌل هجي، هر طرف پنهنجي مفادن جي جنگ جاري آهي، دوستيون ياريون سڀ مقصد خاطر نڀائجي رهيون آهن، جتي هڪ عزت دار انسان تي ڪنهن چاپلوس کي فوقيت ڏني وڃي، اتي محبتن جي پرچار ڪندڙ سواءِ اميدن جي ڪجهہ ٻيو ڪري بہ ڇا ٿا سگهن.

ائين تولو مولو محبت جي ڏينهن جو نالو ٻڌي، گلاب جا گل ڪٽي نڪتا، سوچيون تہ ڪنهن کي ڏيون، پوءِ وڏا ساهہ کٽي آه ڀريندي چيائون، اسان بي روزگارن سان ڀلا ڪير تہ محبت ڪندو، هتي تہ هر ڳالهہ جي قيمت آهي، سواءِ مطلب جي ڪير سلام بہ نٿو ڪري، انهيءَ ڪشمڪش ۾ لڪاني هنن جي هٿن ۾ گل ڏٺا تہ هليو آيو چاڪاڻ جو ان کي گلن پائڻ جو شوق رهيو آهي، پڇائين ڀائو توهان منهنجي لاءِ بيٺا آهيو هي تہ اڳي ٻاڙيا وينا هئا، هڪدم چيائون تہ اسان پنهنجي مڱيترن کي ڏينداسون، وڏي رڙ ڪري لڪاني چيو تہ جن شاديون ڪيون



آهن انهن ڪان تہ پهرين پڇو پوءِ گل ڏيو. پريان چاچو چوڪيدار لٽ جي سهاري هلي اچي پهتو، چيائين مون کي اوهان جون ڳالهيون ڏاڍيون وڻيون، چئيم ويچارا اڄ ڄاڻ آهن ڪجهہ سمجهاڻيون ڏيو وڃان متان فائدو رسي وڃين، ٻڌو منهنجا ابا! پنهنجي ڳوٺ جي پرسان ادي خانو واري هوٽل جي اڀرندي طرف جيڪو مٿي وارو وڏو دڙو ڏسو پيا، اتي ويچارو نمرو نالي هڪڙو همراهہ رهندو هو، ڏاڍو شوقين هوندو هو، ريس ريسان ۾ بہ ٽي شاديون ڪري ورتائين ڪجهہ وقت گاڏو گهليندو رهيو، جيستائين طاقت هئيس، ابي کي چوان جيئن جيئن عمر وئي جهڪندي بس نہ پڇ، سڄو ڏينهن مال چاريندو هو جيئن ئي سانجهي وقت واپسي گهر ورندو هو ڄڻ ڪو گهر ۾ ڏاريو ڪتو داخل ٿيو هجي، رڙو رڙ لڳي ويندي هئي، بس سٽڪا اسان پنهنجي ڪنن سان ٻڌندا هئاسين، آخرڪار ويچارو ڪاڪي اوپائي جي بابي جي اوطاق تي ڀڳل کٽ تي عمر گذاري پوري ڪيائين، اهو دڙو اڄان شاهدي پيو ڏئي، بس ٻچڙا ڪجهہ خيال ڪجو وقت ڏاڍو تنگ اٿئو.

# نہ کُھڻ نہ ڏُھڻ پوءِ ڇا جو روئڻ؟

دنيا جي فطرت ۽ انساني ضرورتون، دوستيون، رشتيداريون، وڻج واپار، ڪيتيون، آباديون، رسمون ۽ رواج، غميون ۽ خوشيون، موج ۽ مستيون، تدبيرن ۽ تقديرن جو ڳالهيون ٻڌڻ ۽ سکڻ لاءِ ڏاهن ۽ سگهڙن جي واتان ڪڏهن ڳجهارتن جي صورت ۾ تہ ڪڏهن وري شعرن جي صورت ۾ ملن ٿيون، ناتا ۽ دوستيون نڀائڻ لاءِ رکيبيون آهن، نڪي مفادن جي واسطي، پر هاڻي گاڏو ئي ڇپو لڳو پيو آهي، سڀ کماوتون ڪوڙيون خبرون پيون لڳن، سڀ مٽيون ماٽيون ڄڻ ڪاغذ ڪورا ٻڄي چڪيون آهن، غميون خوشيون بس ان ٽشو پيپر وانگر ٿي چڪيون آهن جنهن کي استعمال ڪري ڪانپوءِ اڇلائي ڇڏجي ٿو، عجب لقاءُ آهي، نڪو ڪو ترس آهي نہ ئي ڪو تعارف، وفا جو ڪم نڪتو ناهي پنو ڦاٽو ناهي، قرابت ۽ واسطو ڄڻ ڦوڪٽي ۾ هوا، مطلب واري نڪتي ناهي ڪنهن ڪم جو نہ رهيو اهڙا ماڻهو جڏهن مسڪيني ۾ هئا ڄڻ وڏا هڏ ڏوکي پئي لڳا، جڏهن پيرن تي بيٺا ڪنهن حوالي سان ڪتي غمي خوشي ۾ جيڪڏهن آمهون سامهون ٿجي ٿو تہ چهرو لڪائي پڇن ٿا، ان مان بہ شيون واضح نڪرن ٿيون، هڪ تہ ڪو ڪم نہ پوي، پر ٻي خاص ڳالهہ جيڪا ذهن ۾ اچي ٿي تہ متان ڪتي منهنجي اصليت ڳالهين ڳالهين ۾ ظاهر نہ ٿي پئي. اهڙي ريت تولو مولو جو پڳ مٽ يارڙو قاضي قادن ڪنهن وقت ۾ ڏاڍو



ڪمزور هوندو هو شلوار پائڻ جي بہ خبر ڪو نہ پوندي هئيس، ڪڏهن ڪڏهن گوڏن ڪان مٿي شلوار ڪٽي ڇڏيندو هو ڪڏهن وري هڪ پانچو هيٺ تہ ٻيو مٿي ٿي ويندو هو پر همراهہ کي سمجهہ ۾ ئي ڪو نہ ايندو هو سندس والد ويچارو رڳو گگون چاٽڻ ۾ پورو هوندو هو پراڻي هڪ ڦتڦتي تي ننڍيا وڏا گڏجي سوار ٿيندا هئا، بس وقت ڦريو همراهہ ڪجهہ ڏانءُ سکيو ائين ڪندي گاڏيون بنگلا بس ٻڙائين ئي تبديل ٿي وئي، استري ڪاٽن جي بہ ٻئي شهر مان ٿيڻ لڳي، سنوارت کي اڳي ڪيترا ئي مهينا گذري ويندا هئا، هاڻي تہ وڏا فيشل اچا ڪارا برش واهہ واهہ لڳي پئي آهي، ڳالهائڻ جا اسٽائل مان تان بس کهڙيون ڳالهيون ڪجن، تولو مولو کي جيڪڏهن ڪتي ڏسي منهن موڙيو وڃي، خانو چانهہ واري هوٽل جي مفت چانهہ بہ ياد نٿو ڪري، تڏهن چون ٿا اهو کهڙو جانور پالجي جيڪو کُهڻ جي ڪم اچي نہ ڏُهڻ جي، باقي خوامخواه گاهہ جي چٽي.

# سٽيا، اٽيا، ڪارا، مٺا، ڪٽا سڀ هڙپ

جڏهن قوتِ هاضمہ هڪ وڏي مقدار ۾ مختلف غذائن کي هڪ ئي وقت هاضمي ڪرڻ جي طاقت رکي، پوءِ ڪهڙي ڊاڪٽر جي پرواهہ آهي؟ ۽ ڇا جي لاءِ ڪنهن حڪيم جو پڇجي؟ جيڪو آيو سو اگهيو. ننڍي هوندي اسڪول ۾ هڪ شيدي ڪرتب اچي ڏيکاريندو هو. شيشا ۽ ٽائر پر خبر ناهي ڇا ڇا کائي ويندو هو. ائين وري ڏاڏي وڏي جي دؤر ۾ هڪ ملنگ فقير ايندو هو جنهن جي اڳيان ڇيلي جو ڪچو گوشت رکبو هو جيڪو هو ظاهري طور کائڻ شروع ڪري ختم ڪري ڇڏيندو هو. اهڙا منظر اسان جي اکين پاڻ ڏٺا. پوءِ انهن کي اسان پلي کهڙا بہ ڪٽي نالا ڏيون پر اهي سڀ منظر اسان جي اکين جي اڳيان گذريا آهن. هاڻي جڏهن تازو ڪاڪي اوپائي جي سس فوت ٿي، اصل ۾ تہ چاچو اوپايو دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو هوندو. پر زال ماسي ڇپرا جي پادرن جي ڪري اکين ۾ لونگن جو پاڻي وجهي روئڻ جو ڊرامو ڪرڻ لڳندو هو. وري ماسي ڇپرا دلاسو ڏئي ماٺ ڪرائيندي هئي ۽ چوڻ لڳندي هئي تہ، دل سوڙهي نہ ڪر آئون جو ويٺي آهيان. اندر مان ڪاڪو اوپايو چوندو هوندو تہ اهو وارو تنهنجو هو. هو ويچاري خوامخواهہ جهپجي وئي. ڳالهہ ڪوتاهہ فاتح جي رسم ادا ڪرڻ واسطي تولو مولو وارو سڄو ٽولو خالو خانڻ جي اڳواٽي ۾ هڪ نئي دوست مڄن ماريل سان گڏ وڃي اتي لٿو. ان ڏينهن ڪو ختمو رکيل هو. پاڙي واري مولوي يعقوب ۽ گڏوگڏ سندس شاگردن کي گهرايو ويو هو. پر ٿيو ائين



جو هنن همراهن نہ ڏٺي هم نہ ڏٺي تم دسترخوان تي حملو ڪري ڏنو. ڪاڪو اوپايو شرمساري وچان ماٺ ۾ رهيو. اجان بہ پراڻن دوستن تولو مولو جي هدايتن تي ڪجهہ رحم پئي ڪيو. باقي جيڪو نئون مڄن ماريل آيو هو ان مڇي، ڪڪڙ فارمي، ڪسٽر، مٺا چانور وري مولوي يعقوب وارو دهي جو ڊبو. ديسي ڪڪڙ ۽ ڪڙهيل کير جو وٽو سڀ چٽ ڪري ڇڏيائين. بس جڏهن خير سان واپسيءَ جو سفر شروع ٿيو اچي پيٽ ۾ هيرا ڦيري لڳيس. تولو مولو اديب سگهڙ خليل عارف ڪوسو جو شعر پڙهڻ شروع ڪيو. روڊ کائي ويو. پٿر کائي ويو. رستا کائي ويو. ٻڏائي ڪل مشخريون ڪرڻ لڳو. همراهہ جي اندر ۾ جهڙي نيب جي ٽيم اچي لٿي هجي. هڪڙي پاسي مڇي پئي ڦٿڪي تہ ٻئي پاسي مولوي يعقوب وارو ديسي ڪڪڙ ۽ کير جو وٽو. اجان پاسو ورائي مس تہ وري ڇيلو ۽ ڪسٽر سميت دهي چانور فارمي ڪڪڙ پيڇو ڇڏين ئي نہ. بس خالو خانڻ بيزار ٿي وڃي حڪيم الله رکئي وٽ پهچايو. حڪيم ڏسي خانو خانڻ کي ڪن ۾ چيائين تون وارو دوست صفا کائڻ جو جهڙو ڪامريڊ هجي، اهڙو بد فعلو نہ ٿيڻ کپي، سڀ اٽيا، سٽيا، ڪارا، ڪٽا، مٺا هضم ڪيئن ٿين ٿا؟ اسان وٽ اهڙي اجان ڪا ڦڪي ايجاد ئي ڪو نہ ٿي آهي.

# جمع، جملا ۽ جمالا

جتي ڪٿي ضرب، ونڊ ۽ جمع جون ڳالهيون ڳائجن پيون، جتي ٻه ٻه ماڻهو جمع ٿين ٿا اتي ڪا نه ڪا اهڙي ڳاله ضرور چوري وجي ٿي جنهن ۾ جهلڪ مهانگائي جي نظر اچي ٿي ۽ ان تي حيرت ۽ بد نظمي، ان سان گڏ ٻئي هٿ مٿي تي جهليو ڪئين جهونا ڳجهارتون ڏيو وجن ٿا، اصل ۾ ڳالهه ته وڏي ڪريو پيا وجن پر سمجهه ۾ بنه نٿي اچي، ڇو جو ذهن سوچڻ جي سگهه وڃائي ويٺو آهي، نفانفسي جي نجاست ۽ مناسب حڪمت عملي جي کوٽ سون ڪرن ڪوٽن کي ڪاري چڙيو آهي، هٿ تنگڻ وارن کي وري تنگو ٿالي ڪري ٽنگيو پيو وڃي، مفت خورن مڪالن جا مڪر پنهنجي جڳهه تي پر پاڙيسري پيٽ پالڻ وارا پنڻ پري نظر پيا اچن، وڏو ڪو جمالو ڳائجي پيو جڏهن تازو تولو مولو ڪنهن سياسي جلسي مان اهڙا جملا رٽي ياد ڪري وريا ته صبح ٿيڻ ئي شرط خالو واري هوٽل تي اچي رٽڻ لڳا، سامهون سرمائي سائين گهٽي مان گذري رهيو هو، ٻڌڻ شرط هڪل ڪري چيائين ڇورا ڏاها ٿيو اسان کي به ائين لڪاني لڪڙ ۾ هٽين ويو، وٺي جو اهڙا جملا ياد ڪري سڄي سنگت کي جمع ڪري جمالا پڙهايائين، مٿان وري صابو شوقين ۽ ڏڱر منڊو گڏجي اچي اهڙيون تقريرون ڪيائون ٻچيل سوجهرو به هلندو ٿيو اجان تائين اسان پير تي واپس ڪو نه بيناسين، وڏا ڏچا اٿئو، ڳالهيون ڳائڻ سان ڪجهه نٿو ٿئي، جيڪي اهڙيون گفتگو ڪن ٿا اهي پاڻ نڳين جا ماهر آهن، اسان به يار سپ ڏنڏا



ڪياسون، پير به ٿياسين، صوفي ٻڌياسين، عطائي ڏاڪٽرن وانگر دوربينيون ڪٽي وري ڪلينڪ ۾ منشيات جو ڪاروبار ڪيوسون، پر اسان وارا پاٽنر اسان کي مورچو ٺاهي مال ميڙي هليا ويا، اسين اتي ئي اتي رهياسين، بس هتي هر ڳالهه ۾ ڪميشن لڳي پئي آهي، ٻٽاڪن سٽاڪن ۾ سٽاء بلڪل ڪونهي، مٿان ڪريا آهيو رڪشا به چون ٿا بند پيا ٿين، صالو واري گڏه بيٺي اٿوَ بس گاڏو ڪنهن ڪان ڇڪي گهلي اچو، مون ته يار گهر جا گاڏا ڇڪي ڇڪي ڇيلهه به ڇٻي ڪري ڇڏي آهي، ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڪونهي بس ڦوڪون ۽ ڦوهارا لفظن جو پريون ڇوڙيو ڇڏين، اسان واري ماسي سياڳي به هاڻي حوصلو هاري ويٺي آهي، اڳي ته ڪٽڪ جي ڪرن ۾ سائين لڪاني سان نڪري پوندي هئي هاڻي اهڙو حال نٿا ڏسون، خالو هوٽل تي لڳي ويو گراهڪ جي نٿا اچن تڏهن به پاڻ چانهه ڪاڙهي پيو پئي، باقي جملن کي جمع ڪري جمالا پڙهڻ وارا وقت گذري ويا.

# واقعا، وهنوار، ورچون ۽ واسطا

وقت جون گهرجون ڪڏهن ڪهڙيون ته ڪڏهن ڪهڙيون، وقت ناياب ۽ قيمتي هئڻ سان گڏوگڏ گذرڻ ۾ به دير نٿو ڪري، پوءِ پويان پنهنجا پاڇا ڇڏيندو هليو ٿو وڃي، جڻ ٽرجي واري هٿن جي آڱرين جي وچان لهي پئي پٽ تي ۽ ڪو احساس ئي ڪو نه ٿيو. ڪلهه جنهن جڳهه تي تنبو ۽ شاميانا لڳل ڏٺاسون. ٺهڪڙا مذاق ڳالهين جا ٽڪاءُ پئي پيا، اتي اڄ خاموشي ۽ ويراني فقط ڪاڏي ڪائڻ ڪان پوءِ ڦٽل ڪيلا، ڇڏيل ڪچرو ۽ اڇليل هڏا ڪاڏل جيڪي ڪتن ۽ جانورن به چوسي چوسي نه ڳڙڪائي سگهڻ جي صورت ۾ زمين تي ڦٽا ڪري ڇڏيا. ڪير محسوس ڪندو ته هتي به ڪلهه ميلو متل هو ڪو رنگ چڙهيل هو. چون ٿا وقت واڪا يعني سڏ ڪندو ويندو آهي ۽ قدر قيمت سيکاريندو گذري ويندو آهي، پوئين لاءِ پڙاڏا ۽ پڇتاءُ جا پيغام ڇڏي ۽ چوائي ويندو آهي، وقت اهڙا وهنوار ۽ ورچون ورجائي ورجائي ايندڙن نسلن کي فڪر ۽ فلسفا مهيا ڪندو ويندو آهي، جنهن ان کي سمجهيو اُهي عقل وارا ڏاها ليکبا. وقت جي ورقن ۾ انهن ڏاهن جو قدر ۽ قيمت لکبي ۽ چيو ويندو اُهي وقت جا قدردان هئا. اڄ سندن فلسفا ۽ جملن جا پڙاڏا ٻڌجن پيا، تاريخ جي ڪتابن ۾ انهن کي ستل معاشري ۾ جاڳيل انسان سمجهيو ويندو. انهن جي عقل ۽ هوشياري سياڻپ جون ڳالهيون پوئين کي ورڇ ۾ سيکاريون وينديون. انهن تي عمل ڪرڻ وارن کي سندن پوئلڳ چيو ويندو آهي، قبرن جي مٽ مٽي جي



هيٺان به زنده ڏيکاءُ ڏيندا رهندا. جڏهن به هنن جا گفتا ياد ڪبا اهي ياد ايندا رهندا. باقي دنيا جا ستل ضمير وارا انسان دنيا ۾ بي فڪر ننڊن ۾ ستل آهن، انهن جي قبرن کي قبرستان ۾ ڳوليندا ته هٿ به ڪو نه ايندين، نه ئي ڪو چاهيندو ته انهن جي مٽي تي ڪنهن ڏهاڙي تي پاٽي ڇٽڪارجي، ڇاڪاڻ جو انهن هميشه انسانن جي ڦٽن تي لوڻ ڇٽڪيا. ڏک ۽ مهٽا ڏنا. سک ڪسي ڏک ڏنا. مجبورين ۾ وياج تي ڏوڪڙ ڏئي پنهنجي خواهشن جا پيٽ ته ڀريا پر رهيا هميشه خالي خالي، اهڙن معاشرتي وياج خورن جي ڪرتوتن ۽ بي ضميرن جي بدبوءِ جئيري ئي پري پري تائين مار ڪندي رهندي آهي، اهڙا لالچي عناصر ڪهڙن ئي ويسن ۽ قيمتي خوشبوئن سان پاڻ کي مهڪائين پوءِ به انهن جي بدبوءِ نه ويندي، قبرن جي مٽي به گواهي ڏيندي ته هي جسم وياج خورن جو آهي، ڪوڙي دنيا جي ڪوڙن واسطن جا نشان مٽجي ويندا وقت جي وهڪرن ۾، خبر ڪان پوندي ته هتي ڪو واسطي وارو رهندو هو. مگر وفائن جا سڏ واقعا هوڪا پڙڏا پري کان محسوس پيا ٿيندا. جيئن وري ڪو هن ڏکئي وقت ۾ آٿت ڏئي رهيو آهي، حوصلو ڏئي رهيو آهي، اهڙن انمول انسانن جو قدر ڪرڻ سکو. اُهي تحفا آهن قدرت پاران انسانيت لاءِ هن دجالي دؤر ۾.

# چريا ڪريا آهيون پر سمجهون سڀ پيا

ڳالهه ٿا ڪن تہ جڏهن وتائي فقير کي ڳوٺ جي ڪوهہ تي سڀ عورتون فري آيون، وتائي کي چيائون فقير اسان کي ڪيڪاريو انهن عورتن ۾ لڪ چپ ۾ وتائي فقير جي مڱڻيندي بہ شامل هئي، وتائي فقير جڏهن سنڌ جي ريتن رسمن تحت سيني عورتن کي مٿي تي هٿ رکيا، ائين آزمائش طور اڳي ئي ڪان طعي ٿيل منصوبي تحت وتائي فقير جي مڱڻيندي بہ مٿو جهڪايو، وتائي فقير زور سان چيو، چريا ڪريا آهيون پر سمجهون سڀ ٿا، ائين اوهان جون حرڪتون ڄاڻيو ويٺا آهيون، هڪ آواز تي تولو مولو ڪاڪي مرهيات اوپائي جي ڇوڪر ورائي کي چيائون، اسان ايترا گهڻا تجربيڪار ڪون آهيون، سوشل نيٽ ورڪ تي ايڪٽو تہ آهيون پر اوهان جيڪي مختلف تصويرون ڏيکاريو پيا پنهنجيون فيس بڪ تي اهو سڄو ڪمال انهيءَ ٽڪ ٽوڪ جي شوقين سرفو سڪايل جو آهي، نہ پسند اچڻ وارا فوٽو فلٽر ڪري ڏيکاري ٿو، سڄو ڏينهن اسان وارا ڇوڪر ٽڪ ٽاڪ تي ۽ شام ٿيندي ئي پب جي گيم ۾ لڳيو وڃن، رات چاچي سياڳي ننڊ مان رڙيون ڪڍي اٿي ويهي رهي، ويچاري اڳي ئي بيمار، هڪڙي ننڊ اچي ئي ڪو نہ، ٻي مس مس گورين کائڻ بعد ننڊ آئي، دانهن تي پنهنجي لنڙي کٽي ٻاهر نڪري هونگرون ڏيندي پڇا ڪيائين، ابا ڇا ٿيو؟ ابا ڇا؟ چورَ! چورَ، سڀ وڏا پاڙي وارا اچي لٿا هيڏانهن هوڏانهن نهاريندا، ڪمال، ڪلر واري ڪمري ۾ نهاري تہ سڄي سنگت لٿي پئي آهي، مٿان وڃي سڀ پهتا پر



ڪنهن بہ هنن ڏانهن نهاريو ئي ڪو نہ، ساڳيون رڙيون هڪلون، ڪو ڪنڊ ۾، ڪو ڪوچ تي، ڪو ڪرسي تي، ڪو پٽ تي سڀ پڪڙيا پيا آهن، خبر نڪا چار، عشق اڙانگو يار، تولو مولو هڪ ٻئي ڏئي نهاري زري گهٽ پاڻ کي پوندا ڏيڻ وارا هئا، ڏسو اسان ڪو نہ پڙهياسين اڄ پنون پيا، هوڏانهن سائين سرمائي سڄو ڏينهن ٺڳين تي ڪم ٽپائي پيو وري لڪانو يارڙو ماسي سياڳي کي کٽي هُتي هُتي در در ڪٽڪون پيو ميڙي، هنن ڇوڪرن جي ڦٽي آهي، اسان جاهل صحيح پر سمجهون سڀ پيا، شل اسان کي شعور اچي.

# چريون ڏئي چار، واڇان ورتيسين هڪڙي، ان جا بہ اهڙا ئي پار.

ماسي چپرا ڏاڍي ڪاوڙ مان ڪالهہ جڏهن سيڏي سامان وٺڻ لاءِ خادم خفتي جي دڪان تي وڃي پهتي، تہ اُتي ماجرا ڏسي حيران ٿي وئي! خادم خفتي پنهنجي ڇوڪر کي ڪجهہ هدايتون ڏئي رهيو آهي، وڏيري واجد واري پٽ جي سالگرهہ ملهائجي پئي، مهينو ٿيو آهي ڪڏهن ڪنهن وٽ، ڪڏهن ڪنهن وٽ، روز دعوتون پيون اچن. رات وڏيري جي پٽ مون کي گهرائي نوڪ ڏني تہ تون ڪڏهن ٿو منهنجي سالگرهہ ملهائين؟ اهڙي ريت خادم خفتي مشورو ڪري رهيو هو سندس ڇوڪر سان ۽ چئي رهيو هو ڪا مار پوي فيس بڪين کي پيا ڪم سپ چٽا بس رڳو سالگرهون اچي بچيون آهن ڏسو پر يار هي ڪهڙو ظلم آهي، اجان بہ ڪا شخصيت هجي ڪنهن ڪمال واري تہ اجان بہ ڳاله ڪجي، نہ منهن نہ مهاندو پر هتي تہ چرخو ئي اونڌو ڏٺي پاڻ سڏائي سالگرهہ ملهائڻ لاءِ چئي پيو، بس توبهہ لڳي پئي آهي، اسان مسڪينن لاءِ وڏو آزار آهي، ڪيڪ ۽ کائڻ پيئڻ جو بندوبست وري تحفا تحائف اهڙا جيڪي سوشل ميڊيا تان ڪنهن جي ويڊيو ڏسي انهن جي نقل وارا، بس لاچار ٿي اچي قابو ٿيا آهيون، نٽا ڪريون تہ ٽيڙ ٽيشن تي رکٽا ٿا پون. بس ماسي چپرا روئي چيائين پئي تہ، پٽ وڏن ڪردارن جون ورسيون تہ ٻڌنڌا هئاسين، بابا مرهيات ڪڏهن ڪڏهن نالا وٺي انهن عظيم شخصيتن جون خوبيون بيان ڪندو هو، پوءِ اهڙن پروگرامن تي انهن عظيم انسانن جون ڳالهيون ٻڌائي ٻين کي



سبق ڏنو ويندو هو، پر هتي ابو بس منهن اچو ڪريو چڏين ڪيڪ اڳيان پيو آهي، بيڪري وارن وري ڪمائي لاءِ برٿ ڊي جا ڪيڪ ٺاهيا آهن، هڻ هٽان لڳي پئي آهي. ابي کي چوان ڪلهہ مون کي تولو مولو ٻئي گڏيا پاڻ ۾ بحث پئي ڪيائون، آئون مٿان پهچي ويس، انهيءَ ڳالهہ تي اٽڪي پيا تہ پهرين سالگرهہ ڪنهن جي ڪجي، مون رڙ ڪري چيو اوهان کي خبر آهي تہ ڪهڙي ڏينهن جنم ٿيو؟ چيائون اسان ڪاڪي لکاني کان پڇيو ان وراڻيو تہ ڇپر واري قحط ۾، مون رڙ ڪري چيو ابا انهن کي وڏو عرصو ٿيو اوهان جو ڏاڏو مرهيات ان وقت پيدا ٿيو هوندو، آئون اوهان جي پيدائش جي ڳالهہ پئي ڪريان، ٻنهي چيو ماسي چپرا فيسبڪ ۾ جيڪا تاريخ اچي وئي اهائي آهي، فيسبڪ جو اڪائونٽ ڇوري ناٿن ٺاهيو هو انهيءَ وري ابي مرهيات واري تاريخ لکي ڇڏي، جيڪو ٿو ڏسي اصل ۾ رڪيسٽ ئي نٿو موڪلي، اجان تولو ويهن سالن جو ڄاٽايل آهي، پروفائيل تي تصوير زناني لڳائي آهيس، پنج هزارن کان مٿي دوست ٿي ويا آهن بس انهيءَ لاءِ سالگرهہ ملهايون ٿا، ٻين کي جواب ڏئي ٿڪي پيا آهيون، چونو وٺي آيا آهيون منهن کي اچو ڪنداسين، بيڪري تان پاپا آندا اٿئون انهن کي ڊٻي ۾ پيڪ ڪرايون ٿا، رميز نٽ کي چيو اٿو فوٽو ڪو نہ ڪڍندو ڇا؟ صابو جي والد جي فوت ٿيڻ واريون اوڊائيل بہ ٿي اجرڪون ملان يعقوب کي مليون آهن، اهي ڪٽي اڇبيون، ٺماٺا ٺڪي ڏڙي لڳا پيا آهن انهن جي چنٽي پاپن تي هاربي مڙئي جڳاڙ ٿي ويندي، ڇوڪر رميز نٽ موبائيل ۾ تصويرون فيشل ڪندو، بس واهہ واهہ ٿي ويندي، ماسي چپرا چيو تہ چريون وٺي چار اسان بہ ڏنيوسون پر اهڙي واڇان کان الله ڏئي پناهہ

# اخوت مروت تلاش گمشدگي

جتي تاريخون وسري وڃن، جتي ڪتابن جا ورق پراڻين المارين ۾ اڌوهي کاڌل ڪٻٽن جي زينت ٿي مٽي جي تهن ۾ ڍڪجي وڃن، علم ۽ عقل جا اعليٰ خزانا انهن جا ناياب پنا پڪوڙن، ڇولن ۽ ڇٽن وڪڻڻ جي ڪاغذن طور استعمال ٿيڻ لڳن، گهر ۽ اوتارا سواءِ ڪتابن جي ڦڪا ۽ اٽيا لڳن، لائيبررين جي جڳهه تي فٽ پاٿن تي اسان جو نئون نسل پب جي گيم ۾ مصروف هجي، لٽيريچر علم غائب فقط ڊگري خريدي پاس ٿيڻ جي تڪڙ هجي، جتي ڊگريون حاصل ڪرڻ لاءِ داخلائون ميرٽ جي بجاءِ جيب گرم ٿيڻ تي ٿين، مستقبل جا ڊاڪٽر سفارش سورس رقم ۾ سيٽون حاصل ڪن ۽ فيوچر جا انجينئر ميٿاميٽڪس جي انگن بدران نوٽن جي انگن تي سليڪٽ ٿين، جتي والدين جي جڳهه ننڍڙا ٻارڙا ولارين، دوستن کي حال پائي ۽ والدين کي دشمن ليکجي، امڙ ٻانهي ۽ زال کي زينت گهر جي ڻاهجي، جتي والدين جي رهائش اولڊ هائوس ۽ ڪفن دفن ڏوڪڙن تي ٿيڻ لڳي، اولاد جنازي ۾ شامل ٿيڻ کان ڪيٻائي، تاريخي علمي شخصيتن جي نالن بدران اسان جا نوجوان ماڊلنگ اداڪارن جا نالا رٽي ياد ڪندا رهن، استادن کي فقط ٽائيم پاس سمجهي وقت گذارين ۽ استاد تعليم ڏيڻ کان وڌيڪ اکيون ڇهري ۾ رکن، جتي تعليم کي واپار سمجهيو وڃي، جتي ايمانداري ۽ سچائي کي وبا سمجهي پڇي جان ڇڏائجي ڪوڙ ۽



ڪپٽ وارن دوستن سان واسطا جوڙيا وڃن، اشرافيت جو موت ٿئي ۽ فريب دوکي جي هٿان ٿيڻ لڳي، خود غرضي انائيت محبتن تي سوار ٿي خلوص جا جلوس ڪيرائي، گاڏين ۽ سوارين تي مختلف قسمن جا اشعار ۽ جملا لکيل ڏسجن، عوامي ليٽرين ۾ دل جا ارادا پٽين تي لکجن، پوءِ ترجماني ڪهڙي ڪجي؟ جتي لفظن جي معنيٰ ئي ڪير نه سمجهي، ادبي بگاڙ ۽ تلفظن جو ڪاٻاڙو ٿيندو رهي، اتي هڪ اداس اديب ڇا حال ٻڌائيندو؟ اڳيون حرڪتون سڀ وسري ويون ۽ نئيون ٽوپيون نئين ڊزائين ۾ عجيب حرڪتن سان ۽ نمونن سا ظاهر ٿي اچن، پوءِ ڪنهن کي ڪهڙي هنڌ تلاش ڪجي؟ ڪٿي ڪٿي اخلاص ۽ اخلاق کي ڳولجي؟ جيترو وڏو ظالم ۽ ڪوڙو ٿئي باز اوترو عزت وارو سڏجي! ان وٽ فيصلا ٿين شرافتن جا، پوءِ اهڙن چنيسرن کان چڱائي جي اميد ڪيئن لڳائجي.

# ٽانڪيون ٽانڪا ۽ ٽوٽڪا

جڏهن هيٺاهين سنڌ ۾ ڪڏهن ٻه وارا بندي ڪو نه ٿيندي هئي، نهري نظام مسلسل روان دوان رهندو هو جيڪڏهن ڪو شاهوڪار نهرائيندو هو زمين جي سطح تي هوديون يعني ٽانڪيون نهيل هونديون هيون، واٽرن مان گڏهه گاڏين تي ڊم رکي يا مشڪون يا ساندارين جي ذريعي ڀريون وينديو هيون، غسل ۽ وهنجڻ لاءِ کوهن يا واٽرن ۽ ڪينالن جو رخ ڪيو ويندو هو، عورتن لاءِ خاص مقام درياهه ڪان وٺي ڪينالن تي نهيل هوندا هئا، جتي هو ڪپڙن جو ڌوپ يعني ڌوئڻ سان گڏ غسل جو اهتمام ڪنديون هيون، ايڏي عزت ۽ احترام پردي داري جو خيال رکيو ويندو هو، مجال آهي ڪو غير مرد ان طرف لنگهي وڃي، ڇوڪري ڇبر ڪي جرئت ئي ڪان ٿيندي هئي، ڳوٺن جا رکوالا وڏيرا انهيءَ ڪم ۾ ڏاڍا سخت هوندا هئا، اهڙي حساب سان مال وغيره لاءِ ڪاٽيون نهرائيل هونديون هيون جتان ڪچين ديوارن ۽ ان تي گارو يعني راڳو ڪرڻ ۽ مٽي ڪٽڻ ۽ جانورن پالتون ڪي پاڻي وغيره پيارڻ جو ڪم ورتو ويندو هو، اهڙي طرح گوچر يعني اهڙا چراگاهه خالي هوندا هئا جتي ڳوٺاڻن جا پالتو جانور چري سگهن، گاهه وغيره ان ۾ قدرتي ٿيندو رهندو هو اهڙيءَ ريت ٻيرن جا وڏا وڻ جنهن ڪي هُڙِيُون ڇيو ويندو هو جيڪي جهجي انداز ۾ هونديون هيون، جنهن جا ڪاٺ گهر ٺاهڻ ڪان وٺي جنهن ۾ ڇنا منا چونئرا وغيره ٺهندا هئا، ان سان گڏوگڏ ٻارڻ جو ڪم ورتو ويندو هو، شادين ۽ فوتگين ۾ پاڙي جا ماڻهو پاڻ پهچائي ويندا هئا، پاڻ ۾ اعتبار ۽ ناتا ايترا ته مظبوط ۽ پائيدار هوندا هئا جيڪڏهن ڪنهن هڪ جو ڪو مهمان ايندو هو ته اهو سڄي پاڙي ۽ ڳوٺ جو مهمان سمجهيو ويندو هو، اوطاقن تي مهمانن لاءِ هر وقت ماني کير ۽ لسي جو انتظام ڪيو ويندو هو، کير ۽ مکڻ کي وڪڻڻ وڏو عيب سمجهيو ويندو هو،



اهڙي طرح وري ٿر ۾ برساتن جو پاڻي سڄي سال لاءِ محفوظ ڪرڻ لاءِ ٽانڪا مٽيءَ مان اهڙي مهارت سان جوڙيا ويندا هئا جو ان ۾ پاڻي خراب ڪو نه ٿيندو هو ۽ سڄي سال دستياب هوندو هو، پيئڻ لاءِ اهڙي ريت اناج لاءِ گدام ٺاهيا ويندا هئا ۽ مال جانورن لاءِ خوراڪ ڪي ذخيرو ڪيو ويندو هو، سنوارت وارو نائي يا درزي سڄي سال لاءِ مقرر هوندو هو جنهن کي فقط اناج ڏنو ويندو هو، ڪڪڙ، گهيٽا ۽ ڇيلا مهمانن لاءِ مخصوص پاليا ويندا هئا، ڪڏهن ٻه مادي جانور يا ڪڪڙ حلال ڪون ڪيو ويندو هو، ڀاڄي جي جڳهه تي کير مکڻ ۽ لسي جو استعمال گهڻو ڪيو ويندو هو، جيئن جيئن انسان جديد ٿيندو ويو انهي جديد ٽوٽڪا ميدان ۾ متعارف ڪرايا، کائڻ پيئڻ ۽ اٿڻ ويهڻ جا اسٽائيل تبديل ٿيندا ويا، گهرن جا ڊزائين مختلف صورتن ۾ سامهون اچڻ لڳا، لائيٽ جي فراهمي گهر گهر ٿيندي وئي، گهرن جي مٿان ٽانڪيون نهڻ لڳيون ۽ انهن جا نمونا مختلف طريقن سان سنوارجڻ لڳا، پاڻي لاءِ واٽر سپلاءِ اسڪيمون اچڻ شروع ٿي ويون ۽ تلاءَ نهڻ لڳا، پاڻيءَ کي محفوظ بنائڻ لاءِ جيئن جيئن ٽانڪا جڙيا ته وارا بنديون شروع ٿي ويون، جيئن جيئن ڀاڄيون اچڻ لڳيون ته کير گيهه مکڻ لسيون ختم ٿينديون ويون، اوطاقن جي جڳهه تي هوٽلون جڙيون، محبتن جي جڳهه تي نفرتن ۽ حسدن جايون والاريون، حيا شرم جي جڳهه تي بي شرمي اچي وئي، بردباري برداشت جي جڳهه تي ڪاوڙ بخيلي ڪاهي پئي، ڪچهرين جي جڳهه تي فون، ٽي وي اچي ويا، سماجي واسطا سياست جي ور چڙهي ويا، افراتفريون سڪون ۽ راحت آرام کي کٽي ويون، پالتو جانور ڊيري فارمن ۾ قيد ٿي ويا، اصل ڪڪڙ فقط ويڙهه لاءِ وڃي بچيا هئا، هائبرڊ ڪڪڙ ۽ انسان متعارف ٿي ويا، هرطرف ڪيميڪل شيون مارڪيٽ ۾ پيڪينگ ۾ دستياب ٿي ويون، بس ٽانڪيون ٽانڪا ۽ ٽوٽڪا اسان جا پيٽ ٿي ويا، جيڪي انسانن جي خواهشن ڪان وٺي انهن جي خونن سان پرجي پرجي ڦاٽي رهيا آهن پوءِ ٻه اسان پنهنجو پاڻ کي جديد انسان سڏيون پيا.

# گھٽڪا سٽڪا، مٽڪا ٺري جا

اڳئين دؤر ۾ هجرت ڪري آيلن هٽان اسان کي پن واريون بيڙيون ۽ پان سوپاريون مليون، جن ۾ جدت ايندي وئي، پان تي ڪاٿو ۽ چن جو لڳڻ لازمي ٿيندو ويو. وري ماهرن سوپارين کي پاڻي ۾ سڄي رات پسائي نرم ڪري پان ۾ وجهڻ شروع ڪيو ان سان گڏ ڪاٿي کي سٺي نموني ڪاڙهڻ لڳا پوءِ ان مانڊلي واري جا پان شوقينن وڏي چاهه سان کائڻ لڳا. پوءِ وري ان ۾ پتي جو استعمال ٿيڻ شروع ٿيو. چڱا خاشا اعليٰ تعليم يافته ماڻهو شوقيا طرح پان واپرائڻ لڳا. ايتري قدر جو ڪجهه خاص پان فروشن جا پان سوکڙين طور ٻاهرئين ملڪن ڏانهن وڃڻ لڳا. پوءِ وري ڪجهه ماهرن گھٽڪن جون فيڪٽريون کولي گھٽڪا ٺاهڻ شروع ڪيا. انهن ۾ وري جديد انداز سان ڪجهه مختلف پڙيون نڪتيون. جيڪي ننڍن وڏن جي واتن ۾ چوس چوسان لڳي پئي آهي. جتي ڪٿي ڪنهن اوطاق ۽ هوٽلن جون پتيون رنگين ٿيون پيون آهن. ايستائين جو گاڏين جي شيشن ۽ ٻاهران به گھٽڪن جي پاليش ضرور ٿيل هوندي. هن برگر ۽ جديد دؤر ۾ جيڪو انهن شين کان محروم آهي، جڻ اهو پيدا ئي ڪو نه ٿيو آهي. جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته اهو ڪاروبار اهڙي منطق ۽ منظم طريقي سان ڪيو ٿو وڃي، هڪ ته فائدو وڏو آهي ۽ استعمال ٿيل شيون سستيون ۽ خراب ٿيل هونديون آهن. واپرائڻ وارا عادي ٿي وڃڻ جي صورت ۾ پابندي جي ڪري وڏي رقم ۽ مهانگائي ۾ ونڻ ۾ عار محسوس نٿا ڪن. خاص



ڪري رات جا اوجاڳا ڪاٽيندڙن لاءِ ڊرائيونگ ڪرڻ وارن لاءِ وڏي غنيمت آهي. اهڙي ريت وري هٿرادو ڪارو پاڻيءَ صدين کان ڪنهن نه صورت ۾ هلندو پيو اچي، پر هاڻي وري نئين ٽيڪنالاجيءَ جي اچڻ سان ان ۾ وجهڻ واريون شيون اهڙيون انسان ذات لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿين ٿيون جنهن ۾ موت کي اڳواٽ دعوت ڏني وڃي پئي. ايتري اڻ چاٽائيءَ آهي جو ماڻهو سواءِ ڪنهن خوف جي هر طبقي سان تعلق رکندڙ انهن کي هڪ مشروب جي طور استعمال ڪن ٿا. خاص ڪري خوشين جي ڏهاڙن تي وڏي طريقي سان مرحبائي ڪيمپون قائم ٿيو وڃن. رسائي وري ايڏي وڏي انداز سان ڪئي ٿي وڃي جو بندش جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. شايد ڪو ڳوٺ يا شهر بچيل هجي جنهن ۾ ٺري ٺهڻ جو ڪم نه ٿيندو هجي. هاڻي ته اوطاقن تي گھٽڪا فيڪٽريون کلي ويون آهن. جيئن جيئن سختي ڪئي ٿي وڃي اوتري رسائي وڌيڪ ٿيندي وڃي ٿي. جنهن اشياء جي کوٽ ايندي آهي ان جا ريٽ ۽ اسباب خريديا ويندا آهن. سيني جا منهن بند ڪرايا ويندا آهن.

تولو مولو هڪ دفعي سرمائي سائينءَ سان چانهه جي پيالي تي ڪچهري پئي ڪئي اتي وڏي عمر وارو ڪاڪو سهراب جيڪو پنهنجي وقت جو وڏو ڪاڙيو چور هو چيائين پئي اسان ڪتن کي ماٽ ڪرائڻ لاءِ وڏا هڏا اڇليندا هئاسين. پوءِ پاڙي جا ڪتا انهن کي چوسڻ ۾ لڳا پيا هوندا هئا اسان ڪم ڪيدي ويندا هئاسين. بس هي به هڏن جو هڪ قسم آهي. ڪير چوڻ وارو هوندو ان کي به پنهنجو حصو ملندو ويچارو ماٺ ٿي ويندو. جيڪو گھٽڪا گھٽڪا ڪندو ان کي سٽڪا ملندا. باقي ٺرو ته دليون ٺاري ڇڏي ٿو.

# ڪتو ڪروزر ۾ يا کُوھ ۾، پر پينو پنندي ئي سوگھو

هر طرف ڪتو، ڪتو لڳي پئي آهي، ڪٿي ڪتو ڏند پيو ڏيکاري، ڪٿي ڪتو پڇ ٽئورو ڪريو بيٺو آهي، ڪٿي وري ڪتو پڇ لڪائي ڪنهن مخصوص جڳهه تي پيچرڻ جي پيو ڪري، ڪٿي وري ڪتو پير پيو ڪٽي، اڄڪلهه وري ڪتو کوھ ۾ ڪريو پيو آهي، پاڻي سپ ڪڍندا وڃن ۽ پيئندا وڃن پر ڪتي مسڪين کي کوھ مان ڪير نٿو ڪڍي، سوچ انهيءَ ۾ ورتل آهيون تہ کوھ جو پاڻي پاڪ آهي يا پليت. وارا بندي جي موسم هئي تلائن مان پاڻي بہ اڻ لپ ٿي ويو، واٽر سپلاءِ وارن وري وتائي فقير واريون ورچون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون. سو تولو مولو آخرڪار پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪرڻ بعد ان ڳالهه تي راضي ٿيا تہ جيڪڏهن واٽر سپلاءِ وارن جي خلاف ڪنهن کي دانهن ڏبي تہ هو پراڻا بل وصول ڪرڻ جي ڳالهه ڪندا. انهي ۾ پنهنجي لاءِ پلائي ڪانهي، بهتر اهو آهي تہ مائيتاڻي اصلي کوھ مان ولڙ وڏيري جي سولر پليٽ بلدياتي اليڪشن جي ووٽن جو آسرو ڏئي ڪٽي ڪم هلائيجي، اهڙي ريت تولو مولو وڃي کوھ تي پهتا. جانچ پڙتال بعد کوھ ۾ هڪ ڪتي کي مئل ڏٺائون، سرمائي سائينءَ جي صلاح مشوري بعد مولوي محبت خان وٽ وڃي پهتا. حرام حلال جي خبر وٺڻ لاءِ مولانا جي مشوري سان سؤ دلا پاڻيءَ جا کوھ مان ڪڍڻ لاءِ چيو ويو، همراھ ٻئي ڪم کي لڳي ويا. سڄو ڏينهن سولر جي استعمال بعد وڃي سؤ دلا پاڻيءَ جا ٻاهر ڪڍڻ بعد سوا پنج رپين جي مٺائي ورهائڻ بعد پاڻي



پري گهر آنڌائون ۽ سائين سرمائي ۽ سڄي سنگت کي ان خوشيءَ ۾ دعوت ڏئي مڇ ڪچهري ۽ گجر محفل ڪيائون، سڄي رات روح رهاڻ بعد صبح جو سائين سرمائي کوھ جو ديدار ڪرڻ ۽ غسل ڪرڻ جي فرمائش ڪئي، وڃي جو کوھ تي پهتا سرمائي سائينءَ هيٺ نهاري تہ ڪتو کوھ ۾ موجود هو، حيرت مان پڇائين تہ هي اوهان ڇا ڪيو؟ چيائون سائين پاڻي اسان مولانا جي چوڻ تي ڪڍي ڇڏيو آهي، سرمائي سائين چيو پر ڪتو تہ ڪون ڪڍيو اٿئو! هُنن چيو ڪتو پلي پيو هجي ڪتي جي اڄڪلهه وڏي مارڪيٽ آهي جتي ڪٿي ڪتي جو نالو پيو هلي، گاڏين ۾ ڪتو، پير بہ ڪتو ڪٽي، جيڪو ڪاوڙجي اهو ڪتو، ڪتو چوي، ۽ پينو فقيرن کي ڪتا مار مهم وانگر جهليو سوگهو پيا ڪن، پر وڏا ڪتا اڃان کوھ ۾ محفوظ آهن، فقط ڪجهہ دلا پاڻي جا ٻاهر ڪڍيا اٿن.

# عشق ٽيو فشق ٽڪان ولان ڏي

جڏهن ڪنهن چاهت ۽ تمنا ۾ دل چري ٿيندي آهي، پوءِ جنون جي حد تائين پيچو ڪبو آهي، زندگي جي ڪنهن شعبہ حيات سان چو نہ لاڳاپيل هجي، جيئن گذريل سال 2020ع ۾ ٽماٽن جي فصل جي سٺي اپت ۽ سٺي ريٽ تي ڪمائي جي خيال سان هن سال بہ ننڍن وڏن آبادگارن رات جي پيٽ ۾ سنو ناٽو ڪمائڻ لاءِ ٽماٽن کي پوکڻ شروع ڪيو. ايستائين جو ڪاڪي لکاني ڪڪڙين جي فارم ۾ ٽماٽا لڳائي ڇڏيا، هوڏانهن وري چاچي اوپائي پنهنجي جهوپڙي نما گهر ۾ چوطرف پيئڻ واري پاڻي مان بچت ڪري ٽماٽا لڳرايا، اڪيلي هڪڙي ٻڪريءَ کي ڪاٺ ۾ هٽي ٻڌي ڇڏيائين، ماسي سياڳي کي دلاسو پئي ڏنائين تہ موٽر سائيڪل وٺندس توکي گڏ چاڙهي گهمندس، مٿان وري سيٺ صالو رام سڄي پيڊي جي چئو طرف گملن ۾ ٽماٽا پوکيا، چو تہ سيٺ بغير ٽماٽن جي ماني ڪو نہ کائيندو آهي، ٿورڙو هٽ جو پڪو هو بچت جي ڪري هي وڏو ڪارنامو پئي ڪيائين، پريان خدن ڪٽنگ پيسٽي سائيڊ واري شمشو شودائي جي پوبان اڌار تي ٻج وٺڻ جي ڪوشش ڪيائين، جيئن ڪڪڙ جي ميل ۾ لکاني جي چوکر کي شرط هارائي سگهي، سائين سرمائي جتي ڪنهن دعوت ۾ وڃي ڪوشش ڪري ٽماٽن جي ٿيلهي ۾ وجهڻ لاءِ جهپا جهپي ۾ لڳيو وڃي، پر الله کي ڪرڻو ڪجهہ ٻيو هو مٿان ڪلين شيو سرڪار کي ڪمڙي خبر، ملڪ جي ماڻهن جي خواهشن جي انهن ويچارن برسات



۾ سڀ فصل ٻڏڻ جي صورت ۾ ۽ قرض کڻي ٻج ۽ ڀاڻ ڪري بصر ۽ ٽماٽا پوکيا، انسان آهي ضرور خواهشون ڪري سگهي ٿو هن دؤر ۾ وچئين طبقي وارو آبادگار ۽ هاري فقط خيالي پلاءُ وارا خواب ئي ڏسي سگهندا آهن، ڇو جو مهانگائي اهڙو تہ جڪڙيو آهي جو فرمائشون سڀ آخرت ۾ پوريون ڪرڻ جون سوچيندا آهن، هن دنيا ۾ ماني جي ۽ ڪڙهائي جي خوشبو وٺڻ لاءِ فقط هوٽل جي ٻاهران ڏھ رپيين جي ماسڪ ۾ منهن ويڙهي سونگهيندا وتندا آهن.

هاڻ تہ جتان ٽا مٿيون ترڙي ڪڪڙي جيئن هر طرف ٽماٽن جي ٽان ٽان لڳي پئي آهي، ڪي وري آبادگار پٽون ۽ پاراتن تي لهي آيا آهن، ڪي وري سائين تماهي سرڪار کان اگهہ وڌائڻ لاءِ دعائون ۽ ڏاڍا ڪرائين پيا، پر شڪر آهي جو ڪاڪي لکاني کي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي، وري فارم ۾ ڪڪڙ رکڻ شروع ڪري ڇڏيائين، چاچي اوپائي جي ٻڪري ٽماٽا کائي متاري ٿي ويئي آهي، سيٺ صالو رام پيڊي آئيلن کي ٽماٽن جي تعريف ۽ وٽامن بابت ڊاڪٽر هڻ ڪڻ جون ڳالهيون ٻڌائي چانهہ جي جڳهہ تي ٽماٽا کارائي پيو پريان وري خدن وارن وٽ فوتگي ٿي ويئي جڏهن شمشو شودائي فاتح لاءِ پهتو خدن چانهہ جي جڳهہ تي ٽماٽن جي پليٽ اچي اڳيان رکي، هاڻي بس ڪڙهائي ۾ گيهہ ۽ دهي جي بدران رڳو ٽماٽا نظر اچن پيا، سائين شوقين شلوار واري جون ڪنڊيون ڪاريون مينهون بہ فيڊ جي جڳهہ تي ٽماٽا پيون کائين، بس سائين سرمائي فال هٽي ٻڌايو آهي تہ اگهہ وڌنڌو تڏهن وڃي ڪجهہ همراهہ ماٺ ۾ آيا، بس گهٽن کي چوندي ٻڌو ويو آهي تہ عشق ٽي ويا فشق ٽڪا ولان ڏي.

# واٽون ويھ ٿيون، نقل جي نخرن ۾

اڄ جو انسان ذاتيات تي ايترو اونڌي منهن اچي ڪريو آهي جو سواءِ پنهنجي ذاتي مفادن کان ٻئي پاسي نظر ٻوڙائي ئي نٿو جتي بہ مفادن جو ٽڪراءُ محسوس ڪري ٿو اتي سڀ حربا استعمال ڪري وٺي ٿو باقي رڳو ڳالهيون ۾ ٻتاڪ ٻين لاءِ مڙئي چال بازين سان اٽڪلن سان انسانن جي احساسن کي قتلِ عام اڳتي نڪرڻ جي ڪوششون ڪري ٿو ايتري حد تائين جو ان جي وچ ۾ خوني رشتن کي مسمار ڪرڻو پوي تہ بہ هچڪاهٽ نٿو ڪري نڪريو پوي، انساني حقن جي پلي ڪيتري لتاڙ ڇو نہ ٿئي ڪا بہ پشيماني نٿي ٿئي، ڇو جو هو بس جلدي ۾ جائيدادون اڏڻ جي پويان آهي. جڏهن اهڙن انسانن سان ملبو آهي سچ سمجهو آدم بوءِ اچڻ لڳندي آهي، جڻ انهن جو سچو دامن انسانن جي خونن سان رنگيل هجي، وري ڳالهيون مذهبن ۾ ڪردارن جو اهڙيون جڻ وڏا اسڪالر هجن، عبادتن گاهن مان ٻاهر نڪرڻ شرط نانگ زهريلا زهرن کي ڦهلائيندا وتندا، پوءِ پلي ڪاروبار جو روپ هجي يا ڪهڙو بہ ميدان هجي ڳالهہ وري بہ پنهنجي مفادن جي وچ ۾ اٽڪيو پوي، اهڙن انسانن سان ملڻ جي وقت اوهان کي ماديت پرستي جي اهڙي تہ خوشبوءِ ايندي جو اوهان کي بہ خوف پيدا ٿي ويندو، ڪٿي گفتگو ۾ وري اداسيءَ جو ڪهاڻيون ڪرڻ لڳندا ۽ چوندا يار سچي زندگي پڃ پڃان ۾ گذاري ڇڏيسون، ٻين جي حق تلفي ڪري سڪون ماڻڻ لاءِ جڏهن دنيا گڏ ٿي، هر سڪون وارا



ظاهري اسباب جمع ٿيا پر سڪون موڪلائي ويو نہ اولاد، اولاد رهيو نہ ڪو ساٿي ساڻ بچيو بس خالي مال ۽ بي آرامي سچي زندگي جو سامان بڻجي وئي، هاڻي تہ راتيون جاڳي جاڳي ٽڪي پيا آهيون، ننڊ اچي ئي نٿي، گهڻيون ئي دوائون کائي بيمار ٿي پيا آهيون، جهنم جي باهہ گهٽڻ جو زندگيون جهنم ڪرڻ بعد انهن کائڻ پيئڻ وارين اشيائن ۾ ملاوٽ، بازارن ۾ خريد وفروخت جي سامان جي ذخيرہ اندوزي ڪري وڏي رقم حاصل ڪرڻ لاءِ پاندبن کي پيري رکڻ، ڪنهن جي مجبوري ۾ وياج تي چيڪ رکي رقمون ڏيڻ، ڇوڻ تہ اسان جو ڪاروبار آهي، وري هر سال سچي فيملي سان پاڪ مقدس جائين جون حاضريون، بس گناهن کي ڌوئي ان رب جيڪو سچي عالم جو رب ۽ تخليقڪار آهي، ان سان بہ ڪاروباري ہوليءَ وانگر ڏي وٺ وارو سودو ڪرڻ، جهڙو ان هستي کي ڪا خبر ناهي، هي خلق ان جي ناهي، ان جي رسول صلي الله عليہ وسلم جا حڪم ڇا آهن، بس نڳيون انسانن سان تہ آهن پر انسانن جي خالق سان بہ، واهہ واهہ اي انسان ڪٿي اچي توکي لالچ لوڙهيو آهي، جنهن دنيا کي تہ هميشہ رهڻ واري جڳهہ سمجهيو مال ميڙيا اُها توکي ائين ڪيڏي ٻاهر ڪندي جو اڪ ڇنيڻ جيتري مهلت ڪون ملندئي، ڇاجي لاءِ ايڏيون وڏيو واٽون ناهيون اٿئي؟ نخرا نقل وار ڇڏ، انسان ٿي، انسان ٿي.

# لکئي جا ليک، ٽڙيا ويچارا ٽڙجيو وڃن پيا

ويندل وريو وڃن، رڪيل هليا وڃن، جن کي دنيا ڄٽ ڄاڻندي آهي دانائن کان وڌيڪ ڄاڻون نڪريو پون، ڪي وري پڙهيا لکيا اهڙا جاهل نڪريو پون جو سڄا راڄ اڙجيو وڃن. ڪٿي ڪٿي ڪچهرين ۾ صفا آڱوٺي ڇاپ، اهڙا گفتا ڪڍن جو عقل ئي دنگ رهجيو وڃي، ايڏيون وڏيون يادگيريون ايڏا وڏا سگهڙ ڇا ته ڳالهه ڪجي؟ يادائشت ايڏي وڏي وسيع جو وڏن وڏن شاعرن جا ياد حافظ. اهڙا ماڻهو عجيب ٻڌاسون، ٽاٽي دار به انهن سان قانوني مشورا ڪندا هئا. وري اهڙا ڏاها جن جا فيصلا سؤ فيصد ڪامياب ويندا هئا. راڄن ۾ پاڳن ڪي ڳرا ٽڙيون پائيندا هئا. ڪنهن کي احساس ڪو نه ٿيندو هو ته پنهنجا آهن يا پَراوا. اهڙا ڪئين وڏا وڏا نالا سياسي ميدان ۾ اهڙا ڪامياب ۽ ڪامران ٿيا. اڄ به انهن جو قل انهن جا پويان ڪائين پيا. پر انهن جون ساروڻيون اڃان زنده آهن. ٻئي طرف پڙهيل لکيل جاهل جيڪي ڪمپيوٽر جي پيداوار لائيٽ هلي وڃي صاحب کان سڄي ڊيٽا گم. سوٽي کي گهوٻاٽو هڻ هڪڙي نڪري ٻي، ملڻ وارن جا نالا هڪڙا پڪاريا ٻيا پيا وڃن.

ٿرپارڪر اولڌ جي هڪڙي وڏي سياست دان جو فون آپريٽر هڪ نابين هوندو هو، سڀني جا نمبر ياد هوندا هئس ۽ آواز به سڃاڻيندو هو. هاڻي صاحب پڇي پيو ڇوڪري کان بابا اوهان جو نيڪ آهي؟ ڇوڪر ويچارڙو ماڻهن جي هجوم ۾ ڇا چوي؟ بابا کي فوت



ٿيندي ڪيترائي سال ٿي ويا آهن. صاحب جنازي ۾ به هو ۽ فاتح به ڪري ويو آهي، هاڻي ان کي ڪم ڪار جي ڪهڙيءَ خبر ڇا ڇئجي؟ بس شرم وچان جهڪي سلام ڪجي ۽ پوئين پيرن تي زور ڏجي.

هاڻي اسان جا حافظ انهن ڪاغذن جيئن آهن، جيئن ڪنهن وڏي گلوڪاره کان وڏي ڪنهن فنڪشن ۾ اڳيان رکيل ڪاغذ رکيل پکي جي هوا تي اڏري ويو هاڻي گلوڪاره پئي تان هٽي، شعر ياد ڪو نه هئس بس لڳي ويئي ڪلاسيڪل ۾. جڏهن وڃي ان ڪاغذ کي ڪنيي پڪڙي ڪٽي اڳيان رکجي، ائين ويچارڙا جڳاڙو يارڙا اسٽيجن ۽ تقريرن جي ميدان تي رڻن واريون چٽيون وسريو وڃن پوءِ صوفي ڪلام ڳائڻ شروع ٿيو وڃن. ٻڌڻ وارا به حيران ۽ چوڻ وارو به پريشان، بس ائين نئين پيداوار ائين وريو گم ٿيو وڃي جيئن ٽڙ غسل ڪندي پير ترڪي نڪري پئي، همراه پڪي شاخ تان پاڻ ڪٽايو پيو اچي، پڇن ڇا ٿيو ادا؟ جواب مليس ترڻ سکڻ ويو هئس، اڙي هن سيءَ جي موسم ۾ اهڙو شوق! بس اٿي کي گهوٻاٽو ٽڙجڻو مقدر ۾ هو باقي ڏوهه ڪاڪي سومار تي، ان جي چوڻ تي ائين سڀ ڪجهه ٿيو آهي.

جيئن جوڀن واري جوانيءَ جو رنگ روپ ڪو فيشل مان ملي، ڪيترين ڪٽي ڪيميڪل ڪريمون هڻجن پر اهي چهري وارا موهيڙا ڪيئن موٽي اچن. اهي ڪارڙا وار ڪاريهر انهن جي جڳهه ونگ جي سيٽنگ ڪيئن ٿئي، جي ڏئي هوا دٻ ته ونگ سڄي پٽ تي، صاحب پڄي پڄي واش روم مان نڪتو بس لکئي جو لکٹو ائين هو، تير ڪمان مان نڪرٽو هو پوءِ نالو جيڪو وٽي سو ڏيو.

## ماڻهو هو ڀلو، پر ڪريو خوامخواہ جو

ڦٽي تي ٻڌل ڪونھي، بنجر زمين تي معيار ناھي، ڪاري ڪوھ تي ڪمڙو وھنوار، لوٽائي ڪاڻ مان سواءِ لوڻ جو ٻيو ڇا ملندو؟ ڪنجوس ۽ بخيل کان ڪمڙي سخاوت جي اميد. جيڪو سچو ڏينھن چار سؤ سٺ تي ڪانتو رکي ان کي صبر جي تلقين ڇا ڪندي؟ جيڪو سچو ڏينھن رفر دفر ۾ هجي ان کي نھراڱ جي ڪمڙي ڳٽتي، جنھن کي رلي ڪلھي تي مانيون راڄ تي ان کي ڪمڙو فڪر قحط ۾ سڪار جو جيڪو اٺ وانگر ٻٽيھ اوطاقن جون ماپون ڪري انھي سياسي ڪامريڊ کي ڪھڙا فڪر فاقا، جنھن جون ويھ پارٽيون ۽ رستن جي ڪا ٻہ روڪ ٽوڪ نہ انھي شوقين سنگت تي ڪمڙي پابندي بندش. جيڪو رڳو چري چاٽي ۽ اوگرايون ڏئي چاٽي ان کان هاضمي خرابي جو ڪڏھن متان پڇو جيڪو پيدا ئي پيٽ لاءِ ٽيو هجي انھي کي پرهيز جو ڇا لاءِ چئجي، پر جيڪو ماڻهو سلڇٽو لڳي ۽ ڳالھيون وڏيون دانائي واريون ڪري، هاءِ وي تي هلندي اوجهڙ تي لھي پوي ان جو هٿ جهلڻ ضرور گھرجي، خوامخواہ پڪي کي ڇڏي ڪچي ۾ ڪاهي پئي، هجي ٻہ ٻوڏ جو وقت مڙس ٻہ متير ڪجھ نہ ڪجھ سمجھائڻ جي ضرور ڪجي، ڦتڦتي تي ڦوڪون پلي ڪٽي هٽي، پر ڪارن شيشن واري جديد گاڏي ۾ نڪ تائين ماسڪ متي راٻن جو چشمو وري نڪ ۾ پاڻي هٿ ۾ مهانگو آئي فون، پوءِ ٻہ جيڪڏھن ڪرڻ جون خبرون ڪري اھڙي سمجھون کي پيٽ پريل يا بکايل سڏجي ڪھڙا لقب ڏجن؟ مرليون وري مرليون مرڪون ۽ تان سين واريون ٻولين ۾ ڪڏھن اهڙا سر جهڙا ملھاريون ساوڻ واريون پئي ڳائجن. ڪڏھن وري ٻي سمجھ ٻي وقتائتن لفظن جي مار، ڇڻ ابوجھن جي اڳيان ڪنھن ڪلاسيڪل ڪلاڪار جا مال ڪوس سرگم. پر هن جديد دور ۾ فيس بڪين گھٽن کي وائکو ڪري ڇڏيو آهي، ڪافي لڪل لڪ لڪوتين تان پردا ڪٽائي ڇڏيا اٿن. خبرون پلي خيرن جون ۽ همدردين جون هجن پر انھن گفتگو ۾ ٻہ ڪوڙ جون جهلڪيون جهمريون هٽن ٽيون، پاڻ پنھنجي لفظن ۾ لڪڻ بدران لڙهيو وڃن. پوءِ انھن کي ڇا چئجي؟ بس ايترو ڪافي آهي ماڻهو هو ڀلو پر ڪريو خوامخواہ جو.



## رولو لڏو، وڪاڻو وڃي ونگاري ٽي

آڳاٽي زماني ۾ وقت جا ڏاها وڏيون ڏاھپ واريون ڳالھيون ڪري ڇڏيندا هئا، سمجھڻ لاءِ گھٽو ڪجھ چئي ويندا هئا. چون ٿا تہ ڪاڪو آچار وڏو ڏاهو ماڻهو هو جڏهن ڪچهري ۾ ويھندو هو ڏسندي ڏسندي گھٽن جا ڇڪا ڇڏائجي ويندا هئا، ڇهرن منجهان سڃاڻي ونندو هو. چون ٿا تہ ان وقت هڪڙو نئون جنوني درويش فقير پيدا ٿيو، جنھن ڪاڪي آچار جي پاڙي ۾ ٻہ ٿي پنھنجا هم خيال ناهيا، ڪنھن ڪچهري ۾ ڪاڪي آچار جي ور چڙهي ويا، ڪاڪي کي رڙ ڪري چيائين تہ توهان سان منھنجي اڳي ئي ملاقات ٿيل آهي خادم واري خيرات جي ماني تي، همراھن شرم مان ڪنڌ جهڪائي چيو تي تو سگھي، مگر ڪاڪي وري ڇڪي ڇَين، ٻي سنگت ڪٿي آهي؟ جنھن وڏيون پئي مرليون وڄايون. جنوني فقير جي ٽولي جي هڪ همراھ وڏي فلسفي واري ڳالھ ڪئي ۽ چيائين تہ ڪاڪا وڻ وڏو هو ٽار ٻہ نڪرڻ شروع ٿي ويا هئا. هو هوڏانھن ويا اسين وري هيڏانھن آياسين، ڪاڪو آچار وڏو ڏاهو ماڻهو هو چيائين پوءِ سمجھو اوهان وڻ کان الڳ ٿي ويا آهيو سمجھون ٿا، ٽاريون ۽ ٽار وڻ کان ڌار ائين ڪون ٿيندا آهن، يا تہ ڪو وڏي ڌار ڪري يا هوا طوفان ڌار ڪري، اوهان ڏيو خبر ڪيئن الڳ ٿيا؟ وري ٻئي ساٿي چيو اسان پنھنجي مرضيءَ سان ڌار ٿيا آهيون، وڌيڪ پڪڙڻ لاءِ ڪاڪي رڙ ڪري چيائين وڻ وارو

كم تہ ٻج جو هوندو آهي. يا قلم لڳائيندو آهي كو كاريگر. اوهان ڏيو خبر پلا؟ پاڻ خود جنوني ڇيو تہ نہ اسان پاڻ قلم ۽ ٻج جو كم كندا آهيون. كاكي آچار ڇَين شاباش هجي پاڻ پيا چئو آهيو تاريون. وري ڳالهہ ٻج ۽ قلم جي پيا كريو يا تہ نكتل تاريون آهيو. جيكي سكي ٻارڻ ٿينديون وڃي كنهن مڇ جو يا سڙي جانور كائي ويندن. ڇريا ٿيا آهيو كجهہ سمجهڻ جي ڳالهہ كريو. وڃي قلم كنهن مالهي كان لڳرايو جيكو مالكي كري پاڻي پياري وڏو كري. جيكڏهن نہ تہ تئين گڏجي نكري پئو بہ ٿين ڇيلا هك ٿئي اڳواڻ. ڏنڊو سنو لڳي ويندو. باقي تار ۽ تارين واريو ڳالهيون ڇڏيو اها جڏهن كاكي آچار واري كماڻي تولو كي مولو ٻڌائي تہ اهي ٻئي كلڻ لڳا ۽ سمجهي ويا. چوڻ لڳا يار ونگار وارن جو حشر ڏاڍو ڀيانك ٿيندو آهي. هميشہ رولو لڏي وانگر رلندا رهندا آهن. ڀلي كٽي كنهن بہ فيلڊ سان وابستہ هجن. كڏهن جلسن ۽ جلوسن ۾. كڏهن خيرات جي ماني كائڻ ۾. كڏهن نعرا ۽ نغما جُهونگاريندي. كڏهن كنهن جي چاپلوسي ۽ واكاڻون كندي. بس نتيجن موٽ صفر چو سڏاٽيندا. سيئي آهن كي كاكي آچار وانگر منهن تي چئي ڏين. كي وري پر ۾ ركيو ڇڏين. پر جنهن لاءِ ونگار وهبي آهي. اُهي بہ قدر كو نہ كن. چاكاڻ جو ريٽ ۽ اگهہ اڳي ئي مقرر كيل هوندا آهن. جڏهن ڀاڙي ۽ مسواڙ تي نكربو پوءِ كهڙا روئڻ روئبا. كڏهن برياني كڏهن ڏكا ۽ ٽاپا ضروري آهن. مختلف آفرون ۽ كم ملندا آهن. پوءِ بحث وري ڇا جا؟ بس رولو لڏا ۽ ونگاري ائين ئي وقت پورو كندا آهن.



## هڄكيون جهڙپون ۽ جهمريون

انسان جي بناوت بہ عجيب آهي ۽ فطرت ۾ وڏو فساد ۽ ڦشري ڀريل آهي. جڏهن بہ كياڙي ۾ خارش ٿيندي آهي تہ پر وارن كي كاوڙ ۾ ڇُهنبڙيون هڻڻ شروع ٿي ويندو آهي. كڏهن كامياب ٿي پوندو آهي كڏهن وري كياڙي كي گنج كرائي ويندو آهي. پر عادتي علت ۽ عادت كان كيئن رهي. جنهن جي ذهن ۾ چگل خوري جي خمار ٺمريون ٺركائي اهو جيستائين ٺركندو نہ ايستائين ٺهندو كيئن؟ ويني ويني نكتل ككڙ وانگر پيو جهڄكيون هڻندو. جيئن كو موالي ڀرپور نشن ۾ كڏهن كنڌ آسمان ۾ كڏهن زمين تي پيو هڻندو. ائين پيو گجندو جو واقعي محسوس پيو ٿيندو اجهو ٿو وسي. پر پاسي كان آهستي آهستي گذري ويندو. جڏهن هوش ايندو دارون درمل لاءِ پيو جهڙپون هڻندو. گهر وارا تہ ويچارا ڦاٿا ئي ڦاٿا پر راڄ سڄو اڙيو سامان ميسر ٿيو ناهي پوءِ پيو جهمريون پائيندو. كنهن تي ٿو پائي اها خبر ڏٽي كي بہ كون پوندي. جيئن اڄكلهہ جي عوام هر هك سان كلهو كلهي ۾ ملائي بيني آهي سرت كا بہ كانهي. فساد ۾ بہ گڏ. جهڄكين ۾ بہ تاڙيون ئي تاڙيون. ستكن ۽ كتكن ۾ بہ گڏوگڏ. وري جهمرين ۾ بہ گڏ. هاڻي اندازو لڳائي سگهجي ٿو عوام كيڏي ترقيءَ كئي آهي. كي كرسين جي مٿان. كن جي نظر كرسين ۾ اٽكيل. كي وري وانا كرسين جي هيٺ پيهو پيہ لڳي پئي آهي. رستا راهون ڳوٺ گليون ۽ وري سوشل ميڊيا جهڄكين

جھڙپن ۾ جھمرين جا ميدان جنگ بڻجي ويا آهن. تبصرا، ڇھڇٽا، چونڊڪيون، ڪچڪوليون وري شرارتون پوڳاڻ وري چاپلوسي جون مالشون، زور جڙ ملھ لاءِ سنڌرا پيا ٻڌجن. ڪٿي ڪاڪا پويان، ڪٿي ڪاڪا اڳيان، عوام پويان، رڳڙن مٿي رڳڙا، ونجھ وٺيون ڪٽن تہ ڪو ڪارائتو ڪم ٿئي. رستا روڊ چيلھ جھليو ڇڏين. ملاوت ايتري جو وٺ دال سائي تہ ملي ماجھلي جو ٻج. اٿي ۾ ڇاڻ ئي ڇاڻ، ڪير جي رڳو اڇاڻ رهي آهي باقي ڪا خبر نڪو ڪار. بس عرض نماڻا نيازمندي وارا ڇڏيو جھجڪيون جھڙپون ۾ جھمريون، موٽي اچو رڏم ۾.



# سادا چار وارن جو سٽ تي ڪانٽو

ڪاڪو اوڀايو خالو واري هوٽل تي پراٽي وقت جو ساروٽيون سارينديِن وڏا ساھ ڀريندي ۾ چانھ جا چشڪا وٺندي چوندو ويو ابي ڪي چوان جڏهن نارا ڪئنال ۾ سکر بئراج ڪو نہ ٺھيا هئا ابو مرحيات وسايو خان چوندو هو تہ زمينون گھڻي قدر غير آباد هونديون هنيون، واهونديِن جي هوائن ۾ واچوڙا چڙهندا هئا جيڪي مٽي ۾ زمين تي گول ٺاهيندا پکڙبا ويندا هئا. اڃان آمريڪا ۾ ٻين ملڪن ۾ اهڙا واچوڙا ٻڌڻ ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. سو ابي ڪي چوان ناني مرحيات چوندي هئي تہ اهي واچوڙا جنات جي شادي آهي، انھي ڪي چپل اڇلي هڻبي تہ خارڪون ملنديون. بهرحال اسان بہ هئاسين ڇوڪرا ائين ڪندا هئاسين. خارڪون تہ ڪو نہ مليون، پر بہ ٽي دفعا چپلون اڇلي هنيوسين. هڪ دفعي چپلون وڃي اسان جي ڳوٺ جي وڏيري جيڪو ان واچوڙي ۾ ڦاسي پيو هو ان کي لڳيون پوءِ تہ واقعي خارڪون سونٽن واريون مليون جيڪي اڃان بہ ياد آهن. سو ابي ڪي چوان اوهين جوان آهيو تولو مولو واري خوامخواه هيرا ڦيرين جي عادت پاڻ ۾ نہ وجهجو.

چون ٿا هڪڙا چار گھاٽا يار هئا. چئني جون پنھنجيون پنھنجيون عادتون هنيون، شل نہ ڪو ڪٿي وجھ ملي هميشہ پيا لنڊيون لتاڙيندا هئا. ڦوڪن وارا نانگ پيا جھليندا هئا. هر ڪنھن پنھنجي سڃاڻپ الڳ ٺاهي هئي، هڪڙو تہ هفتي ۾ گنجو ٿيندو رهندو هو سو بہ سواءِ پاڪيءَ جي، پوءِ خبر ناهي ٿيندو ڪيئن هو؟ چوندا هئا وار پنھنجا پنھنجي هٿن سان پٽڻ جي عادت هوندي هئيس يا گھر وارن جي مٿس عنايت ٿيندي هئي، بهرحال اهو سندن خاص اسٽائيل هوندو هو. ٻيو جيڪو دوست هوندو اهو هميشہ خوامخواه وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندو هو وينٺي ويٺي جھجھڪي چڙهندي هئي اصل ۾ اندر ۾ روئيندو هو پر ٻاهر نقلي ٽهڪ ڏيندو هو پوءِ خبر وڃي اڳتي پئي تہ سندس ٻي شادي پسند جي ٿي آهي، ٽيون جيڪو دوست هو اهو پنھنجيون

مُڇيون وات ۾ وجهي ڦيرائيندو هو شايد ڪا ڳالھ سوچيندو هجي ۽ خوامخواه ڏيٺي وٺي اچي سنگت سان گڏ ويھندو هو. چوٽون همراھ سرنھ جو ڪارو تيل مٿي ڪان وٺي سڄي بدن ۽ منهن تي هڻندو هو ان جو ٻه وڏو ڪارڻ هوندو هو. باقي ساڍن وارو انگ ٻه ڪاليج جا ڇوڪرا هوندا هئا جيڪي هنن جي حاضري ۽ واندڪائي ۾ هوٽل جي ٻاهر واري ڪندا هئا ۽ شام جو خرچي ملي ويندي هئي، سو ابي ڪي ڇوان اُها ان وقت جي ڳالھ آهي ساڍن چار جي نالي سان وڏا مشهور ٿيا. جڏهن اڃان پهرين اپريل فول وارا ڪوڙ ڪو نه هليا هئا ان وقت ابي ڪي ڇوان اسان وٽ وڏو ڪوڙ اُهو هوندو هو ته وڏيري جي گهوڙي ڏينهن جو ويائي، بس سمجھ هٿ ٻڌي ڪوڙ هڻڻ هوندو هو اڳيون ماڻهو سمجهي ويندو هو. اهي ساڍا چار هميشه ڪو نه ڪو نئون اشو روز ٺاهيندا هئا. الله جو ڪرڻو ائين هو ڪنهن مست جنوني جي ور چڙهي ويا پهرين ته هُن گهرائي دعوت ڪرائڻ ۽ سٺي تواضع ڪرڻ جي ڳالھ ڪئي، هنن کي هميشه مفت جون مانيون کائڻ جي عادت هوندي هئي، بس ماني وغيره سامهون رکي جيئن هنن کي مٿئين هوا مان سرور واري ڪاڏي جي خوشبو پئي اچي بس همراھ سڄي ڏينهن جا بڪايل هئا گهرن ۾ عزت جي بس کھڙي ڳالھ ڪجي هڪ ٻئي کي ٺونٺيون پيا هڻن. هڪڙو چوي فلاڻي پاڃي آهي ته ٻيو چوي ته پلاءُ پيت آهي، بهرحال بس وات مان گگون ۽ بادي هوا پيا خارج ڪن. ايتري ۾ جنوني مست کي ٿي جهجهڪي چڙهي هڪ وڏي ڪاپي شاعريءَ جي ڪڍي ڪٽي آيو ۽ چيائين ته ٻڌو بس پوءِ ته هڪ مٿان ٻيو شعر شروع ٿيندو ويو. جڏهن پاڻ ٿڪجي ته پنهنجي ٻالڪي کي پڙهڻ لاءِ پيو سڏي، پر ڪنڻ جي ڳاله نه پيو ڪري رات جا ٻارنهن وڄي ٿيا. ننڍڙا ٻاهر وارا ساڍا ٻئي سمهي رهيا. باقي وڏا چار ڪو مٿي جو وار پيو پٽي، ڪو مُڇيون پيو وات ۾ وجهي، ڪو خالي ٿڪ ڏيڻ بدران رڳو ڏند پيو ٽيڙي مطلب ته ڪنهن ڏاهي هنن کي صلاح ڏني ته هاٺي ڏيئي ۾ تيل گهٽ آهي ماٺ ڪري خوشبو تي نه مرو رفعو چڪر ٿي واڇوڙي وانگر سٺ تي ڪانٺو رکو. هميشه سواءِ ڄاڻ جي ڪنهن جي دعوت ۾ ٽوپي نراڙ تي رکي نه ويندا ڪريو.



# پپڪيون ۽ ڦڙڪيون هوا ۾ اڏريون

جڏهن انسان لفظن جي ورچ ۾ ورهائجي ويندو آهي، لفظن جي چونڊ ۾ ڦاسي پوڻ بعد ناداني سر مستيءَ ۾ ڪنهن سودائي جوش ۾، خوشيءَ جي ڪيل ۾، جيت جي ريت ۾، نوبت جي نعري تي نچڻ وارن جي جهرمٽ ۾، معاشرتي قائدن ۽ قانونن کان اڻ ڄاڻائيءَ ۾، محبتن جي مدِ مقابل نفرتن جي پاليسي ۾، گفتن ۾ گلن جي خوشبوءِ وکيرڻ جي جڳھ گند ۽ گندلاڻ جي ڏپ ڇٽڪارڻ سان فقط امن ۽ سلامتيءَ جي گهر ۾ جهيڙي جهڳڙي جون جهمريون پائيندي ته گهٽڻ جي ڪڪاؤن آڪيرن کي ڄيرا ٻاھ جا ڏيڻ عقل مندي ڪون چئبي، ڇپن مان نڪتل لفظن ۾ وڏي مناس ۽ چاشني رکيل هوندي آهي، پراون کي قيد بند ڪري ڇڏيندو هڪ آٿت ڏئي غمن کي خوشين ۾ آڻي تبديل ڪريو ڇڏي، اتي مرڪون مرجهائڻ بدران نڪريو نڪور چڪور وانگر چمڪن ٿيون، باقي نفرتن جا جملا جهيڙن جهڻن ويڙهاند ڪانسواءِ ڇا ڏيندا. معاشرو اڳي ئي سڙيو پيو آهي سورن ۾، مهانگائي ۽ اڻ هوند زماني سازي جي قحطن ڪارا ڪڪر ڇانئي ڇڏيا آهن، اڃان کهڙي ڪثر رهيل آهي؟ پوءِ پڳڙن واريون پپڪيون ڇو ۽ ڇا جي لاءِ؟ اسان جا احساس سهي وانگر، اسان محبتن جا متلاشي سڀاجهڙا پراون کي پنهنجو سمجهڻ عادت اسان جي، ڦوڪڻا هميشه هوائن ۾ اڏرندا ڏسبا آهن، ٽائرن ۾ ٻه هوا هوندي تڏهن ئي گاڏين کي گهلي منزلن تائين رسائيندي، جڏهن هوا نه رهندي پوءِ ڦوڪڻن ۽ ٽائرن تي کهڙو ڀروسو ڪبو. اڏري اڏري نيٺ لهڻو ته هيٺ پوندو. داڻون ڇڳڻون زمين تي پوندو. پوءِ ڇا لاءِ زمين تي رهي اڏرڻ واريون ڳالهيون ڪجن؟ انسان ويچارڙي کي وري ٻه زمين جي اندر ئي لهڻو آهي، ٽيڙين آنگرين وارن گيھ پئي ڪڍيا ڪنهن وقت پر آسمانن وري انهن کي زمينن ڏانهن موڪليو.

# ڄُنڊن ۾ ھٿ، ھڏو ويو نڪري، لوڏ لڙھيو چسڪو

ڇون ٿا رسا ڪشي ھڪ اھڙي ناسور ڇوس آھي، جنھن کي ٻہ لڳي ٿي ڪڏھن نہ ٿي ڇڏي، ان جو سڄو وقت ختم ڪري ڇڏي ٿي ۽ ڪنھن ٻئي طرف ڌيان ئي نہ ٿي ڏيڻ ڏئي. جيئن ڀراڙين ۾ واندا ماڻھو ڪم ڪار ڪان ھوٽلن ۽ اوطاقن تي پٽا راند پيس ڪٽ پيا ڪندا، يا نئون ڪٽي سارين واري راند زمين تي يا ڪاغذن جي گتي تي نشان ھڻيو لڳا پيا ھوندا آھن، خاص ڪري ٽر ۾، ھاڻي وري موبائل تي گيم وغيره جنھن ۾ ننڍا وڏا لڳا پيا آھن، ڪم ڪار سڀ ختم ٿي ويا، سڀئي ھڪ ڌن ۾ مگن ھوندا. اُھا ھڪ اھڙي عادت آھي جو چانھہ جو ڪوپ جيڪڏھن ٿڌو ٿي وڃي تہ پلي ٿي وڃي، ماني تي مکين جي ويڙھہ ڪيڏي وڏي وسيع ڇو نہ ٿي وڃي پر ھمراھ لڳا پيا ھوندا. وڏيون ھونگرون ۽ نعرا جيئن ڪڪڙن جي ميل ۾ ٻي زبان پکيءَ جا ويڙھہ ۾ اکيون ۽ عضوا ڪيرايو ڇڏين، پر شوقينن جون ڪلتي بازيون ۽ ھڪلون ھڻ پنھنجي پيءُ کي، ائين ڪرڪيٽ جا شوقين، وري ڪامريڊن جا اليڪشن ۾ نعرا ۽ ھاڻي وري فيس بڪ تي نتيجا ۽ تبصرا سئو فيصد سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ ھڪ ويچارو سنجيده طبقو ڪنن کي طاقيون چاڙھيو ڇڏي، ميل جي ڪڪڙن وانگر ڪِنِ جو ڇھنبون ۽ مٿا رتو رت، ڪِنِ جا ڪنپ ۽ پاسراٺيون ۽ ڪٽي اڇڻ وارا پنجرا پُڪا پُڪا ٿيو پون، ميدان رتو رت، وري وچ ۾ ڦوھارن وارو پاڻي، سانڍ وارا ڪاڌل بادام ۽ پشتا سڀ ٻاھر نڪريو وڃن، بازي ڪٽڻ وارن جا ٻئي ھٿ گيھہ ۾، سپورٽ ڪرڻ وارن لاءِ اوطاق تي ٻوڙ ڳاڙھا ۽ مانيون اڱ ۾ ڪارو پاڻي يا مٿان ڪاري چانھہ. ھارايل بازي وارن کي ٽاڪا ۽ ھيڊ گرم تيل جا ٽاڪوڙا، ننڊ لاءِ وري مفت مشورا. الزام ويچاري ڪڪڙ تي، ھن جي پڙڪي گھٽ ھئي، ڪڪڙ ويڙھو ضرور ھو پر جوانيءَ جي ويڙھون وڙھي ٿڪجي پيو آھي، رياضت جي ڪمي ھئي، شيخن تي ميخ گھٽ ھئي، ٽنگون ڏکيون پئي ڪٽڻ ۾ دير پئي ڪيائين، مطلب تي ھارڻ واري ڪڪڙ تي طرح طرح جا الزام لڳڻ شروع ٿي ويندا. ڪڪڙ ويچارو سورن ۾ اڳي ئي ساڻون، ڏکن جا درد سيءَ ۾ وڏيڪ ڏُکن، ڏوھ بہ سڄو ڪڪڙ تي، ميارون بہ ويچاري ڪڪڙ تي، شاباس ھجي ڪڪڙ کي ويچارو وڙھيو شوق سان آخر تائين جيستائين وڃي دساڻو نہ تہ چاھي ھا تہ وچ مان ڪو گس ٺاھي ڀڄي بہ سگھيو پئي، ھاڻي علاج ڪرڻ بدران خوامخواھہ مھٽا ڏيڻ انھن کي سونھن نٿا جن ڪٽي وڃي ويڙھايو. باقي ملاڪڙن ۾ ھار جيت ٿيڻ لازم ملزم آھي، جيستائين ھڏ مضبوط ھئا پاڻيءَ وارن پئي ڦوھارا ڏئي ڇوسيس، ھاڻي ھڏن جو زور ٽٽو تہ بس ڇنڊا پٽ شروع ٿي وئي، ھاڻي ويڙھہ واري ڪڪڙن لاءِ ٽري ڊي ڪيلشم ڪارائڻ ضروري آھي جيئن ھڏا مضبوط ٿين ويڙھہ ۾ توڙ ڪجي.

# رُسڻا روئيندي رهيا، ڪِلَٽن ڪَٽيون بازيون

جتي دنيا جي جديد ترين اسبابن ۾ ٽيڪنالاجي اوزارن آسائشون ۽ راحتون ڏيکارڻ جا خواب انسان کي ڏيکاريا آهن، اتي وري انهن جي حاصلات لاءِ انسانن کي پڙڪائي ذليل ۽ خواريءَ مان گذاري ذهني مريضن جي فهرست ۾ به بيماري چڙهيو آهي، چاڪاڻ ته شارٽ ڪٽ ۽ وقت تي پهچڻ کان پهريائين پهچڻ وارا خواهش مند ايڏي تڪڙ جي ڪوشش ڪن ٿا جو چالاڪيون استعمال ڪندي ڪندي پاڻ ان جو شڪار ٿي وڃن ٿا، جهٽ پٽ، چڪ چڪان، هڻ هٽان، وٺ پڪڙ جي ور چڙهندي چڙهائي تان چڙهڻ جي ڪوشش ۾ ترڪيو پون، وري پيير ڪيڏڻ ۾ پنهنجن جا ڪارناما وساري نٿا سگهن. ويچارا ڏاڍا خير خواهه هوندا آهن، اُهي ڪڏهن به برداشت نه ڪندا آهن ته ڪو پنهنجو ڪنهن ڊوڙ ۾ سرخرو ٿي اڳتي نڪري پوي، هر ممڪن ڪوشش ڪندا ته پويان ان جو ڪپڙو جهلي بيهجي، ٿورڙو وجهه ملي خميس مان جهلي لاهڻ جي ڪوشش ڪجي.

ٽولو مولو جو پڳ مٽ يار شاهو سرڪاري ونجهه وٺيون ڪندي شيطان کي پنهنجو پرين استاد ٺاهي ڪافي ماڻهن منجهه شامل ٿي انهن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهي، هاڻي وري موٽڻ متاري کي شاگرد بڻايو اٿس، موٽڻ متارو اصل ۾ هن سان لاڳاپيل رهندو اچي، گهڻين هيراڦيرين ۾ ملهه ماريندو رهيو آهي، هنن پنهنجو



هڪ گروپ به جوڙيو آهي جنهن کي آپريٽ شاهو سرڪاري ڪندو آهي، هو وجهه هميشه وڃائي ڪو نه ڀلي پنهنجو پيءُ چو نه مفادن ۾ ٽڪر پيدا ڪري، هو انهن سيني کي پويان ڇڏيندي چڱ مڙسي کان وٺي هر طرح پاڻ کي اڳتي آڻڻ جي ڪندو آهي، هر ڏاهين ٻلي شڪار ڪندي ڪنٻڻ واري گرهه ڪائڻ جي جلدي ۾ پنهنجي ٻنهي پنجن سان ڳچي دٻائيندي آهي جيئن ڦاٿل ڪنڊا ڳڙڪائي ڇڏي پر ٻاهر نه ڪڍي، سو شاهو سرڪاري هضم ڪرڻ ئي سکيو آهي، اهو فن هر هر استعمال ڪندو رهندو آهي، تازو هڪ نئو پتو ڪيڏيو اٿس، وڏي جفا ڪشي بعد جانو جرمن کي شطرنج ۾ ڦاسائي سجو مال ڪٻاڙو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي، اها ڳالهه درست آهي جانو جرمن ڪوڙو ته ڀلي ڪٽي هجي پر محنت سان مال ڪمايو ضرور اٿس، هاڻي شاهو سرڪاري جي پٽي تي چڙهي ويو آهي، موٽڻ متارو به صلاح مشوري ۾ شامل آهيس، ڏسجي ڇا ٿو ٿئي! باقي ٽولو مولو ته هنن کي سچ منهن تي ٻڌائي ڇڏيو شاهو سرڪاري تون رڳو جانو جرمن جي اڳيان موٽڻ متاري کي روئاڙي مظلوم بڻائي بازي کٽڻ چاهين ٿو پر خدن ڪٻاڙي وجهه ۾ اٿئي اوهان جو ٽولو سڄو شرارت تي مشتمل آهي، هاڻي وقت اوهان جي روئڻ جو آهي، جنهن تي اوهان ڪلندا هئا هاڻي اهي بازيون ڪلندي ڪٽيندا.

# لالچي لومڙي، بگهڙن جي ڳوٺ ۾.

جڏهن معاشرو سڄو ئي بگهڙن جو هجي اتي لالچي لومڙيون پيدا تہ ضرور ٿيٽيون آهن. اهو انسان جي فطرت ۾ شامل آهي هر شيءِ جيڪا ظاهري اکين کي متاثر ڪري ان جي خواهش پيدا ٿيڻ انسان جي خامين ۾ اچي ٿي، پوءِ اها متاثر ڪندڙ سواري هجي يا سونهن ڀريو چهرو هجي يا رهائشي گهر ڪان وٺي منصب ۽ مراتب ڇو نہ ڪٽي هجي، ان جي وقت ڪان پهرئين سواءِ ميرٽ جي طلبي اسان کي يا ذهني بيمار ٻڻائيندي يا لالچ جي بازار ۾ پهرئين وڪامي پوءِ خريدڻ جي ڊوڙ ۾ ڊوڙائڻ لاءِ تيار ڪندي. چوندا آهن چندو چندن کي ڳولي وڃي هٿ ڪندو آهي، هر ڪو پنهنجي هم خيالن جي تلاش ۾ رهندو آهي، فقير فقيرن سان ٺهندو آهي، امير اميرن جي پر وٺندو آهي، غريب ويچارڙو پنهنجي خبرون پاڻ جهڙن غريبن سان وڃي سليندو آهي، ائين ڪنهن نشي ۽ منشيات جو عادي جيستائين پاڻ جهڙن سان گڏ نہ ويهندو نشو اصل چڙهندس ئي ڪو نہ. پر هڪ اصلي فقير وري بہ انهن سيني کي برداشت ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي ۽ پنهنجي گودڙيءَ ۾ جڳهہ ڏيڻ جي بہ ڪوشش ڪندو رهندو آهي، من ڪو فقيري واري رمز ۾ اچي لالچ جي مرضن ڪان بچي پوي، پوءِ قسمت ۽ مقدر جي راند آهي جنهن جو جتي لکيو اتي وڃي داٽو چڱي، جڏهن نئون لالچي نئين بازار ۾ پراٽن ۽ جهونن بازيگرن ڪان فن اتڪلون سکڻ نڪرندو آهي، پهرئين تہ هو انهن جي هٿان نڱجي نڱجي ڪاريگر ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪڏهن بہ لالچي پنهنجيون تدبيرون سيڪاريندو ڪو نہ. ان لاءِ تہ متان منهنجي ڏنڏي ۾ گهٽتائي نہ اچي، پر هو انهن سان گڏ رلي ملي سکي وٺندو آهي، پوءِ اهو نئون لالچي پراٽن رهزني لالچين کي پويان ڇڏيندو سڀ گڻ ۽ اتڪلون سکي مهارت حاصل ڪري، ڪڏهن نہ ڪڏهن وڃي بگهڙن جي پاڙي ۾ سندن شڪار ٿي سڄي ڪمائي هڪ ڏڪ سا چٽ ڪرائي پوءِ موٽندو. پوءِ گوشہ نشين ٿي ويندو يا وري ڪنهن فقير جي پناري پوندو. سڄي روئي دانهہ ڏيندو. پر فقير وري پيو ڪلندو ڇو تہ هو اڳ ۾ ئي هڪ جاڻو ماهر هوندو آهي، سڀ ڪجه سڃاڻڻ بعد فقيري اختيار ڪندو آهي. پر خاموشيءَ بہ ايتري جو ظاهر ڪرڻ ۾ عيب محسوس ڪندو آهي، رڳو لالچي همراهہ جي ڳالهہ ٻڌڻ بعد ڪلي چوندو لالچي لومڙي وڃي بگهڙن جي ڳوٺ ۾ پاڻ ڪاج ٿي.

چون ٿا پنهنجو پاڻ وڃي ڦرائي ان جو ڪهڙو داد ۽ فرياد. ڇاڪاڻ لالچ موت جي پيڙ بہ سڏجي ٿي، جيڪو هڪ سٺي انسان کي بہ لالچ جي پويان پڄائي پڄائي ٿڪائي وري فقير ٺاهي ٿي، ڦرجڻ ڪان پوءِ ڪو فڪر باقي رهندو ناهي، پوءِ آساني سان صبر سان فقيري رمز ۾ رهي پوندو پر هڪ دفعا اهڙن عادتي نون لالچين جو پانارو بگهڙن سان پوڻ ضروري آهي، ڏڪا ٿاٻا کائڻ سواءِ ڪهڙو قدر ٿيندو آهي، ڏکن بعد سکن جو مزو ئي پنهنجو آهي، گهٽي هڻ هٽان مان جان آزاد ٿي ويندي.

# ڪوڻن ۾ کرن جي پوي خبر هار جيت سان

جتي خوشيون گڏ ملهائڻ جون رسمون زور وٺنديون وڃن، جتي غمن جي لڙڪن جون لاڙون پاڻ کي ئي اگهٽيون پون، جمهريون ۾ نعرا جيت جو سمان دلين کي هميشه سنو لڳندو آهي، اتي هار جي بازيءَ کي به برداشت ڪرڻ جي سگهه ۾ سهپ هئڻ بهادرن جي بهادري آهي، جيت جون مستيون ۾ تماشا ڏسڻ وٽان هوندا آهن، اتي هار جي بازي جا هارايل چهرا لٽل ۾ ڪومايل نظر اچڻ هڪ فطرت آهي، پر جڏهن هار کي تسليم ڪري حسد جي هاٿيءَ کي خاموش ڪرائي، لالچ جي لومڙيءَ جي شرارتن کي لغام ڏئي، ڪوڙيون گجگوڙون شينهن جون ڪجهه وقفي لاءِ ماٺ ڪرائجن، گدڙ واريون پيپڪيون ڏيڻ کان پاسو ڪري، جيت جو تماشو پلي ڪٽي نه به ٿجي پوءِ به صبر سان ڪنهن جي خوشي کي هضم ڪرڻ ئي هڪ مردانگي چئجي ٿي، اسان جي معاشري ۾ جتي جنازا ۾ فاتحون مفادن جي ور چاڙهي پوءِ ادا ڪيون وڃن، ڪمزور ۾ ڪنهن لاوارث جي ميت تي روئڻ ته پري جي ڳالهه آهي، پر ڪير سمجهندو به نه آهي ته ڪنهن جي پاڙي ۾ به ڪا فوتگي ٿي آهي.

چون ٿا سياڻا صوبيدار جي بابي جي جنازي ۾ ماڻهن جي وڏي پيه هئي، پر خود صوبيدار جي جنازي لاءِ خلقِ خدا کي منٿون ڪرڻيون پئي پيون، ڇو جو جنهن ۾ مفاد هو اهو دنيا ۾ رهيو ڪون، معاشرو پوئين



کي ڏسي پوءِ شرڪت ڪندو آهي، تولو مسڪين جي شاديءَ لاءِ رڪشو تيار ڪيو ويو هو، رئيس خدن جي ڇوڪر لاءِ الاهي ڪيتريون گاڏيون سوارنجي اچي لٿيون، پوءِ انهن جو پر وٺي مولو تولو کي وٺي سرمائي سائينءَ جي فون سان سيلفيون پئي ڪيدرايون، سرمائي سائين به فون ائين ڪو نه ڏنو هو پراڻو واسطو هو، اجان به ڪڏهن زور ڏيارڻ لاءِ ضرورت پئجي سگهي ٿي، ڪٿي مڇ سڪل ڪانن جا ٻڙ، ڪٿي وري ڇيڻي ۾ گوبر جو دونهون به اٽلپ، ڪٿي خوشامندڙيون خوارين ۾ به چڱيون ڏسڻ ۾ اچن، ڪٿي وفائون ويچارڙيون سچ جي هوندين به شرمائجيو پون، ڪٿي نه برداشت ڪرڻ واريون ڳالهيون منيون لڳن، ڪٿي ڏاهپ وارا گفتا ٻڌڻ لاءِ ڪو به نه ملي، ڪٿي ڪتاب رکڻ لاءِ جڳهه تنگ ٿيو وڃي، اتي بوٽن جي لاءِ قيمتي پاليشون ۾ بهترين ڪوڪا دستياب هجن، جتي اوطاقن ۾ گڏهه هينگن اتي هوٽلن جي رش چمڪار چمڪندي ملي، جتي لائيٽ غائب ٿئي ته چڻ دنيا ئي ختم پر محبتون ۾ چاهتون پنهنجي موت مرن ڪو فڪر ناهي، جتي ڏوهه ڪري سمهڻ وارن کان ماني کائڻ جون صلاحون هرڪو هٽي پر ڪنهن بکئي پيٽ کي محسوس ڪرڻ باوجود پاروٿي ماني ڏيڻ ۾ به شرم اچي، جتي ڪپڙي تي داغ ٿيڻ تي پريشان ٿيو وڃون پر سچو ڪردار داغدار هئڻ باوجود به خوش لڳون، پوءِ به جيتن تي جشن فطرت رهي آهي ۾ هار تي حيرانگي شرمندگي محسوس ٿيندي آهي.

# پيڪينگ جي پڪنڪ ۾ گم اسان جا غم.

تولو مولو مسلسل ڪارخانن ۾ مزدوري ڪرڻ بعد بازارن جو رخ ڪيو پهرئين لنڊا بازار جو درشن ڪرڻ جو سوچيون، وري هليا ويا آچر بازار، ڪاڏي پيتي جي شين کي ويجهڙائي سان ڏسندا رهيا، ڪافي روزمره جون کائڻ ۽ واپرائڻ واريون شيون ڏسندا رهيا، ريٽ ۽ اگهه پڇڻ بعد خيسا ۽ جيبون جانچڻ بعد وري اکين ۾ اکين جا اشارا خاموش ڪرايو ڇڏين، مارڪيٽ ۾ داخل ٿيڻ مهل ائين اچي داخل ٿيا جڻ اڄ سڄي بازار خريد ڪندا، جيئن ڪو اناڙي ليڊر اليڪشن جي مهم ۾ نامزدگي فارم وصول ڪرڻ بعد اليڪشن جي ورڪ ۽ ڪامريڊن جي رول ريگيوليشن جي وات ڦاڙ ستڪن، اخراجات جي ڦرمار، هر ڪنهن هنڌان موسمي اڳواڻن جون فرمائشون، وري ڏوراپا ۽ معيارون، وري ٽيبلون ۽ طعام ڪباب، گهڻن نون شوقينن جا هانءُ ڏاريو ڇڏين، گهڻن جون ايمانداريون ۽ ديندداريون نوٽن جي سامهون نہ بچيو سگهن، پوءِ پڇڻ ڪم وريام جو انهيءَ ريس ۾ سواءِ ڏوڪڙن جي ڪو چاڙهو آهي ئي ڪو نہ، ڪنهن جي دال ڪيئن نہ ڳري، پاٽي تي پاٽي پلي پيو ٿهڪي، وڏين گاڏين جي اڳيان ننڍڙيون گاڏيون جيڪي ڪم نہ ڪرڻ جون ڳالهيون ڪري نون شوقينن کي نوان ليڊر ٿاهڻ جا مشورا ڏنائون پئي، اُهي بہ انهن وڏين سوارين جي اڳيان سيلفين جا پوز هڻندين ڏنا ويا، ڏوراپا ۽ معيارون سڀ وسري ويون، ويچارا تولو مولو اشياء جون رنگين پيڪينگ ڏسڻ بعد گگون ڳاڙيندا رهيا، پر نوٽن ساٿ نہ ڏنو،



ايتري دير ۾ سائين لڪانو اچي مٿيون پراڻو واسطو رهيو هو پڇائين تہ ڇا پيا ڪيو؟ پنهين رڙ ڪري دردن جي دانهن ڪئي، لڪاني کلي ڇيو دوست اسان هميشہ اوهان کي چوندا آهيون ڳالهہ مڙئي ساڳي آهي اسان وانگر پيڪينگ ڪريو پيا ڪم هلايو اڇو تہ اصل دڪان تي وڃي هلان جتان هي يارڙا خريد ڪري پوءِ پيڪينگ ڪري اوهان جهڙن کي بي وقوف ٿاهين ٿا، بس وڃي پهتا لنڊا مارڪيٽ جي جڳاڙي بازار ۾، جتي چند شيون سٺيون هيون پر هيون صفا ظاهر، خريداري ٿي لڪاني ڇيو هاڻي هڪ شيءِ وڃي پيڪينگ واري خريد ڪري ڏسو فرق جي خبر پئجي ويندي، اسان پاڻ سڀ هتان وٺي پوءِ پيڪينگ ڪندا آهيون، اڄڪلهہ هر هڪ فيلڊ ۾ اهڙو رجحان آهي، جڏهن تحفا دوستن کي ملن ٿا تڏهن ڏاڍا خوش ٿين جڏهن کولين ٿا تڏهن هڪ سؤ ٽي جو بخار چڙهيو وڃي، ڏس هر قسم جي پيڪينگ ڪرڻ جو سامان بہ هتي ملي ٿو بس اوهان پنهنجي پنهنجي مرضيءَ جو سامان هتان خريد ڪري وڃي پيڪينگ ڪريو ماڻهن کي بي وقوف ٿاهيو. ياد ڪريو ويچارو وتايو بہ ڪنهن دعوت ۾ فقيري لباس ۾ ويو هو، همراه کي پيٽ وارن ڌوڙائي ڪڍيو هو، پر جڏهن ڪنهن وڏيري جا ڪپڙا پائي گهوڙي تي چڙهي پهتو تڏهن سڄي پيٽ وارن آجيائون پئي ڪيون، اهو سڀ ڪمال اصل ۾ پيڪينگ جو آهي، جهڙي سني پيڪينگ ڪندا اوترو ناڻو بہ سنو ملندو.

# ماسڪ ۾ ٿاسڪ آهي.

آڳاٽي زماني ۾ ويهٽ (يعني سواري وارو گهوڙو، خچر ۽ گڏھ) انهن کي چاري خوراڪ لاءِ رات جو پاهوڙو چاڙهيو ويندو هو جيئن هو سڄي رات خوراڪ چرندا رهن ۽ ان مشغولي ۾ مصروف رهن ۽ ٻئي طرف ڌيان نہ ڏين بس لڳا رهن. جيئن اڄڪلھ ڪرونا جي وبا کان بچڻ لاءِ اڄڪلھ جو انسان ماسڪ سيفٽي طور استعمال ڪري رهيو آهي، هونئن بہ ماسڪ زڪام ۽ ٿڌ، ڏنڊ ۽ ڏونهي وغيره لاءِ هميشہ استعمال ٿيندو رهي ٿو اهڙي ريت بدن ۽ جسم کي ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو بہ هڪ ماسڪ آهي، ائين موٽر سائيڪل هلائيندي يا بيٽنگ ڪندي پليئر هيلمنٽ پائي ٿو اهو بہ هڪ سيفٽي ماسڪ آهي، ائين بد ڪردار وري ظاهري پنهنجي ڪردار کي لڪائڻ واسطي ظاهريت جو ٿورڙي دير ماسڪ پائي نڪرندو آهي پر خوشبوءِ ڪُلڻ ۾ دير نہ ڪندي آهي. جيئن ڪنهن بہ اداري جا اهلڪار پنهنجي اداري جون ورديون پائي هڪ ماسڪ طور پڌائين ٿا تہ اسان بہ سيفٽي ظاهر ڪريون ٿا. جيئن هڪ ڊاڪٽر جي پنهنجي هڪ مخصوص وردي وري دوربين ڳچيءَ ۾ لٽڪيل هئڻ لازمن آهي، ائين هڪ وڪيل جو ڪارو ڪوٽ نشاندهي ڪري ٿو وڪالت ۽ قانون جي، ائين فائيو اسٽار هوٽل جا بيرا هڪ خاص ڊريسنگ ۾ هوندا آهن. ائين اسڪولن جا پنهنجا پنهنجا لباس مقرر هوندا آهن. اهڙي ريت پيٽرول پمپ وارا بہ انهن



نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جي رانديگرن وانگر شرٽون استعمال ڪندا آهن.

چوڻ ۽ سمجهائڻ جو مقصد دنيا ۾ اندازِ بيان تحرير يا تقرير ان جو بہ هڪ لباس هوندو آهي، جيڪو ان جي تحرير ۽ تقرير مان ظاهر ٿيندو رهندو آهي، جيئن ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جو پٽ ڊبل ڪيبن ۽ باڊيءَ گارڊن جي موجودگي ۾ اظهار ڪرائي ٿو تہ آئون هن گاڏي ۽ لباس ۾ آهيان جيڪو ڪو عام انسان نٿو ڏيکاري سگهي، ائين هڪ پوليس اهلڪار جنهن ۾ جيڪڏهن ڪو دٻدٻو ۽ روب ناهي تہ پوءِ مزو ناهي، ائين ڪنهن آفيسر ۾ جيڪڏهن بليڪ ميلنگ ناهي پوءِ آفيسر ٿيڻ جو ڪو فائدو ناهي، ائين هر فرقن ۽ مذهبن بہ پنهنجي پاڻ لاءِ لباس لازم ڪيا آهن. ائين هڪ صوفي الڳ سڃاڻپ ڏيکاري ٿو گيڙو ويس پائي، ائين هڪ پير لاءِ جبو ضروري آهي، اسان جي معاشري ۾ هر هڪ پنهنجي پسند جي فيلڊ جو لباس پائي ان جي نقل ڪري ٿو يا ان سان محبت ظاهر ڪري ٿو پر اصل ۾ هڪ سٺي انسان جي ڪاپي ڪرڻ سٺن انسانن جو شيوو رهيو آهي. انسانيت سان محبت ۽ پيار ڪرڻ هڪ انسان جو اصلي لباس آهي، ائين هڪ بد ڪردار انساني لباس ۾ ملبوس ٿي بگهڙ ٿي اچي آخرڪار ڪٿي نہ ڪٿي پڌرو ٿيڻو ٿي پوندو پر ماسڪ ۾ جيئن رڳو اکيون نظر اچن ٿيون ۽ چهري جا سر ڏاڙهي جا اچا وار نظر نٿا اچن ضرور ڪجھ بچاءَ ٿيو وڃي ٿو پر اُها نڳي ڪجھ وقت ٿي هلندي.

# جنوني الست شخص

تازو تولو مولو پنهنجي يارن ڏانهن نڪتل هئا. وقت پاس ڪرڻ لاءِ ڪچهري ڪندي ڳالهه نڪري پئي ته يار جيئن جيئن گرمي پد وڌندو پيو وڃي ائين ڪاوڙون پيون وڌن. الاهي ڇا ٿي ويو آهي انسانن کي؟ جنهن کي ڪٽي ڏسو بس ڪانٽو ٻارنهن ڪان مٿيو پيو وڃي.

جيئن ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ هڪڙا دوست نڪتل هئا ڪنهن دوست جي سڏ تي. واپسيءَ ۾ ايڏو تڪڙ سان وريا جو سڀ ڦٿا پيا هئا ڪو به ڪنهن سان نه ڳالهائي. بس اسان به ڏٺو سون پر ماٺ ڪئي سون همراهن جي حالت حال پڇڻ جهڙي ڪو نه هئي. مٿان وري مولو ڇيو هاڻي خير صبح ساڻ سوشل ميڊيا تي سڄي رپورٽ اچي ويندي واقعي ٿيو به ائين. سڄي ڪاروائيءَ وڏيري جي پٺ اسان کي سڏي سڄيءَ روئداد ٻڌائي ۽ پڇيائين اوهان هنن سان گڏ ڪو نه هئا. اسان ڳالهه کي سمجهي چپ جو روزو رکيو سون. چيائين وڏي سوشل ميڊيا تي دٻ دٻان لڳي پئي آهي، پاڻ وارو فراقي ڦٽيل شعر پيو پڙهي ۽ جنوني الست ٽپيو وينو آهي. بهرحال مٿان خالو هوٽل وارو پهچي ويو ۽ ڳالهه مان ڳالهڙو ڪرڻ ڪان روڪيندي سياٽپ ڏيڪاريندي چيائين. تولو مولو وڏيرو صحيح پيو چوي. اڄڪلهه هر ڪو جنوني الست ٿيو پيو گهمي. ڪنهن جي قلم ۾ جنون. ڪنهن جي سوچ ۾ جنون. ڪنهن جي ڪچهري ۾ جنون. ڪنهن جي لفظن ۽ تقرير ۾ جنون. مقصد ته اسان جو معاشرو ذهني حدون جنونيت جون پار ڪري ويو آهي. ڪنهن جو ڪپڙو نئو وٺي ته ان تي به ٺٺوليون ۽ بحث تبصرا. ڪنهن جي ڪاروبار تي چڙ. ڪنهن جي نالي سان ناراضگي. جنهن جي فائدي واري ڪا ڳالهه ڪانهي بس هو جنون جي حد تائين پهچيو وڃي. سيئي لقب ڏيو ڇڏي. بس هرڪو ٻئي تي حاوي ٿيڻ لاءِ ۽ پنهنجي ڳالهه مڃائڻ لاءِ حربا استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. جيئن گونگو ڄڻ لائوڊ تي ڪم لڳيو بيٺو هجي. ان کي خبر به آهي مالڪ مونکي ڳالهائڻ واري سگهه ناهي ڏني. تڏهن به ٻئي کي هٿ لاهڻ ناهي ڏيٺو پلي گگن سان ڇو نه پري ڇڏي. ائين انڌو آئيني جي سامهون بيهو اپوزٽ کي شڪل ۽ شبيهه پيو ٻڌائي. پر ان کي صورت ڏسڻ به ناهي ڏيٺي. وري گنجو مٿي تي ڦٽي گهمائي گهمائي تارون ۾ داڳ ڪري ڇڏي واهه واهه وارا لفظ پيو اچاري. پر ڪنگو پاڻ تائين محدود. جيئن پاڻ وارو ڪاڪو قادن ڪنن ڪان ٻوڙو پاڻ ڪلي ۽ هاڻ روئي ڏوهه سڄيءَ ڏيهه تي بس ڇا ڇئون.

جيڪڏهن اسان وارو اڄ جو انسان پنهنجي اندر واري جنوني حسد تي ڪنٽرول ڪري ۽ پنهنجو محاسبو ڪري ته ڪيترائي مسئلا حل ٿي وڃن. جڏهن اسان رڳو هر عيب هر ڳالهه ٻين ۾ ڳولڻ جي بدران پاڻ ۾ ڳولي اُهي عيب ظاهر ڪريون ته معاشرو هن انتشار جو اصل شڪار ٿئي ئي ڪو نه. جڏهن اسان سڀ پنهنجو پاڻ کي آپي خان ۽ ٻئي کي گهٽ اهميت ڏيڻ شروع ڪنداسين ته حشر اهڙو ئي ٿيڻو آهي. اوهان مونکي ڏسو آئون هاڻي هوٽل تي ويهي هر گراهڪ کي ڏسان ٿو انهن جون ڪچيون ڦڪيون ڳالهيون ٻڌان ٿو. ڪو چانهه مان عيب پيو ڪڍي. ڪو پاڻي مان. ڪو وري ٻاهر واري کي گهٽ وڌ پيو ڳالهائي. آئون سڃاڻان ٿو جيڪو ائين چوي پيو ان کي ڪٽ به گهر ۾ سڄي ڪونهي پر هوٽل تي ڪمدار سان گڏ اڌار تي چانهه پيئڻ آيو آهي. صبر ڪرڻو پوي ٿو مونکي به اڳي اهڙي برداشت ڪو نه هئي پر سائين سرمائي ۽ سائين لڪاني سان ڏڪا کائي کائي پرايون اوطاقون ماپي ماپي ڏاها ٿي وياسين. هنن وچي ٻيون فيلڊون سنڀاليون مونکي هوٽل تي لڳائي ڇڏيو اٿن. دوستن کي ڪجهه ونڊي ورڇي ۽ ٺڏو ڪري ڪاڻ گهرجي جيئن همراهه گرم لاءِ نڪتا ٺڏا ٿي اچي لٿا. مٿان وري جنوني الست ڳالهه کي گهوٻاٽو ڪريو پيو گهمائي.

# جيڏانهن رخ، تيڏانهن مخ

دنيا جي گھڻائي هميشھ دنيا جا رخ ڏسي پاڻ کي بہ اوڏانهن موڙيندي آهي، اهو فطرت ۾ شمار رهندو اچي، هر ڪو ڪنهن نہ ڪنهن جي ڪاپي ڪرڻ جي چڪر ۾ رڌل هوندو آهي، خبر دير سان وڃي پونديس تہ ڪاپي غلط ٿي وئي، انهيءَ ۾ وڏي آساني سوشل ميڊيا ڪري ڇڏي آهي بس رخ ڏنو ناهي مخ ڦريو ناهي، ڪاپي پيسٽ ڪرڻ هونئن بہ آسان طريقو آهي، جيئن ڪنهن وقت ۾ جناح ٽوپي جو رواج هو، وري ترڪي واري ٽوپي ائين ڪئين ٽوپيون آيون ۽ ويون، ائين وري ڊريسنگ وقتن بہ وقتن تبديل ٿيندي وئي، ائين هر اڳواڻ پنهنجي پوئلڳن کي پاڻ جهڙي ڊريسنگ پارائڻ شروع ڪئي، ائين وري سياسي شخصيتن کان متاثر ڪجھ عناصرن اهو شوق جاري رکيو، بهرحال ڊريسنگ تائين تہ سڀ خير پر لهجن ۾ جيڪڏهن اهڙيون شروعاتون رونما ٿينديون رهن، سني ڳالھ جي نقل سنو رجحان پيدا ڪري ٿي بهتر آهي، پر جيڪڏهن غلط رويا ۽ غلط لهجا ۽ خاص ڪري غلط الزام بازيون ۽ تعصب ڀريون ۽ نفرت سان مالامال نقلون سڄي معاشري جو وايو منڊل تبديل ڪريو ڇڏين، نقصان وري بہ پنهنجا ئي پنهنجا، جتان ڪنيو وري اتي ڇڏيو، اهڙيون سرد مهريون رشتن ناتن سان هٿ چراندون، ڪلفتن جا دڪان ڪوليو ڇڏين خاص ڪري اڄڪلھ وڏي دڪان داري سوشل ميڊيا تي ٿيندي آهي. جيئن تولو مولو پاڻ ۾ ڪنهن ڳالھ تي کلي رهيا هئا تہ ڪاڪو قادن خوامخواه کليو پئي، تولو هَڪلَ ڪري پڇيس تہ ڪاڪا ڪجھ سمجهيو اٿئي يا خوامخواه پيو کلين؟ ورنديءَ ۾ چيائين ابا سمجهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي سائينءَ سرمائي چيو آهي تہ وقت سان گڏ هلڻ سکو بس ٻچا اوهان پيا کلو تہ آئون بہ پيو کلان، جيڪڏهن اوهان روئيو هان تہ آئون بہ اوهان وانگر روئڻ جي ڪوشش ضرور ڪريان هان، باقي معلومات ونڊ پاڻ ۾ ڪونهي، نڪو ٻڌون نڪو سڻون بس جڳ جهڙو ٿيڻ لاءِ هونگرون ٻڌڻ بعد آواز ملائيندا آهيون، پوءِ جهڙو رخ اوڏانهن اسان جو چهرو ۽ مخ.



# لائبريريون ۽ لاپرواهيون

مامي خدن جي افطاري تي سڄي سنگت اچي گڏ ٿي، فقرائي ۽ ڳوناٺي حال سارو سڀ ڪائڻ پيئڻ جو سامان اچي گڏ ٿيو مامي خدن جي چڙياري جي هميشھ اها عادت رهي آهي تہ جيڪو بہ ايندو ڪجھ نہ ڪجھ گهران کڻي ضرور ايندو آهي.

وڏيرو اديب روزا تہ ڪو نہ رکي پر احترام باقاعده ڪندو آهي، اهو بہ حسبِ دستور پنهنجي گهران ڪجه نہ ٿاهجي مليو تہ بہ خير، پر ونگاري ڪنهن دوست کان سواءِ ڪنهن دين ڏرم جي پڪوڙا ۽ چرڪاڻ آٽي ئي آٽي، چاڪاڻ جو پاڻ هميشھ چرڪاڻ ڪائيندو رهندو آهي، جيتوڻيڪ ڊاڪٽر نوازڻ سائين ڪائڻ جي منع ڪئي اٿس، پر ان کي بہ ڪارايو اچي پوءِ ٻئي پيا کلندا آهن.

ائين خالو هوٽل وارو بچيل ڪڙهيل ڪير ملائي ڪڍي ان ۾ ملڪ روز ٿاهي آٽيندو آهي، شودائي شمشو چپسون اڏار واريون ۽ پينڊيون پنهنجي ٻنيءَ مان پٽيل ڪچيون کڻي ايندو، چو تہ پچائڻ لاءِ وري خالو هوٽل وارو ذميوار آهي. ائين تولو مولو جو ذمو فقط ڪائڻ ۽ ڪارائڻ جو آهي، باقي ٻيا سائين سرمائي ۽ لڪانو مرضيءَ جا مالڪ آهن، دعا پڙهندا آهن.

اڄ افطاري کان اڳ وڏيري اديب هڪ اهڙي بهترين ڳاله ڪئي جو سيني ڪن ڏئي ٻڌي ۽ دل سان لڳايائون. وڏيري اديب چيو، يارو ڏسو اڳي هر وڏيري جي اوطاق ۾ روز واريون تازيون اخباون پيل

هونديون هيون، ائين هوٽل واري وٽ، سيلون واري وٽ ۽ پيڊي واري وٽ، اڳي ڳوٺ ۽ شهر جي پارڪن ۾ بہ لائيبريرون هونديون هيون جتان ننڍا وڏا ڪتاب پڙهڻ لاءِ کڻي ويندا هئا ۽ وري واپس ڪري ٻيا کڻندا هئا. ايترو تہ ڪتابن جو رجحان هو جو بابا مرحيات اسان سڀني کي گرميءَ ۾ نم جي وڻ هيٺان ويهاري پاڻ خميص لاهي پوءِ ڪتاب کولي ڪڏهن قصص الانبيا، ڪڏهن امير حمزي وارو داستان مطلب ڪهاڻيون وغيره اسان کي ٻڌائيندو رهندو هو. اُهي اڄ ڏينهن تائين اسان جي دل ۾ نصب ٿيل آهن. مجال آهي اسان هيڏانهن هوڏانهن فالتو گهمون، هاڻي تہ افطاري تائين رڳو فونون هٿن ۾ آهن ڪا خبر ناهي، جيڪڏهن پيڪيج ختم ٿيو وڃي تہ چڻ سڄيءَ فيملي ۾ ماتم. الاهي ڪهڙو واءُ وريو آهي، ٺيڪ آهي جديد ٽيڪنالاجي ضروري آهي پر اسان مان ادب ۽ احترام نڪري ويو. پوءِ ويچارو مامو خدن اجان ڪم کي کڻيو ويٺو آهي، ڪتابن جو شوق پورو ٿيڻ سان ئي علم عقل موڪلائي ويو. معلومات جا ذخيرا ضرور گڏ ٿيا باقي لاپرواهيون وڌي وڃڻ ڪري سڄو ڪلچر ۽ تاريخ اڳتي پوئتي ٿي وئي آهي. جتي ننڍ وڏائي انسانيت ۽ ڪردار ڪتاب سيکاريندا هئا اتي اڄ نيٽ اسان کي حرام پائيءَ جي جديد طريقن سان همڪنار ڪري اهڙيون گيمون متعارف ڪرايون آهن جنهن ۾ نہ ڪو ذهني شعور، نہ ڪو علمي شعور. فقط وقت قيمتي هٿن مان نڪتو پيو وڃي. وڏيري اديب جي اهڙي ماهرانہ گفتگو سڄيءَ روزي جون بڪون ۽ اجون لاهي ڇڏيون. سڀني متفقہ اهو فيصلو ڪيو تہ هاڻي ڪتابن پڙهڻ ۽ پڙهائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون وينديون.



# ڪاٺ ڪنوءِ طوطو

طوطائي رنگ جتي دل فريب آهي اتي خوبصورتيءَ جي علامت پڻ آهي، سبز رنگ اسان جي زندگيءَ جي بهترين رنگن ۾ شمار ٿئي ٿو.

طوطو پکي تمام قديمي پکي تسليم ڪيو وڃي ٿو. مثنوي روميءَ ۾ ان جي ڏاهپ ۽ سياڻپ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، انبن جي باغن ۽ وڻن سان طوطي جي قربت ۽ قريبي نسبت کان ڪير بہ انڪار نٿو ڪري سگهي، جيئن اسان وٽ انبن جا باغ ختم ٿيڻ شروع ٿيا ائين طوطا غائب ٿيڻ لڳا، يقينن ان جو ڪارڻ انهن جي رهائش جو مستقبل جو مسئلو برپا ٿيڻ لڳو.

طوطو ٻوليون سکي گهرن ۾ ڳالهيندڙ پکي طور پاليو ٿو وڃي، سندس دلچسپ انداز ٻولڻ گهر جي ٻارڙن جي وڏي وندر رهي آهي، خاص ڪري پوڙهي امان، نانيءَ، ڏاڏيءَ جي اڪيلائيپ ۾ شغل ليکي ويندي هئي، هاڻي طوطا ٻاهرينءَ ملڪن وارا جڻ هائيبرڊ هجن، جهرڪين وانگر پنجرن ۾ بازارن ۾ وڪري لاءِ رکيا ويندڙ نظر اچڻ لڳن ٿا. باغن ۽ باغيچن سان عدم دلچسپيءَ جا ڪارڻ ڳولي لهڻ سڄاڳ وندن جو ڪم آهي، انهن ساڃاهہ وند ڌرين کي اهڙن ناياب پکين جي گمشدگي تي اچرج هئڻ ضرور گهرجي.

جيئن اڄڪلهہ انسان ۽ خاص ڪري انسانيت ناياب ٿيندي پئي وڃي، انهن جي خانہ پوري ڪرڻ لاءِ متبادل مصنوئي انسان جنم

وڻڻ لڳا آهن. هاڻي پلا انهن اصلي انسانن جي جڳهه جيين پيش، سون جي جڳهه تي مصنوعي زيور مارڪيٽ جي زينت اچي بڻيو ائين هر جڳهه تي متبادل سسٽم رائج ٿي ويا.

اصل ۾ ان طوطي جو انبن ۾ گهر ٺاهڻ جو ڪم اهو ويچارو ڪاٺ ڪٽو ڪندو هو جنهن جي وڏي نوڪ واري چهنپ ان ڪاٺ ۾ بهترين گهر فراهم ڪندي هئي، انهن اصلي ماڻهن وانگر جيڪي پنهنجي خانقاهن، درسگاهن، تربيت ۽ تعليم ۾ هڪ وڏي ڪرداري انسان ٺاهڻ لاءِ ڄڻ هڪ فيڪٽري طور ڪم ڪندا هئا. انهن ادارن مان جيڪي بہ فارغ تحصيل ٿيا اُهي دنيا جا وڏا عظيم اڳواڻ، صوفي معلم، سخي بهادر انسان بڻيا. اڄ بہ انهن جون ڳالهيون ڳائيجن پيون.

بس ڪوشش ڪجي انهن ڪاٺ جهڙن ذهنن کي ٺاڪيندڙ اهڙن ڪاٺ ڪٽن جي ڳولا ڪجي، پر اهڙا باغيچا بہ ڳولجن جتي اُهي اچن ۽ رهن، اچي آماجگاهون ٺاهين.



# لکن جا هيرا، ٺکن ۾ وڪاڻا

جڏهن بهارن مان خزائون ايندیون آهن. پن ڇڻندا آهن ۽ نوان پن انهن جي جڳهه والاريندا آهن، سرديون گرمين ۾ تبديل ٿي وينديون ۽ پوءِ اهو احساس ئي ختم ٿي ويندو آهي تہ ڪا تپش بہ هوندي هئي، ائين ويچاريون جوانيون ۽ مستيون جڏهن ساٿ ڇڏينديون آهن پوءِ پنهنجو پاڻ تي بہ اعتبار ناهي رهندو جو اسان ڪڏهن جوان هئاسين، ائين ئي گهر جا پڪل ڪاڏا جڏهن هوٽلن تي تلاش ڪجن تہ سمجهڻ گهرجي سياڻيون ۽ گهر ڏيڄاڻيون يا تہ رهيون ئي ڪونهن يا ڪا هار تسليم ڪري ورتي اٿن، يا پنهنجو پاڻ کي (سرينڊر) حوالي ڪرڻ ۾ ڪا عافيت سمجهي ڇڏي اٿن، ائين اوطارن جي جڳهه جڏهن هوٽلن ۽ ڦٽ پاٿن ورتي تہ اها سنجيدگي گم ٿي وئي، جڏهن گفتار ۽ گفتن ۾ اڻ ڄاتل جملن جڳهه والاري تہ اها مٺاس ۽ چاشني نڪري وئي، لائيبريرين جي جڳهن تي موبائيلي معلومات هلي پئي تہ استاد ۽ ڪتاب ڪهاڻيون بڻجي ويا. جتي وڏن تجربيڪارن هٿيار ڦٽا ڪيا اتي ان ٽرينڊ (غير تربيت يافتہ) مافيا سرگرم ٿي عطائي لفظَ ايجاد ٿيا، محنتن ۽ توڪل جي ڪمي ٿي تہ هرڪو غلط رستن ذريعي راتون رات امير ۽ بادشاه بڻجڻ جا خواب لهڻ لڳو. جتي ڏينهن سمهڻ ۽ رات رلڻ ۾ گذرڻ لڳي اتي ذهني سڪون دوائن ۽ منشيات ۾ ڳولڻو پيو. لالچن لکن جون بازيون لوڙهي ڇڏيون ٿورڙي منافعي ڪاڻ، جڏهن آرٽيفيشل (هٿرادو) ۽ ڪاپي ڪلچر متعارف ٿيو اصل نقل جي پويان

لڪي ويو. هر طرف سيڪو ماهر ۽ ڄاڻو بڻجي ويو. جڏهن پڙهڻ ۽ پتوڙڻ کان سواءِ آڱوٺي جي اشاري سان ڪاپي پيسٽ ڪا تحرير ٿي وڃي جيڪا صحيح پڙهي بہ نہ هجي، ان اديب کان ان لکڻي جي باري ۾ ڪو ڪنهن ڪچهريءَ ۾ ڪو سوال پڇي تہ همراه ليٽرين جي بهاني اٿي هليو وڃي، جيڪڏهن ليڪچر رٽا هڻي ڏنا وڃن ۽ پڇڻ جي صورت ۾ جواب گول مول ٿيو وڃي، ائين ناڪاميون شوشن ۾ ڇُپيون وڃن وڏين گاڏين جي قطارن ۾ جاهل ليڊر ۽ شعور مند جانچيندي سڄ لاهيو ڇڏين ۽ ٻڌڻ وارو ٻوليو نہ ليي، جتي عقل ٻڌل افواهن جي نرغي ۾ هجي اتي علم ۽ عقل لڪي ڳجهارتون نہ ڏين تہ ٻيو ڇا ڪن؟ جتي قيمتي ڪتابن جا ورق پڪوڙن ۾ استعمال ٿين جنهن کي لکڻ وارن کهڙيون اذيتون ڪائي پوئين لاءِ علم ۽ عقل فهم جا دريا بند ڪيا انهن اهي دريا سڪائي ان جي جڳهہ تي گٽرن ۽ نالين جو بدبودار پاڻي واپرائڻ کي دانشمندي طور استعمال ڪن. پوءِ مياروں ڪنهن کي ڏجن؟ اهڙين صورتحالن ۾ ڏاها چريا نہ سڏجن تہ ٻيو ڇا ڪن؟ جتي ڪاپر چاندي ۽ پتل سون پيش ٿي ڪپي، اتي مله ۽ قدر جي ڳالهہ ڪنهن سان ڪجي؟ جتي رڏون رباب ٻڌن، فن فرمائشي طور وڪامجي، اتي لکن جا هيرا ڪهڙن دامن ۾ وڪبا؟.



# ڪُتا آهيون تڏهن بہ خان آهيون

چون ٿا رئيس رمو وڏي ڳالهہ هو. جڏهن مُڇين کي ڪارو ڪلر هڻي وٽ ڏيڻ شروع ڪندو هو جڻ ساري پاڙي کي پيو وٽ ڏئي ۽ وڏو شوقين بہ هو خاص ڪري ڪتي ميلو ملاکڙو نہ ٻڌي، اڏار سڏار ڪٽي بہ پهچڻو هوندو هئس. پوءِ بس گهوڙن جي ڊوڙ دوران رڳو سندس نالا پيا ورتا ويندا هئا. پهرين تہ پاڻ ويگو گاڏي جي ڊالي ۾ ويهي ريس ڏسندو هو پوءِ جڏهن ڏوڪڙن جي ڪمي پيشي ٿي تہ ڪاڪي ولڻ جي ٽريڪٽر ۾ ٽيڪجي مدگارڊ تي الڙون پائي جهاتيون پائيندو هو ۽ لڪندو بہ هو متان پوتار ڏسي نالو نہ وٺي لائوڊ تي ڇاڪاڻ جو خيصو خالي ٿي چڪو هو. ايترو هٿ کي تيز هلايائين جو هوريان هوريان مٿان کان هيٺائين ڏانهن رڙهندو ويو. ان ڪري جنهن سان مڏِ مقابل ٿي مهاڏو ٿي اٽڪايائين انهن وٽ پرايو مال هو. چون ٿا تہ پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي، خبر نٿي پوي باقي ويچارن وڏڙن جي ڪمائي وارا هڏا وڪڻي جيڪڏهن شوق ڪبا تہ آخرڪار نتيجو اهڙو ئي اچڻو هو. پوءِ رمو ڳالهيون ٻڌيون تہ ماڻهو ڪيئن ٿا ڪمائين انهن جي ريس ڪرڻ شروع ڪيائين، پر اها اٽڪل نہ آيس. وري جو سوشل ميڊيا تي ڏٺائين ڏاڙيلن جا نٽ، ائين ڪرڻ جو شوق جاڳيو وڃي پاپڙ چوري ڪيائين پر پڪڙجي پيو. پاپڙ واري ترس کائي ڇڏي ڏنس. اها سڄي ڪهاڻي سائينءَ سرمائي هڪ ساهي ۾ ڇئي ويو. ايستائين تولو مولو گرم چانهہ

مفت واري ڳڙڪائي ويا. خالو جيڪو اڳئي تپيو ويٺو هو دوستن جي روپي تي ڏاڍي ڪاوڙ هئيس. جو هميشه خالو کي برياني مفت واري وٽندي هئي. هڪدم جو تولو مولو کي ٻڌايائين تي پاڙي واري ڪڪڙائي چاچي ڪا دعوت ڪئي هئي جيڪا هنن دٻي ڪاڍي. پوءِ گرميءَ اچي ڪنيو تڏهن وڃي پاٽي جي پر ورتائون. بس خالو جيئن جيئن خبرون ٻڌي تيئن گرم ٿيندو وڃي. بس متان سائين لڪاني رڙ ڪري هڪل ڪئي ۽ چيائين نور پتاري جو قسم! ڪڪڙائي وارا ڪڪڙ پيالو پيتل هئا مونکي ادي سپاڳي ٻڌايو هو نه ته دعوت مون کي به هئي. تڏهن تولو مولو کي هيڏي گرميءَ ٿي. بس اها ڳالهه ٻڌڻ خالو جو خاموش ٿيڻ ۽ تولو مولو جو الٽيون شروع ڪرڻ. بس چون ٿا ايترو ڪجي جو وري ٻاهر ڪڍڻ ۾ تڪليف نه ٿئي هميشه ٿڌو ڪري ڪائجي پوءِ رڳو پاروٽيون ڳالهيون بقايا رهجي وڃن ٿيون تي اڳئي ائين ڪندو هئس هاڻي پنا پيو ميڙيا. پير به سَوَڙ جي ويڪر ڏسي پکيڙجن متان ٻاهر نه نڪري وڃن.



# ڪارڙو، ڪمارڙو، ان پاٽي ڏي، ته مينهن وسي

ٻهراڙيءَ جا ٻارڙا ڳڏجي پراڻي ڪپڙي جون جهوليون ٺاهي پاڙي وارن جي گهرن ۾ وڃي ائين چئي ان گڏ ڪندا هئا. پوءِ ديڳڙيون چاڙهي پچائي ڪائيندا ۽ ڪارائيندا هئا. جيئن اڄ جا نوان شوقين جنم ڏينهن تي پاروٽا ڪيڪ ڪٽي ڪائيندا آهن ۽ ڪارائيندا آهن. اڳي ٻارڙا ديڳڙيون چاڙهيندا هئا هاڻي نوجوان اٽي جي دز جهڙا ڦوهارا اڏائي منهن ۾ ڪپڙا اڇا ڪري ۽ چوندا آهن ته اجان جيئو ۽ ڏهون ڏيڍهو ۽ ڏوپار ٿيو مطلب ته اهڙا شوق ڪڏهن ويچارن مائٽن جي حصي ۾ ڪو نه اچي سگهيا. مائٽ ويچارو چلهه تي ويهي رات واري ٻچيل پاروٽي ماني زال جي طعنن ۽ مهڻن جي وچان نڪ جو ڏاڍو ٿي ڪاري چانه سان ڪنڌ هيٺ ڪري ڪائي پيو ۽ چوڪر جنم ڏينهن کي وش ڪري دوستن کي ٻڌائي پيو ته منهنجا والدين نپاڳا هئا جنهن اهي ڏينهن ڪو نه ڏٺا. اڄ اسان ڏس پنهنجي والدين جي هوندين به جنم ڏينهن ملهايو پيا. وقت جا رونشا ۽ (تماشا ڪمپني) وڏا اچرج جهڙا ڊراما رچائي چڏيا آهن. هڪ طرف بابي لاءِ دوا ۽ درمل ملڻ مشڪل ٿئي طرف چوڪر ٿئي ڏينهن زوري ڪاوڙجي بيوٽي پارلر جو رخ ڪري ۽ سوشل ميڊيا جي پيڪيج هٽ ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪتابن کي به قرباني جو ٻڪرو ٺاهيو ڇڏي.

هل چري تنهنجا عيش. اهڙين وارداتن جا عادي ڪيڏاري رتومل ۽ سوٽامل فونن تي سائينءَ رڏٽي خان کي گهرائي ڪا تقريب ڪوٺائي پوءِ ته بس واڪا ٿي ويا وسڪاري جا. رئيس چٽل ڪارتوس وري تولو مولو جو سهارو وٺي پاڙي جا ٻارڙا گڏ ڪري ڪارڙو ڪمارڙو ڪري ان

گڏ ڪري ٿيلهي ساڻ ڪٽي اچي لٿو. بس پوءِ ته چتڪارن تي چتڪارون مڙس ست گهر جا ٻاتي اٺ وري ٻويان جي دٻ جلدي ڪيڪ گهر موڪليو. پوءِ رئيس چٽل ڪارتوس جي گگ ڪڏهن وات مان ڪڏهن وري ڪيڪ تي پئي پوي وڏي رساڪشي بعد هڪ اڌ ٽڪر بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي هڪ ٿيلهي ۾ رکڻ جي دير هئي تولو مولو اڳئي تاڙ ۾ بس هو به ڪٽڻ جا ماهر پوءِ وڏيري جون رڙيون گهر پهچڻ بعد ٻڌڻ جهڙيون هيون جڻ ته هڪ تاريخ نئين لکجي رهي هجي، رئيس چٽل ڪارتوس جي ننڍي ڀاءُ وقت جي غنيمت کي سمجهي وڏيري رڏٽي خان کان ڪجه اڌار رقم گهري ورتي بس ڪجه مقصد حل ٿي ويو. ائين تقريب ختم ٿيڻ شرط تولو مولو ڏاڍا خوش هئا ۽ چيائون پئي ته وڏيرا جتي به ڪو اهڙو پروگرام رٿيل هجي بس اسان کي ضرور اطلاع ڪجو اوهان جو انگ پورو ٿي ويندو ۽ اسان جو ڏنڊو لڳي ويندو. بس پوءِ انهن ٻنهي گڏجي ماسڪ کي هٿ ۾ ڪٽي ڪارڙو ڪمارڙو ڪري رئيسن ۽ سيٺين کان ونڻ شروع ڪيو وڏيري جي خيسي کي اڳئي رئيس چٽل خان ٻهارو ڏئي وينو هو پوءِ بس اڌار ڪٽي ڪم ٽپائيٽو پيو ائين رات دير سان تولو مولو ڪارڙو ڪمارڙو واري ديگڙي لاٿي ۽ برسات جو اوسيئڙو ڪرڻ لڳا.



# ڏيڏر ٽپ جؤار، ڪوئي ڪوئي ٽڏا واڙ

ڏيڏر ويچارو ڪنهن جانور جو پيشاب ڏسي وٺي جو ٽُپ ڏنائين ته وڃي مٿو ٻتر (مٽيءَ جو ڪڙو) تي لڳس، اچي جو ٺانء ٺانء ڪيائين ته ٻاڙي وارا ڏيڏر ۽ ڏيڏريون اچي گڏ ٿيا، چيائون خير ته آهي هيڏي وڏي حشري ٻڌي اٿئي؟ چيائين اڄ وسڪاري جي پهرئين برسات پئي آهي پر مون واري حريف ڏيڏر مونکي سينيٽائزر اڇلي هنيو آهي منهنجو نڪ رتو رت ٿي ويو. هاڻي مونکي برسات جي پاڻيءَ جي خوشبوءِ جي جڳهه تي ڏپ پئي اچي، ڪنهن ڏاهي سينئر ڏيڏر سمجهائيس شوقينَ، رڙين ڪرڻ جا ماهرَ اصل ۾ ڏوهه تنهنجو پنهنجو آهي، تو ٽُپ ئي ڏپ واري جڳهه تي ڏنو آهي، اهو چڱو ٿيو جو تنهنجو نڪ سينيٽائزر سان واش ٿي ويو. آئنده لاءِ خوامخواه پرائي چوڻ تي ٽپو ڪو نه ڏيندي، سڄو ڏينهن ٺانء ٺانء ڪرڻ تي ڪُئيون ڪو نه لينديون نه ئي جهلي سگهندي، ڪجهه ٽڏو ڪري ڪائڻ سک. ڪو وڏو تلاء جانچ اتي يا ته شڪار ملندئي يا شڪار ٿي ويندي، نفعو نقصان ته ضرور آهي باقي رڳو فائيدن لاءِ نه پيچ. نه ته اهڙي ڏپ جي ڪري پنهنجا به چڏي ويندئي، اڄڪلهه پلر پاڻيءَ ناياب ٿيندو پيو وڃي، ائين وري نهري پاڻي جي به اٽاٽ پنهنجي جڳهه پر پوءِ به احتياط لازمي آهي، ماسي ڏيڏري پنهنجي سمجهاڻي جاري رکندي چيو ته. اسان واري وقت ۾ هڪ چاچو چبنر نالي رهندو هو. ڪچهري جو ڪوڏيو هوندو هو

جنهن کي ڇُهتيو تہ بس چنبڙيو پيو هوندو هو. رات صبح ۾ تبديل ٿي ويندي هئي پر گفتا ۽ ڳالهيون نہ کٽن اصل ۾. سو ابي کي چوان چاچي چنبر چيو تہ هڪ ٿولو نئون نئون نهيو. پاڻ ۾ بہ گهاٽا يار هئا بس ڪٿي ڪا سس پس ٻڌي نہ اٿن سنگت سميت پهتا ناهن. الله سائين جي ڪرٽي ۽ چوٽي آهي تہ ڪُتي ڪٽي تہ نانگن جا ٻر جانچي، وڃي ڪٿي نڪاؤ ڪيائون. رسمي ڳالهہ ٻولهہ کان پوءِ توازو ٿيو پر هي نوان نوان شوقين جو سردين جا فروٽ گرمين ۾ کائڻ جا مزا پيا ڳولين. جيئن تون وڃين تلاء جي بدران گند ۾ ڪاهي پئني، هو بہ تڪڙا چوٽيءَ جا. ڏنو ٿبي تلاء ۾ مڇين لاءِ ۽ پاڻ ٿيا شڪار وڃي ڪاري نانگ بکايل جا. بس ابي کي چوان تڪڙ ڇڏ خواهشن واري ڪاري نانگ کان بچ نہ تہ جيت ماڪوڙا بہ ويري ٿي پوندئي. ڪُئيون ڪُئيون ڪندي متان ڪُئين وانگر اوهين ڪاچ نہ ٿي وڃو.



# تڏي آئي ۽ پُٽ ڄائي بہ ڪو آرهو ٿئي؟

راڻو رتن اڏار ڪٽڻ جو وڏو شوقين هوندو هو. هميشہ پيو وجهہ ڳوليندو هو. ڪٿان ڪا اڏار ملي پوءِ پلي ڪو فلاحي ادارو ڇو نہ هجي يا ڪو (اين جي او) مطلب تہ دوست رشتيدار پاڙيسري راڻي رتن کان بچي بہ ڪيئن؟ اڏار گهرڻ جا نت نوان جديد طريقا استعمال ڪرڻ جو هنر بہ ڪو وٽانس سکي، ائين ڏوڙيا لاهي ڇڏيائين پنجن رپين واري شيءِ پندرهہ رپين ۾ پيو چُڪائي ڪٽي، لالچي لوڀ ۾ ڪنڌ نمايو اچيو پاڻ ڏين. پوءِ راڻي رتن جو ڪهڙو ڏوهہ؟ گراهڪ گهر ويٺي اڏار ڏيو وڃن ٻيٽا ٿاهڻ جي چڪر ۾.

هڪ دفعي متارو مسڪين جنهن جو ڪيتري وقت کان راڻي رتن ڏانهن قرض رهيل هو جڏهن گهرڻ وڃي تہ جواب ۾ اها ورندي اچي بس منهنجو ڇوڪرو ٺيڪ وارو آهي دائي ٻڌايو آهي، بس پوءِ پئسا گهر ويٺي ڏئي ويندس. متارو مسڪين سوچيو ويچارو راڻو پريشان آهي شايد ٻار جي معاملي ۾ شايد ڪا آپريشن وغيره جو ڪو مسئلو آهي، پلي فارغ ٿئي، ائين وقت گذرندو ويو. هڪ ڏهاڙي نديم ناسوري جيڪو ويجهو راڻي رتن جو عزيز هو. هڪ هوٽل تي ڏسي سڀ قرضي گڏ ٿيو راڻي رتن کي ڦريو ويٺا آهن. هي بہ وڏو ناسوري فقير هو وڃين پاسو ورتائين سڀ پيا پڇن تہ راڻا تنهنجو ڇوڪر ٺيندو ڪڏهن؟ راڻي وڏا ٿهڪ ڏيندي چيو بس دير ڪانهي، اتي ناسوري نديم پڇيو پلا راڻا رتن تنهنجي ڇوڪر جي پيدا ٺيڻ سان هنن قرضين جو ڇا جيڪي سڄو

ڏينهن گهر جي گهٽي تي بيٺا آهن. پاڙي وارا ماڻهو سمجهن ٿا راڻو ڪا وڏي هستي ٿي ويو آهي ڏاڍا مهمان اچن ٿا وٽس. اصل ڳالهه جي خبر هاڻي پئي آهي. راڻي رتن ورندي ڏني. ناسوريءَ منهنجا ماڻهن کي ڪروڙين رپيا ڏنل آهن مبارڪن جا بس چوڪر جيئن ٿيو سڀ وصول ٿيندا. پوءِ الٽو ڪار به وٺبي ۽ قرض به ڏبا ۽ توکي به گهمائيندس. ناسوري هيڪر ته خوش ٿي ويو سڀ قرضي حيرت مان هيڻئان لاٿار ٿي ويا. پر راڻو رتن ڪلڻ ۾ لڳي ويو ناسوري به ناسڪا هٽندو وڃين گهر پهتو خبر پئي ته پار ته پري جي ڳالهه آهي همراهه اجان چڙو ڇانڊ آهي. شادي جهڙي آهي تهڙي ڪانهي بس ناسوري الٽو ۾ گهمڻ واري ڳالهه تان هٿ ڪڍي ويو پر قرضين کي ڀڙي ڏيڻ جو سوچيائين. وڃين متاري مسڪين جي ڪن ۾ سس پس ڪيائين. متارو ڪيئن مڃي جيڪو خيالي پلاءُ ۾ ٻيٺان ڏوڪڙ ٺاهيو وينو هو اهو يقين ڪرڻ باوجود به آسرو ڪيئن پلي.

دوستو دنيا جي وهنوار ۾. زندگيءَ جي خواهشن ۾ سواءِ نڱيءَ جي نڪائڻ ڪان ٻيو ڇا آهي؟ ويچارو انسان متاري مسڪين وانگر نفس راڻي رتن جي آسري رڳو خوش فهمي ۾ آڱرين تي ڳڻيندي ڳڻيندي سڄي بازي زندگيءَ جي هارائي هٿين خالي واپسيءَ جي ٻيو ڪجهه بچندو ڇا؟ بس سوچيندي ٻيٺا ڪٽڻ جي بدارن وڪر اهڙو ويهارجي جيڪو پنهنجي مٺ ۾ هجي ۽ خراب به نه ٿئي.



# اڇو ته چنڊ کي چورايون

چنڊ ۽ چانڊوڪي جو موضوع هميشه زيرِ بحث رهيو آهي. چنڊ جتي روشني جو اُهڃاڻ آهي. اتي مذهبن جي ڪتابن ۾ به ان جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جيئن قرآن مجيد ۾ شمس ولقمر جو ذڪر ملي ٿو ائين نبي آخر زمان صلي الله عليہ وسلم جي چنڊ جي معجزي کي تاريخ ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. ائين چنڊ کي شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي محبوب جي چهري ۽ وري رخسارن کي ڪارن ڪڪرن ۾ لڪائڻ واريون لڪ لڪوٽيون ڳايون آهن. جنهن مان وقت جا مجازي مستانه لطف اندوز ٿيندا رهيا آهن. وري سهڻي ميهار جي قصي کي به اونڌاهي ۽ چانڊوڪي راتين جي عنوانن سان شاهه صاحب ڀٽائي ڳائي لازوال محبت جو داستان هميشه لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو.

چنڊ به واقعي محبوب جي حسين چهري وانگر جڏهن ڪارن ڪڪرن ۾ لڪ لڪوٽيون ڪرڻ شروع ٿو ڪري ته هڪ عجيب عاشقانه دلين ۾ بي چينيءَ رم جهم جهڙي ڪيفيت ظاهر ٿيو پوي. ڪئين مستانه فطري فڪرن جا فاصلا طئي ڪندا ڏسجن ٿا. عجب لقاء آهي فطرت جو نه ته سج به روشن وڏيڪ آهي پر چنڊ جو ذڪر ديرينه دليريءَ سان پيش ڪيو ٿو وڃي. وڏيون ڪهاڻيون دلبر ۽ دلربائي جون ملاقاتيون وري چانڊوڪين راتين ۾ لڪ ڇپ ۾ هڪ ٻئي کي ڳولي لهڻ جون ڪهاڻيون. ائين جيئن آڳاٽي زماني ۾ اسان جي ٻهراڙين ۾ نوجوانن جون ونجهَوٽيون ۽ ڪوڏي ڪوڏي جون رانديون چانڊوڪي جي انتظار ۾ هونديون هنيون. ائين جيئن ڪنهن پاڙي واري درويش جي دربار تي اسان جون ويچارڙيون زائفائون گهر کان ٻاهر نڪرڻ جي بهاني کي تلاش ڪنديون. مطلب ته چنڊ خود مجاز سان ڀرپور روشني آهي. جيڪڏهن ان

ڪي گرهڻ ٿو لڳي تہ ڄڻ عاشق جي دل ائين ٿي تڙپي جيئن دلاسو ڏيدار وارو جدائيءَ ۾ گم ٿي وڃڻ، پوءِ ڏوڪرين ۽ مڙهين جا سوڻ ساٿ پنهنجي جڳهہ تي وري سائنسي بنيادن تي ۽ فلڪياتي ماهرن ۽ ستارن جي عاملن جا منطق الڳ الڳ نمودار ٿيندا آهن.

ائين اڄڪلهہ ان فطري سونهن کي بہ سائنسدانن اڇي وڪڙ ۾ وڌو آهي، هڪڙيون خلائي اسٽيشنون چنڊ تي لهن تہ ٻيون وري سفر ۾ ائين اتي چنڊ جي زمينن تي قبضا مافيا ملاڪڙي لاءِ رسا ڪشي ۾ مشغول وري واءِ فائي بہ هلڻ لڳي چنڊ تي هاڻي چينل ۽ چڄڙيل رولاڪ روح جيڪي چنڊ کي هڪ محبوبہ جيئن سمجهي روئڻ ۽ ريجهائڻ ۾ لڳي ويندا هئا. چا هاڻي اُهي ڪنهن بيوٽي پالر جي دڪان اڳيان انتظار ڪندا تہ ڪڏهن ٿو محبوب تيار ٿي ٻاهر نڪري؟ ائين جيئن هڪ ڪماؤ مافيا بجيٽ جي اوسيئڙي ۾ تہ ڪهڙي جنس مهانگي ٿئي، ائين نوجوان جيڪي سڄيون راتيون سوشل ميڊيا تي وڃائڻ بعد انهيءَ انتظار ۾ تہ ڪو ڪرونا سبب ٻڌجي پيپر پروموٽ ٿيندا وڃن ۽ اسان پاس ٿيندا رهون. ائين وري سياستدان نيڪن ۽ ڪميشن جي لالچ ۾ نوڪريون ٿوڪ تي نيلام ڪرڻ جي چڪرن ۾ ۽ آئينده اليڪشن جي سيٽنگ لاءِ رقم گڏ ڪرڻ ۾ رڌل. بس ائين اڄڪلهہ جو اولاد ظاهر ۾ مائٽن کي پاڻي جو گلاس پيارڻ لاءِ بہ لاچار باقي فادر ڊي تي ڪنهن سٽي ڪاپي پيسٽ جي ڪاپي ڪرڻ جي انتظار ۾. بس اهڙا بہ جوان ڏٺاسين جو چون تہ ابو اڄ پرڏيہ پکي وانگر اڏري تہ سندس آکيري ۾ چپ وانگر ٿي ويهجي جيئن ڪنهن ڪامل درويش جو اوٻاش اولاد ان سياستدان جي اولاد وانگر مسند نشين ٿيڻ لاءِ آتو بس هڻ هٽان جو جهان آهي جيڪو ڦٻي بس اسان يار جي ياراڻي ۾ غرق ۽ منافق مفادن ۾ در بدر.



## دائي کان پيٽُ ۽ ڪُڙميءَ کان ڪيٽُ ڳجهو ڪونهي

چون ٿا تہ اکين ڏٺا شاهِدَ بہ وقت جي وهڪري ۾ وهيو وڃن، يعني خاموشيءَ جو ماسڪ پايو ڇڏين ۽ منهن ۾ پُڙي وجهيو ڪنن ۾ هينڊ فري هٽيو دنيا ۾ ٻوڙا گونگا سمجهڻ لڳن. هڪ طرف ڏسجي تہ ٺيڪ ڪيو اچن، نٽا پهچي سگهن. مفادن جي ٽڪراءُ کان ٽاٽا ٽارين پيا. وري ڪٿي سٽيو لقمو لڪيو چٽايو ٿو وڃي، ڪڏهن وري زوري جي مهندي هٽايو وجهن. مطلب تہ مجيجي جي ماٺ ماٽا بہ ڪري سياٽا بہ سجاٽي پر چپ کي ڇُهنبَ ۾ جهلي رکيو ڇڏي. ڳالهہ ڪوتاهہ ائين درسگاهن ۾ گڏهن کي گاهہ ڪارائڻ واري عادت گهٽي پراٽي آهي، تڏهن کان گڏهہ پالبا هئا جڏهن کان گهوڙن جي ڪوٺ ۾ سواريون ڪبيون هيون. اهو رواج وري هن جديد دؤر ۾ وڌيڪ تيز ٿي پيو آهي، جڏهن کان گاهہ جي جڳهہ تي اليڪٽرانڪ فيڊ اچڻ شروع ٿي وئي آهي، جو هڪدم سست جانور تندرست توانو ٿيو سواري لاءِ دستياب ٿيو وڃي، جيئن اڳئي ڏاها ويچارا چوندا هئا تہ ڪتو چتو ٿئي پوءِ بہ مالڪ جو خيال ڪري ٿو وڃي، ائين چور وري بہ چور ٿي پاڙي کي ٽاريو ڇڏي، ڏاڙيل بيواهہ ۽ سيد جو احترام ڪرڻ لازم سمجهي، نياڻي کي ست قرآن سمجهي هرڪو ادب ڪري، هاڻي قرآن جا ڄاڻون قرآن کي پاڪ ڪلام کان هٿي ڪري جان بچائڻ لاءِ جيڪڏهن استعمال ۾ آڻين تہ دانهن ڪنهن جي در ڏجي؟ جتي اخلاقيات لاءِ نئون نسل نهاري اتي وري نت نوان طريقا ايجاد ڪيا وڃن ان بي شرمي ۽ واهيات حرڪتن جا جنهن لاءِ ڪتاب ڪلام الله ۾ پنج هنڌن تي ذڪر ڪري

ءِ حديث پاڪ ۾ سخت ڪان سخت سزائن جي حوالي ڪيو ويجي، اتي پيشماني لڄ بچائڻ جي زياده ٿيو وڃي، تعليم ۽ تربيت جي جڳهه تي اهو رواج اڄڪلهه سيني نيڪي جي منصبن تي فائز افرادن کان وٺي پاڪيزه جڳهن تي نظر فڪر ۽ غور طلب آهي، سيني کي هڪ قطار ۾ نٿو بيهاري سگهجي پر ڪاري رڍ گر واري ولر کان الڳ ڪرڻ جيتري لازمي آهي اوتري اها ويا واري بيماري کي ساڙڻ گهرجي. پوءِ پلي جنهن کي لڳل ويا هجي اهو ڪيڏو به قيمتي جانور ڇو نه هجي، ٻئي ولر ۽ جاندارن کي محفوظ رکڻ لاءِ جڳهه کي جراثيم ڪش اسپري ڪرڻ گهرجن جيئن ويا جو هميشه خاتمو ٿي وڃي، باقي دائي کي ڏُن ۽ پيٽ جي چاڻ نه هجي اهو ممڪن ڪونهي.

ائين هاري کي پنهنجي زمين جي زرخيزي ۽ مرضن جي سڀ سڌ هوندي آهي، اهو وقت آهر انهن فصلن جو علاج به ڪندو آهي ۽ ان ٻنيءَ جي مطابق فصل اپائيندو رهندو آهي، دائي به علاج لاءِ پنهنجو تجربو ضرور استعمال ڪندي آهي، پر ائين جيڪڏهن ڄاڻون ۽ سڄاڳ طبقا جنهن کي خبر سڀ آهي پر فقط مفادن کان هٽي ڪنهن ذاتي نظرئي فڪر کان اڳتي وڏي هڪ وڏي ناسور بدنامي جي داڳ کي ڌوئڻ واسطي نروار تي ڪري ڪووڊ (Covid) جيان ويڪيسين وارو عمل شروع ڪن ته قرباني جو جانور فقط قرباني ۾ ئي ڪم اچي سگهي، باقي ٻين گهرجن کان پري رکجي ته نسل ڪمزور پيدا ڪو نه ٿيندو، ايندڙ وقت ۾ ولر جي ناياب ڌڻ کي ڪو فڪر خوف ڪو نه ٿيندو.



# سڀ رئيس، گهوڙو ڪير ٻڌي؟

وقت، وقت جي تقاضا آهي، جڏهن گهر ۾ هڪ وڏي جي هلندي هئي، ائين راڄ پاڳ ۽ ڳوٺ پاڙي جو چڱو به هڪڙو هوندو هاڻ ته گهر ۾ پاڇي به هر ڪنهن جي پسند. نه ته اڳئي دال ماني به هڪ دسترخوان تي گڏ کائبي هئي، هاڻ ته ٽي وي به هڪ نٿي وٽي، هر ڪو الڳ ديڳڙي رڌڻ ۾ پورو آهي، پوءِ اها ٻي ڳالهه آهي جو ان ۾ سامان رڌڻ وارو گهٽ وڌ هجي.

اڳئي صلاحون وڏن کان وٺبيون هيون، هاڻي مشورا مفت ۾ مفت وارن جا ٻُڌڻا ٿا پون، جنهن جو نالو نه نشان اهو به گهر ڏٺي، هڪل ڪري چوي جانو ڪُتي کي جهل آئون تنهنجو مهمان. نه ڄاڻ نه سڃاڻ مڙس ائين اچي لٿو جڻ ملڪن جو والي، ويندي ويندي خبر پئي ته جٽ ڪيسو به ڪتري ويو.

ائين اڄ اسان هڪ اهڙي ماحول ۾ رهون پيا جتي مائٽ پريشان آهي، اولاد ۽ استاد جي پاڪيزه رشتي ۾ گندلاڻ جو وچ ۾ اچڻ، جتي لفظ به اٽڪي ٿا پون ڳڇيءَ مان ڪيئن نڪري اظهار ڪن ادب ۽ حياء شرمسار ٿيو پوي، فطرت جا قانون ۽ قائدا، نيڪيون ۽ بديون وري انهن جا به ڪي اصول ۽ سسٽم هئا، نياڻين جي ڪوٺ اڳئي ئي ڪو نه هئي پر هاڻي ڇڙواڳي ڪم لاهي ڇڏيو آهي، نه خبر سمهڻ جي نه خبر جاڳڻ جي، وري ڪو پتو ڪو نه ٿو پوي دشمنن جي وچ ۾ دوستن جو ۽ دوستن جي وچ ۾ دشمنن جو سڀ ڏسڻ ۾ ماڪيان ميٺ گهڻو خوشامند

وري اهڙي جو جو جڻ ڪڪڙ ڪڪڙي کي داڻو پيو چڳائي، حسد جا هيراڪ ظاهري ۾ حيرانگي جي عالم ۾ ماٺ جي مار ۾ جي ڳالهائي سگهن تي اها ماجرا الڳ آهي، پر اندر جي باهه اکين ۾ منهن مان اولا ڪريو پئي نڪري، پرائي ڪاج ۾ ۽ ٽوپي نراڙ تي ڪاٽن جي ڪر ڪرا ائين گهوٽ ٿيو پيا اچن پر نئيبڊ جي بيگ ۽ ڪاپي ڪان ايترو پري نڪريو پڇيو وڃن جيئن موالي مسجد ڪان ۽ ملان ملامت ڪان ۽ پيير پنهنجي ماني ڪان، نقلي صوفي فڪر فهم ڪان، بس واڄٽ لڳو پيو آهي پنهنجي منهن پنهنجي تعريف جون ڪهاڻيون، وري ٻڌڻ وارا ڪائڻ ۾ پورا ڪرڻ وارو خوش فهمي مبتلا، چوڪيدار ۽ چور ڳٺ جوڙ پاڳيو ۽ پيري انهيءَ اوسيئڙي ۾ متان ڪٽي چورن جا سنگتي ڪا ٽوڪ نہ ڏين، چڱا راڄ جا چورن جا يار وري والاري ۾ پاڳين سان گڏ پيڙا ۽ ڇڏائڻ ۾ سيني ڪان اڳيرا، پوءِ پلا ڪيئن نصيب کُلن هن ڌرتيءَ جي دردن جا، هڪڙو فون ٻڌائڻ لاءِ وري ٻيو فون ڇڏائڻ لاءِ، آفيسر بہ پريشان چو تہ ان ويچاري کي پيٽ ۽ ٻچا آهن، گهر جا ڏٽي هيڪاندا، هر ڪنهن جو گهوڙو جهلڻو پوندو ان جي واڳ سميت، جيڪڏهن گهوڙو رسو ڇنائي ويو تہ راڄ رينگٽ ۾ اچي لهندؤ پوءِ بس رئيس جو گهوڙو ۽ گاهه وري ڪلهو جهلڻو پوندو.



## گَنجو چوي، سپ مون جهڙا ٿين

عادتون ڇٽن ها تہ لومڙيون لوريون ڏئي پنهنجي ٻچن کي شينهن جون آکاڻيون ڪو نہ ٻڌائين ها، گدڙ ويچارڙا اونائيون ڪن ٻُڪ مان صابو سمجهي تہ منهنجي ڪڪڙ فارم تي حملو پيا ڪن، اصل ۾ هو اهو چوڻ چاهين پيا صابو هٿ ڪيو حلال سپ تنهنجا پر مئل تہ اسان لاءِ ڇڏ، پر صابو بہ جڏهن گدڙ جي اونائين واري ٻولي سمجهي ايستائين ڪاڪو ڏنو پهچيو وڃي، سيئي مئل ڪڪڙ ميڙي سيڙي ڪامران جي دعوت ۾ ديگڙي حوالي، پر گاهه بہ پريءَ ۾ تہ اچي ان ڪان اڳ ۾ خدن اچي خواريءَ جو سندرو ٻڌو ڊاپي مري مورو ڏوهہ پوي ڏاتن جي ڏانتن تي (گاهه وڍڻ وارو)، ڏاتن ڏانتو چو ڏنو؟ پر گهرڻ وارن ڪان بہ ڪير پڇي تہ اوهان ڏانتو ڪنيو چاجي لاءِ؟ جڏهن اوهان هميشہ پرايا گاهہ چورائي لوسڻ نڪ ڪيا، جيڪڏهن ڏاتن جي ڏانتي پنهنجو ڪم ڪباڙو ڪيو تہ چڱو ٿيو، وري ڪٽي لوسڻ مانجهلي ڪو نہ ٿيندو، هاڻي تہ گاهہ جا بہ ڪيئن قسم دريافت ٿيا آهن، اسان اجان پراڻا طريقا پيا ڳوليون.

ڪالهہ گنجي گاجن جڏهن خالو واري هوٽل تي نديم ناسوري کي وڳ پاتل ڏٺي بس همراهہ صفا نري پيو، وڃين گهر واري ٻڪري ۾ هٿ وڌائين تيارِيءَ ڪيائين تہ ناسوري واري وڳ وٺبي، تڪڙ ۾ پلجي ويو تولو مولو کي صلاح هنيائين تہ اوهين بہ وڳ وٺو سائين لڪاني ٻڏي

ورتو چيائين گنجو تون پاڻ سمجهين وري ٻين کي پيو اتي چاچي خدن وڏا ٺهڪ ڏئي چيو تہ سائين لڪانو اُهي سبق تہ سڀ اوهان ئي سيکاريا آهن هر ڪنهن کي انهيءَ دڪان واري طوطي جيئن پاڻ وانگر سڀني کي گنجو سمجهڻ. جيڪي عادتون اوهان پاڻ ۾ وڌائي وڌيون ڪيون اُهي ائين پيا سمجهو جڻ ٻين ۾ اهڙيون عادتون هونديون، لٺيون ۽ موچڙا پاڻ جهليو ٺپا ڏيو ڏيڏر وارا. نهاريو پرايون ڪيڙيل زمينون وري چؤو تہ سبحان الله! اُهي اسان پنهنجي عقل ۽ فهم ۾ ڪهڙيون ٺاهيون ڪاريون ٻٺالي واريو بوتلون چپن تي چاڙهيو ۽ سڄو جيڪي چاڙهين انهن سان گڏ هلو وري سمجهو تہ چاچي خدن بہ ائين ڪيو هوندو. ڪجهہ خوف خدا جو ڪريو هاڻي پلي ڪٺي سائينءَ ٿي ويا هجو پاڻ سڀ مديجي آهيون. هڪ ٻئي کي سڃاڻون ٿا. وقت تبديل ٿي ويو آهي هر هڪ کي گنجو نہ سمجهو متان ٽوپيءَ ۾ لڪيل ٽو واري ٺوڙ تي ڪنبر ڪامل وارا ٽٽل ٺڪر نہ ڪٿي هي همراهہ ٽوڙي نہ وجهن. تون سمجهين پيو انهي آڳاٽي زماني کي هن وقت ڇوڪرا سڀ شوق مان ڪڪڙي ڪٽ ٿيو پيا گهمن. ڇڏين نہ ڪٿي گنج سُڃائي، پوءِ پيو مائي ڀاڳيءَ وارا ڳاجهہ ڳائين ۽ ساروڻيون سارين.



# عادت مٿي، نہ عادتي، علت مور نہ جاءِ اُٺ پوي ڪٽڪ ۾ تہ بہ ڪندا چوندي ڪائي

چوندا آهن تہ علتي ڪا عادت ڇڏي. جيئن هڪ جواري ڪٺندو تہ نِڪرين تي بہ جُئا ڪندو. ضرور ماچيس جون تيليون چورائي بہ علت پوري ڪندا. ائين علتون ۽ عادتون گهڻيون سماج ۾ موجود آهن. وڏي ۾ وڏي خطرناڪ عادت فتني خوري جي آهي، فتنہ خور هڪ وڏو ناسور آهي سماج لاءِ جيڪو در در باهہ دُکائي، پنهنجن ڪان وٺي پاڙي ۾ دونهان مچائي، اجان بہ اڳتي سنگت کان وٺي ڪنهن جي سٺي ڪاروبار کان ٿيندي هر هڪ فيلڊ ۾ لهي پوي بس، ٻن کي ڦٽائي پوءِ پيو لنگر ڪائي شيطان جو اهڙا فرد لڪي نٽا سگهن پر وڏا ٽيڪنيڪل ماهر ٿين ٿا ڇو جو شيطاني قوت سندن سرپرستيءَ ڪندي رهي ٿي، اهڙو هڪ ٽولو تولو مولو جي ور چڙهي ويو. تولو جو اوٻاسيون ڏيندي خالو جي هوٽل تي پهچڻ چانهہ جي هنڊيءَ ڏانهن حسرت ڀرئين نظرن سان ڏسڻ. ايستائين سڪايل سوٽو اچي رسيس چانهہ ۽ بسڪيٽ جو آڊر ڏئي تولو سان ڪچهريءَ ۾ لڳي ويو. تولو اڳئي سڃاڻندو هو ڇو جو سائينءَ سرمائي سان گهڻو گڏ گهمندو هو. بس اچي جو مولو لاءِ تولو جي دل ۾ ڪڏ ڪوٽڻ شروع ڪيائين. وڏا داستان ڏريندو رهيو چوندو ويو. مولو ڪو ماڻهو آهي ڏس جڏهن بي روزگار هو تڏهن ڏس اچ وري نخرا پيو ڪري، سائين سرمائي اڳئي ئي توکي سيکاريو هو پنهنجي هٿ

مان نہ ڪڍ نڪري ويندؤ ڏس سائين سرمائي سچ چيو هو. ڏس اڄڪلهہ هو مولو وارو نئون سائين ڪنهن کي گاهہ ئي ڪو نہ ٿو وجهي پنهنجي هٿ ڏرمي ڇڏي ئي نٿو بس هر وقت سچ جي رٽ لڳائي ويٺو آهي، بابلا اهو وقت ٽري رهيو آهي، بس نانگ نمونو ڪري ماڻهن کي ٺوڪون ڏيڻ گهرجن، حق ۽ سچ بس ڪتابن ۾ چڱو ٿو لڳي، راهہ گناهہ پاڻ سان گڏ اسان سيني جي روزي تي لت هڻندو. وري اهڙيون جون حقيقتون ٿو ٻڌائي جو اسان هاڻي لڪڻ ۾ ئي پورا. آئون تہ ان مولو واري سائين کي صفا ڇٽ اُٺ ٿو سمجهان جيڪو ڪٽڪ جو فصل ۾ بيهي ڪري ڪنڊا چونڊي پيو ڪائي، هي ڪو وقت آهي هميشہ ڪنڊا چونڊي ڪائجن، ماڻهو کي پنهنجي مفادن لاءِ سوچڻ گهرجي، ڇا انسانيت جا ٻين سڀ حق پورا ڪري ڇڏيا آهن باقي رڳو هڪ مولو وارو سائينءَ بچيو آهي سمجهي ئي نٿو پر اسان بہ ڇڏيندا سون ڪو نہ. ڪوشش ڪندا سون پاڻ جهڙو ڪري ڇڏيون، نہ تہ خوار ڪرڻ لاءِ گامو سچار جي ڪوڙي آئي ڊي تان اهڙيون جڙتون ڳالهيون جوڙي هلائيندا سين بقول سائين لڪاني جي ماڻهو ان کي سچ سمجهندا. تولو يار تون ڏوڙ پائي مولو جي منهن ۾ ٿوڪي ڇا مليو تون اسان سان گڏ ٿي وڃ گڏجي ونڊ ورڇ ڪندا سين، آهي تہ تولو وڏو پر جتي لالچي بازار ۾ اتي ٿڳ ٻُڪ ڪو نہ مرندو. پلي مولو وارو سائين وڃي اُٺ وارا ڪنڊا ٽوڙي اسان تہ گلن جون پتڙيون ڪائيندا سين.



# قلم گونگي جي زبان آهي

لکڻ هڪ داناءَ ۽ دانائيءَ جو نالو آهي، جيڪڏهن ڪاٺ يعني قلم جي تلوار چئجي تہ ليکڪ جو قلم تکي تلوار بہ آهي، پر جيڪڏهن جنهن سماج ۾ گند ڪچري جا ڍير لڳا پيا هجن، تہ يقينن سمجهو قلمڪار جو قلم هڪ ٻهارو بہ بڻجي ٿو وڃي، جيڪڏهن ڪٿي اڻ برابري جا رواج وڌنڌا پيا وڃن، اتي قلم هڪ رستو ۽ اهڃاڻ آهي ڀائپي ۽ ڀائيچاري جو. جتي ڪاوڙ ۽ حسد جي باهہ روان دوان آهي، اتي قلم صبر ۽ برداشت جو حصيدار ٿيو بيهي ٿو ۽ سيڪاري ٿو ڏانءُ ۽ ڏات سان صلاح مشورا محبت وارا. جتي بدمعاشي ۽ فنڪاري عروج تي هجي اتي قلم هڪ سياٽپ جو داستان آهي، جتي حق ظلم جي اڳيان سر سجود هجي اُتي قلم لڪ لڪوٽي جو سچ آهي، جتي ڏاڍ جو ڏهڪاءُ هجي اتي قلم قلمبند ڪري ٿو تاريخ نسلن جي.

دنيا جي تاريخ ۾ اهڙا مصنف ملندا جيڪي هزار ها ڪتابن جا ليکڪ هئا ۽ اهو ڪم صدين کان جاري آهي، جن پنهنجي قلم جي پورهئي مان شهرت بہ ڪمائي پر علم جي دولت جو ورثو پوئين لاءِ محفوظ ڪري ويا. اشارتن اهڙا راز ۽ علم ڇڏي ويا جيڪو سونن ۽ جواهرن جي ماليت کان وڌيڪ وزني قرار ڏنو ويو.

هن جديد ۽ اليڪٽرانڪ دؤر جي دنيا ۾ قلمي نسخا وڏي اهميت جا حامل ٿي ويا آهن جن تي تحقيق ڪندي ماڻهو وڏا داناء ۽ اڪابر بڻجي ويا. جتي ابن عربي جهڙن جي مفڪرن اشارتن ۾

ڪائنات جي رازن کي سمجهيو آهي، اتي مولانا روميءَ جهڙن مثنويءَ ۾ روح جا خارجي ۽ داخلي معاملا سلجهايا آهن. وري ڀٽائيءَ کي جي ڏسجي ۽ پڙهجي ته هڪ صورتختي لفظن جي صورت ۾ ٻي طرف گهڻن زبانن کان وٺي قرآن پاڪ ۽ حديث کي گڏي اظهار ڪرڻ جو سليقو سمجهه وارن لاءِ وڏو خزانو آهي، جيڪڏهن ڪنهن ڳوليو ۽ ڳولڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، جڻ دل درياهه ٻڌجي ويس. ٻئي طرف روزمره جي زندگي ۽ گذريل زندگيءَ کي هڪ جڳهه ملائي ۽ ڇنڊڇاڻ ڪري سامهون آڻڻ وارن فلاسفرن به ڪمال ڪيو آهي، دنيا جو سچو رواج جيڪڏهن اڄ قائم آهي ته قلم جي ڪوشش جو وڏو عمل دخل آهي، اڄ جيڪڏهن مذهبي ڪتاب موجود آهن ته انهن جو پويان به قلم جو ڪم آهي، جنهن وقتن به وقتن انهن جا تفسير بيان ڪيا آهن. مقدس ۽ پاڪ ڪلام قرآن پاڪ جي موجودگي ۽ ان جو گهڻو ڇيڇڻ به انسانيت جي بقا لاءِ وڏو سهارو آهي، جيستائين قرآن پاڪ موجود آهي تيستائين هر قسم جي ظلم ۽ جبر اڻ برابريءَ کان وٺي سڀ بدڪارين کي ننديو ويندو، هڪ اهڙو رستو ۽ سبق حاصل ٿئي جنهن ۾ زندگيءَ کي سونهن ۽ سينگار ملڻ کان وٺي پاڪيزه ناهڻ جا گس فراهم ٿين ٿا. انسان جي پيدائش کان وٺي اختتام تائين سڀ ڪجهه بيان ٿيل آهي، پر سمنڊ ۽ خشڪي، ستارا ۽ چنڊ تارا سمجهه ته سڄي سائنس منجهه موجود آهي، زندگي کان بعد به اچڻ واري زندگيءَ جو احوال ملي ٿو، جيڪو هڪ انسان پِٽِ وانگر ماٺ ۾ به آهي قلم ان گونگي کي لکڻ جي زبان ڏئي ٿو.



# نئون ڏڳو نار ۾، وَهي ٿو واپار ۾

نئين هر ڪا شيءِ وڌيڪ تيزي ڏيکاريندي آهي، جيئن پنهنجا پير پڪا ڪري، نئين ڪنوار نوان ويس ان لاءِ ڪندي آهي جيئن ڪنوار ٿي رهي پوءِ جيترا ڏينهن رهي، جيڪڏهن هوندس مڙس کو لالو موالي ته ويهاريندس پهرئين ڏينهن چلهه تي، سو به ديوين جي آلين ڪاٺين تي، پوءِ ته ڪنوار وارا نخرا ته نهيو پر ونواهه وارا ڪاڏا به وسري ويندس، ائين مسجد ۾ موذن وڏن زورن سان ٻانگون ڏيندو آهي جيئن پاڙي واريو ماسيون ۽ نانيون ٻُڌن کو سٽيو ٽڪر موڪلين.

ائين نئون نئون جٽ مارڪيٽ ۾ پنهنجي مائٽن جي ڪمائي تي انٽري ڪرائيندو آهي، ڪوشش ڪندؤ هلندڙ وقت ۾ ضروري آهي ڀلي ٽپڙ وڪڻي پر ويگو گاڏي قرض تي به ڪڍين پر نمائش لاءِ اهو پهريون قدم ڪڍبو ضرور، ان سان گڏ سيٽون ڀلي سڀ خالي هجن، پر ڏالي ۾ کو نشائي موالي هيروئني کي ڪا ڦتل بندوقڙي ڪلهي تي رکائبي ضرور پوءِ ويچارو اهو چرسي جيڪو پنهنجو پاڻ مان بيزار، وزن نه پنهنجو ڪجئيس وري گٽيل ۽ خالي ڪاٺ ڪٽان ڪٽي، هن جو ساهه پيو وڃي نندڙو رئيس رونشي ۾ خوش، ائين نئون ڪلاڙي پري کان ڇَڪا چونڪا ڏسي ڪرڪيٽر ته ٻڄڻ جو شوق ميدان ۾ ڪڍي آيس، لڳيس نه پٽر وارو ڏرو ٻئي هٿ شلوار الاهي گهوڙا يوئنس پيشاب هاڻي ڪيئن ڪندس، اهو اڳ ۾ سوچڻو هو.

ائين نئون نئون صحافي موبائل اُڌار تي قسطن تي ڪڍي اچي مارڪيٽ ۾ لٽو بين جي واڪاڻ پڏي، خبر کو نه پئي وڏو حق سچ جو شوقين بنجي پيو، مٿان اُڦٽ مار جي، پوءِ ته بابلا هڪڙا پُنا نوان وري

مٿان سونٽا نوان پوءِ دانهون بہ صفا نئيون نئيون ۽ آوازن کا سُر کڏهن پيروي کڏهن اسان واري کوهياري مان مالڪوس پيو ڳائي، ٻُڌڻ وارن بہ واهہ جا مزا ورتا. سڄي مارڪيٽ اڳئي لوڊشيڊنگ جي افراتفري ۾ ڪاوڙيل هئي مٿان وري سواءِ ٽڪيٽ جي تفريح پوءِ تہ ماشاءالله.

اڄين وري نئون زميندار پٽس جي فوتگي جي ڪري اچي زمينن تي ڪڙڪيو پاڻ کي ٻج، ٻج کي پاڻ پيو ڪري جنهن هميشہ ناشتي ۾ ڪارا بسڪوٽ ڪاڏا هجن ان کي ڪيڪن جي ڪهڙي خبر. اهو اڄين ٿيو جو مولو وارو يار تولو جي ڳالهين ۾ اچي شامتي پهلوان سان ملهہ ٿو وڙهي خبر تڏهن پئي جو شلوار ۾ چاچي آدم واري دعوت جي ماني سڀ جمع ٿي اچي سائين سرمائي جي هنج ۾ ڪري، پوءِ تہ ملهہ تہ ملهہ جي جاءِ پر شلوار ۽ سائين سرمائي ٻئي فقير لڪاني جي ڪنڌ ۾، ڏوٻي ڪٿان ملي، ڦاٽي وڃي ماسي سپاڳي ويچاري، جنهن کي ڪو ڪٽڪ جو ڪٿو مفت ۾ مليو هو.

اڄين سيٺ راضي رکت تي اچي نئون سيٺ ٿيو بہ ٿي خوشامندڙا اهڙا اچي مٿي لڳس جو هڪ هفتي ۾ سيٺ پڪوڙن جو ٿالهہ هٿ ۾ ڪريو پئي گهميو. اڄين وري نئون فقير پير پرديسيءَ جي صحبت ۾ اچي ميدان ۾ لٿو ڦيٽا سور ٻيٽا. فقيريون سڀ نڪريون اڄين ٿيون جڻ نديم ناسوري جا وارا نانگ مٽڪن سميت ڳچيءَ ۾، سو نئون ڏڳو پانجاري ۽ گڏ سلهاڙيل پراٽو مندو ڏڳو بہ هلائي ڇڏيائين. چون تہ سياڻا تہ ڀَٽُ ٽاري ڪائجي خوامخواه وات نہ ٻارجي.



# هڪڙو انڊو، پيو گُهمي ڪيڙيءَ ۾

جڏهن سج جي روشني هلڪي ٿيندي ويندي آهي، تہ هر طرف انڌيرو ڇانئجي ويندؤ آهي ۽ هر ڪو چوندو يار رات ڪاري ٿي وئي يعني اونداهي اونداهي، پوءِ ڪو متبادل روشنيءَ جو بندوبست ضروري ڪيو ويندو آهي. آڳاٽي زماني ۾ وڏي باهہ ٻاري روشني ڪئي ويندي هئي خاص ڪري مسافر ماڻهو يا مالوند مارو جيڪي جنهگ ۾ يا سفر ۾ نڪتل هوندا هئا. باقي ٻهراڙين ۾ مٽيءَ جي تيل جا ڏيئا وغيره روشن ڪيا ويندا هئا ۽ امير ماڻهو شمعدان روشن ڪندا هئا. اڄين پوءِ لائيٽ بجلي جو دؤر وريو جنريٽر ۽ شمسي توانائي جو رواج وڌيو، هر طرف مصنوعي روشني رات کي بہ روشن ڪري ڇڏيو ۽ انسان رات جو آرام ڪرڻ جي بدران روشنين ۾ جاڳڻ کي پسند ڪرڻ لڳا. انساني عادتون تبديل ٿينديون ويون. ڏينهن وارا ڪم رات جو ۽ رات وارا ڪم ڏينهن جو ٿيڻ لڳا. هر طرف نوان نوان رواج ۽ نظام لاڳو ٿي ويا. ٻين ڪاڏي پيتي جي شين وانگر سج جي روشنيءَ بہ شمسي توانائيءَ جي نالي سان ذخيره ٿيڻ لڳي، وري وسڪاري جي صورت ۾ ڪنوڻ ۽ آسماني روشني وڏيڪ جوهر ڏيکارڻ لڳي، اڄين آسمان تان هيٺ زميني سفر ڪندي رهي، ان سان جاني ۽ مالي نقصان ٿيڻ لڳا. ڪنهن چيو تہ اهو ڏوهہ شمسي توانائيءَ وارن جو آهي، ڪنهن وري ڏوهہ موبائل فونن جي بيجا استعمال تي هنيو ليڪن جيترا وات اوتريون تشريحون يقينن ٿيٽيون آهن.

هاڻي اچون ٿا ان اونداهي ۾ نابينا پن تي، نابينا پن جسماني، خارجي ۾ داخلي سان گڏوگڏ معاشرتي، ماحولياتي، روحاني، اخلاقي ۾ تربيتي بہ ٿيندو آهي، جتي روشني نہ هئڻ جي ڪري اُهي سڀ نقصان پوڳڻا پوندا اتي اُن جي لپيٽ ۾ سچي انسانيت اچڻ يقيني آهي، اهڙي اندهيري جي انڌي پن ۾ جيڪڏهن همراهہ ڪم ڪري بغير روشنيءَ جي، تہ هاجيڪار ثابت ٿيڻ نصيب نہ پر نابينا پن سڏائيندو ائين جيڪڏهن عقل جو انڌو ڏاهپ جو ڏجيون ڏارو ڏار ڪندو، وقتي ڏنار رڙيون زور سان ڪرڻ سان گڏ روشني عقل ۾ آڻڻ جي هر ممڪن ڪوششون وٺندو، ائين علم کان وانجهيل نابينا نقلي علم جوڙيندو تہ سياڻا ماٺ ڪو نہ ڪندا ضرور پنهنجي حال سارو هٿ هٽندا، ائين جيڪڏهن معاشري ۾ سماج بدڪاري ۾ بدي جو اونداهو انڌيرو نمودار ٿيندو تہ سچائي ۾ خير جا پارکو ولولا جاکوڙي جاري رکندا، ايستائين جيستائين روشني معاشري کي روشن نہ ڪري، نہ تہ انڌا زرخيز ۾ آباد زمينون ڇڏي بنجر ۾ کيڙي ۾ کڙن ۾ وچڙي وجي اونڌي منهن ڪرندا نہ تہ ٻيو ڇا ڪندا.



# روز روز نئين کوهہ جو پاڻي نہ چکجي

استقامت ۾ هڪجهڙائي انسان کي قابليت سيکاري ٿي، در در سين هٽڻ وارو گهڻ منهن وارو قرار ڏجي ٿو چوندا آهن هيءَ هڪ ڳالهہ وارو آهي يعني اعتبار جي لائق آهي، جيڪو سڄو ڏينهن ڳالهيون تبديل ڪندؤ رهي جيئن اسان وٽ همراهہ پارٽيون ائين ٽا مٽائين جيئن شوقين برگر جوان ڪپڙن جا جوڙا، ائين سنگتون واسطا دوستيون وفائون سج جي پاڇولن وانگر گم ٿيو وڃن، افسوس اهڙا انسان صبح جو جنهن جي تعريف ڪندي ڏنا ٿا وڃن شام جو اُهي وري چانهہ جي پيالي وانگر ڏُک ڏُک سان گلائون ڪندي مور نہ ڍاپن، ڪن کي وري عادتن ٻڪريءَ وانگر ٻتيهہ ۾ اُٺ وانگر ڇتيهہ ٻوٽيون کائڻ جي عادت هوندي آهي.

ائين جيڪڏهن اليڪشن جا ڏينهن اچن ٿا تہ خاص ڪري هڪڙو شوقين ٽولو سيني وڏيرن ۾ پوتارن جي اوطاقن جا چڪر هڻڻ اُتي ڳاڙها ٻوڙ چکڻ سنگهڻ ۾ وڏي ڪاميابي سمجهي ٿو، وري هڪڙو ٽولو اهڙن وڏن ماڻهن سان سيلفيون ڪيرائي سوشل ميڊيا تي رکڻ ۾ وڏو ڪارنامو سمجهي ٿو پوءِ ڏٽي سچاٽي نہ سچاٽي پاڙي وارا ۾ گهر واري جي هوندي تہ اها ويچاري ڦاٽي، چوندا تہ ڏسو اسان هاڻي وڏا ماڻهو بڻجي ويا آهيون.

ائين وري فقيرن ۾ عمليات جا شوقين بس راتو رات مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ پيا ڳولين اهڙا ماڻهو جن وٽ ظاهري وڏاءُ ۾ رک رکاو جهڙا اسباب موجود هجن، هاڻي تہ اهڙا عامل وڏين گاڏين جي پروٽوڪول ۾ وڏن

وڏن نالن وارن کي پاڻ سان گڏ کڻيو گهمندا وتن ۽ سفارشون بہ ڪرائين تا پوءِ ظاهر آهي دنيا ويچارڙي اوڏانهن منهن ڪري ٿي رڪاوٽون ختم ڪرڻ لاءِ. جيڪو فرد هميشہ پنهنجو پير هڻي جي جُتيءَ ۾ وجهڻ جو عادي هوندو ان کي تڏهن خبر پوندي يا جُتيءَ وارو وچ ميدان ۾ جهلي ڪيڏندس ڦيهہ يا جُتي ننڍي وڏي جي چڪر ۾ يا وري اُبتي سبتي يعني هڪ پادر هڪڙو ٻيو وري ٻيو بهتري هميشہ ان ۾ ئي ليکبي آهي ويساهہ ۾ واعدا قول قرار جيترا مظبوط هوندا اوترو اُهو انسان سماج منجهہ هڪ ڳاله وارو ليکبو باقي هڪ کوهہ جو پاڻي ڪارو سمجهي وري ٻي ڏانهن منهن ڪري ڏسڻ وارو پلي ڪان پلي جي ڳولا ۾ زندگيءَ وڃائي ويهندو پر مطمعن مشڪل ٿئي.

هڪ ڏينهن جڏهن تولو مولو گڏجي خيرات جي ماني کائڻ لاءِ سائين لڪاني سان گڏ نڪتا تہ وچ ۾ سرمائي سائينءَ اچي گڏيو خبرون چارون ونڻ بعد چيائين نيڪ آهي پر هيڏانهن اچ فلاڻي ڪمدار جي ماني جي وڏي ڳالهہ ٻڌي اٿم اچ ڏسون تا اوڏانهن هلجي. ايتري دير ۾ وڏن سلامن سان چاچو چنبر خان اچي لٿو مڙئي حال احوال کان پوءِ ٻڌايائين پاڙي ۾ وڏي سياسي پارٽي آهي ڏاڍا هرڻ ۽ تتر آندا اٿن ڪڏهن ڪاڌا ڪو نہ اٿئون. مون واري چوڪر کي وڏيري جي چوڪر دعوت بہ ڏني آهي ۽ سنگت ساٿ کي آڻڻ جو چيو اٿن. اچو تہ اوڏانهن هلون. همراهہ سڀ صفا مُنجهي پيا وات ۾ پاڻي نارا ڪريو پيو وهي. نيٺ آخرڪار تترن ۽ هرڻن ماري وڌو. گڏجي سڪندي وڃي پهتا دعوت بہ پڄاڻي تي پهتل هئي. وڃي اوبرن تي مارو ڪيون بس تترن ۽ هرڻ جو هڏيون گڏ ڪري ٿيلهي ۾ ٻڌي ڪنيائون تہ سنگت ساٿ ۽ گهر وارن کي ٻڌائبو تہ اسان اچ تتر ۽ هرڻ ڪاڌا آهن. بس تڏهن چوندا آهن پنهنجي پاروٽي. تازن ٽڪرن ڪان بهتر آهي جتي ڪپڙا بہ ڦاٽن ذليل رسوا بہ ٿيڻو پوي.



# سيد غلام حيدر شاهہ قلندري جا

| ڇپيل ڪتاب | ايندڙ ڪتاب |
|---|---|
| 1. منهنجا سهڻا سڄڻ (ڪافيون) | 1. ميدانِ عشق (تقريرون) |
| 2. پلي چريو چون ماڻهو (غزل شاعري) | 2. وارداتِ عشق (تقريرون) |
| 3. نرتئن منجهان نينهن (فضائل دُرود پاڪ) | 3. باغِ وفا جون رمزون |
| 4. هو جي هليا هنگلور (نثر) | 4. لفظن جي جار (شاعري) |
| 5. گونجيا گيت حيدر جا (شاعري) | 5. سب کچھ چلتا ہے |
| 6. آذانِ عشق (تقريرون) | 6. انعامِ عشق (سوالن جا جواب) |
| 7. چنڊ چهرو محبوب جو (شاعري) | 7. بے سمجھی کی باتیں (اردو شاعری) |
| 8. پرينءَ جي پار جون ڳالهيون. | 8. رازِ عشق |
| 9. سڄڻ جن کي سڏيو | 9. چوڏهينءَ وارو چنڊ |
| 10. اعلانِ عشق (تقريرون). | 10. روميءَ جي اوطاق |
| 11. آثار قيامت | 11. جهونن جي جهوپڙي |
| 12. انتقالِ عشق وصالِ يار (شاعري) | 12. ورتم پر پٽائي جي |
| 13. نچوڙيو نينهن جن کي | |
| 14. هدايت نامہ سلوڪِ قلندري | |
| 15. وفاءِ محمد ﷺ | |
| 16. سفرِ عشق | |
| 17. رڳون ٿيون رباب | |
| 18. منيون پيڙي پچ | |
| 19. مقامِ محبت ﷺ | |
| 20. Salient Message of Sufism | |
| 21. ٿهڪن ۾ ٽاڪوڙا | |